

وشواک

موہن کلپنا

وشواس

ناول

موهن ڪلپنا

سنڌي ساهت گهر

پوسٽ باڪس نمبر ٢٩،

جنرل پوسٽ آفيس حيدرآباد سنڌ.

قيمت: پنڌرنهن روپيا.

عزيز ڪتاب گهر
بيراج روڊ سکر

هن ڪتاب جا سڀئي حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: وشواس
ليکڪ جو نالو: موهن ڪلپنا
موضوع: ناول
ڇاپو: پهو
ڇپجڻ جي تاريخ: سيپٽمبر ١٩٨٧ع
تعداد: هڪ هزار
ڇپيندڙ: سهڻي پرنٽرز، آلهند و ڪڇو، حيدرآباد سنڌ.
پهريون ڇاپو: سهڻي ڪتاب گهر، بمبئي ١٩٥٩ع
[سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ]
ڪتاب نمبر: سو رنهون

لکپڙهه لاءِ ائڊريس:
پوسٽ باڪس نمبر ١٩،
جنرل پوسٽ آفيس
حيدرآباد، سنڌ.

انگريز شاعرا ايليزبيٿ برائننگ

جي

سنڌي ليکڪا شريمتي

سندري اتمچندائيءَ

جي نالي

دوهن ڪلپنا

'yes' I answered you last night,
'No' this morning, Sir, I say,
Colours Seen by Candle-Light'
Do not Look Same by day.

Elizabteth Browning

اسين پاڻکي اينده نسل ۾ ڏسون،
امرتا کي پاڻ جو بس اهو ئي وشواس آهي.

— سندري اتمچندائي.

ٻه اکر

سنڌيءَ جي مشهور ليکڪ، موهن ڪلپنا جو هي ٽيون ڪتاب آهي، جيڪو 'سنڌي ساهت گهر' حيدرآباد طرفان ڇپجي رهيو آهي. هن کان اڳ ساڳي اداري طرفان موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جي مجموعي 'چانڊوڪي ۽ زهر'، جو ٻيو ڇاپو ۽ ناول 'زندگي' جو ٻيو ڇاپو، ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. هيءَ ناول 'وشواس' ٽيون ڪتاب آهي، جنهن جو به هيءُ ٻيو ڇاپو آهي. هن کان اڳ ۱۹۵۹ع ۾ 'سهڻي ڪتاب گهر' بمبئي وارن هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ڇپرايو هو. يعني هيءَ ناول پهريون دفعو اُن سال ۾ ڇپيو هو، جنهن سال مان ڄائو هوس. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي ته هن ڪتاب ۽ منهنجي ڄمار هڪ جيتري آهي.

موهن ڪلپنا، سنڌيءَ جو ناميارو ليکڪ آهي. موهن ڪلپنا جو نالو وٺجي، اهو ئي ڪافي آهي. تعارف هن شخصيت جو، سندس نالو ئي ڪافي آهي. سنڌ ۾ جنم وٺندڙ اسان جو هيءُ پيارو ليکڪ اڄڪلهه سنڌ کان پري آهي سچ هيءُ آهي ته موهن، وطن ڇڏيندي جيڪو درد پاتو هو، ان درد جو اولڙو سندس هر لکڻيءَ ۾ نظر ايندو. هر جملي، هر سٽ مان سندس اهو درد ۽ ڏک جهلڪيون پيو ڏيندو آهي. عرصي گذرڻ کان پوءِ به موهن جي من ۾ اهو درد اڃا به تازو ۽ توانو آهي.

موهن، درد جو ليکڪ آهي، غم جو ليکڪ آهي. مايوسين ۽ اميدن جو ليکڪ آهي. الائي ڇو ائين محسوس ٿيندو آهي ته وطن کان وڇڙڻ واري غم کيس نڍال ڪري ڇڏيو آهي. سندس هيانءَ بدل بدل محسوس ٿيندو آهي. شايد ائين ڪري ته سدائين هيءُ سوال سندس پيڇو ڪندو رهندو آهي ته هو مرڻ کان اڳ سنڌ، ڇهڙي مٽي ۽ پياري ماتر ڀومي ڏسندو به يا نه؟

موهن، هند ۾ سنڌيءَ جي انهن اديبن ۾ شامل آهي؛ جن گهڻو ڪجهه لکيو آهي ۽ ڏاڍو سٺو لکيو آهي. سنڌيءَ جو سٺو ۽ معياري ادب تخليق ڪيو آهي. ادبي ڪيتر ۾ موهن پنهنجا دوست ۽ گهڻگهرا به ڪافي ڏاهي سگهيو آهي ته دشمن ۽ ويري به. گهڻا کيس داد ۽ تحسين جو ڳين نظرن سان ڏسندا آهن ته ٻيا کيس فحاشت ۽ اگهاڙپ جو ليکڪ سڏي مٿس الزامن جي بوڇاڙ شروع ڪندا آهن ۽ پاڻ به ان ڳالهه جو اقرار ڪيو اٿس ته هو سنڌي ادبي دنيا ۾ چڱو تڪراري ليکڪ سڏبو آهي.

سنڌ ۾ سنڌيءَ جا پڙهندڙ، هند ۾ ڇپجندڙ سنڌي ادب کي چڱي نموني پڙهي ۽ پروڙي نه سگهيا آهن. ان جو ڪارڻ ڪتابن جو نه ملڻ آهي. ڪو هڪ اڌ ڪتاب هتي سنڌ ۾ پهتو ته جنهن جي هٿ ۾ پهچندو اهو هٿ ۾ ٻڌي گوڏي هيٺان رکي ويهندو ۽ پوءِ اها ورڻول شروع ڪندو ته وٽس هندستان مان فلاڻي اديب طرفان سندس ڪتاب پهتو آهي جنهن جي ڇپائي جا ڪل اختيار وٽس آهن. پوءِ سندس حلقي جا ماڻهو ان کان اها تقاضا ڪندا رهندا ته يا ته پڙهڻ لاءِ

ڏيو يا ڇپرايو ته سڀ پڙهن. پر همراهه ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪريو ڇڏين. نتيجي ۾ سنڌ ۾ رهندڙ، سنڌي ادب جا پڙهندڙ، هند ۾ ڇپجندڙ سنڌي ادب کان گهڻو ناواقف آهن. اِن ڪان وڌيڪ ستم ظريفي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي ته موهن جو هيءُ ناول ١٩٥٩ع ۾ هندستان ۾ ڇپيو ۽ اٺاويهن سالن تائين، سنڌ ۾ نه ڇپجي سگهيو. ائين نه معلوم سنڌيءَ جا ڪيترا پلا ۽ بهترين ڪتاب به اتي ڇپيا هوندا، جن جي نالن جي به اسان کي خبر ڪانهي.

آءٌ اڻ راهه جو آهيان ته سنڌي زبان ۾، ٻاهر ڪٿي به جيڪڏهن ڪو ڪتاب شايع ٿئي ته اهو هتي ڇپجڻ گهرجي. جيئن اِها پروڙ پئجي سگهي ته سنڌ ڪان ٻاهر، سنڌي ادب ڪيترو وڌي ويجهي رهيو آهي. نه رڳو ٻاهر ڇپيل سنڌي ڪتاب، سنڌ ۾ ڇپجڻ گهرجن پر ورهاڱي ڪان اڳ به جيڪي سنڌيءَ ۾ ڪتاب شايع ٿيا هئا، آهي به گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو وري ڇپجڻ گهرجن. ڇاڪاڻ ته اهي هن وقت اسان وٽ موجود ناهن. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته سنڌيءَ جا پڙهندڙ پنهنجي ماضيءَ کي وڃائي چُڪا آهن ۽ سچ هيءُ آهي ته سنڌيءَ ۾ ڏاڍا بهترين ۽ شاهڪار ڪتاب ڇپيا آهن، جيڪي اسان جي ادبي تاريخ جو انتهائي املهه اثاثو آهن.

’سنڌي ساهت گهر‘ طرفان اِها ڪوشش جاري رهندي ته هن ننڍڙي اداري کي اِها سعادت پلئه پوي ۽ هو سنڌيءَ جا اهي بهترين ڪتاب، هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي پڙهندڙن تائين پهچائي سگهي ۽ اُن سان گڏ نوان ۽ نڪور ڪتاب

به وقت بوقت ڇپرائي سگهي. ان سلسلي ۾ هند توڙي سنڌ جي لکندڙن ۽ پڙهندڙن کي گهرجي ته سنڌ جي هن ننڍڙي پر وڏي تمنا رکندڙ اداري سان ان سلسلي ۾ سهڪار ڪن جيئن انهن ڳالهين کي رڳو ڳالهيون ئي نه چئبو وڃي.

ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته هاڻي سنڌ ۾ سنڌي ادب جي ودڌ ۽ ويجهڻ جا ڪافي امڪان آهن ۽ ڪافي ادارا ان جي واڌاري لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اسان سان به اسان جي مهربانن جو تعاون رهيو ته اميد ته اسان به پوئتي نه پوندا سين ۽ سنڌي ادب جي جهول ۾ اهي انمول تحفا ڏئي سگهنداسين، جن کان اسان جا پڙهندڙ محروم آهن.

موهن ڪلپنا جو هيءُ ناول، رڳو شيکر، شيلا ۽ شاردا جي ڪهاڻي ڪانهي، پر هيءَ هڪ ليکڪ جي وشواس جي ڪهاڻي آهي. هڪ آزاديءَ جي متوالي، قومي ڪارڪن جي پريم جي ڪهاڻي آهي. جيڪو وطن جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ آهي. آزاديءَ جي ويرين سان وڙهڻ لاءِ نڪتل ان قومي ڪارڪن جي ڪهاڻي آهي، جيڪو اها اميد ڪٺي نڪتو هو ته هو وطن جي ويرين جي ننڊ حرام ڪري ڇڏيندو ۽ ان کي اهڙا گهاوَ ڏيندو جو هو سندس وطن مان پنهنجا ٽڏا ويڙهي ويندو. پر هو پاڻ ڪنهن جي نماڻن نيڻن ۽ سپاجهي مرڪ هٿان پنهنجي ننڊ ڦٽائي ويٺو ۽ پاڻ گهاوَ کائي ويٺو. هيءَ انهن گهاوَن جي ڪهاڻي آهي. اُن پيڙا ۽ اُن درد جي ڪهاڻي آهي.

هيءَ اُن مسڪين اديب ۽ ليکڪ جي ڪهاڻي آهي.

جيڪو شيلا سان محبت ته ڪري ٿو ۽ اُن کي ماڻهن لاءِ، هر جتن ته ڪري ٿو ته شيلا ڪان، جيڪا سنڌ جي قومي ڪم ۾ ساٿياڻي به آهي، محبت جي تقاضا ته ڪري ٿو ۽ ان سان شادي ته ڪرڻ چاهي ٿو، پر شيلا ان جي نه ٿي بڻجي سگهي. هيءَ ڪهاڻي شيکر جي اُن عجز ۽ ايلاز جي ڪهاڻي آهي. شيلا جي ڏاري ۽ پرائي هجڻ جي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي شيکر ۽ شيلا جي ڏڦيندڙ محبت ۽ جدائيءَ جي ڪهاڻي آهي، وڇوڙي ۽ ميلاپ جي ڪهاڻي آهي.

هيءَ ڪهاڻي، انهن جي ڪهاڻي آهي، جن لاءِ مون لکيو آهي: "جيون ياترا ڪندي، سفر ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪي اهڙيون به شخصيتون ملي وينديون آهن، جي ملنديون آهن وڇڙڻ لاءِ ۽ وڇڙنديون آهن وري ڪڏهن به نه ملڻ لاءِ.... ان ملڻ جي سپنن جو ڪوبه سلسلو نه هوندو آهي. زندگيءَ کي مون هڪ ليکڪ جي ڪهاڻيءَ جيان ڪڏهن به نه سمجهيو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ زندگي باسلسلي هوندي آهي.... بامقصد هوندي آهي.... ليڪن اصل ۾ زندگي هڪ سڌي ليک تي هلندڙ ڪائي گاڏي ڪانهي.... ڪوئي جهاز ڪونهي، اهو ته هڪ آزاد پنڇي...."

۽ هيءَ اُن آزاد پنڇيءَ جهڙي زندگيءَ جي ڪهاڻي آهي، هيءَ انهن شخصيتن جي ڪهاڻي آهي جيڪي زندگيءَ جي راهن ۾ هلندي ملنديون آهن وڇڙڻ لاءِ، وڇڙنديون آهن، ڪڏهن به نه ملڻ لاءِ....

هيءَ ان اديب، ليکڪ ۽ قومي ڪارڪن شيکر جي ڪهاڻي آهي، جنهن شيلا جي ڏنل درد گهٽائڻ لاءِ شارداجو سهارو

ورتو ۽ ان کي پنھنجو سڀ ڪجھ سمجھيو. ھيءَ ان سھاري ۽ وشواس جي ڪھاڻي آھي. ھيءَ انھن احساسن ۽ جذبن جي ڪھاڻي آھي، جن احساسن ۽ جذبن شيڪر جي سڄي ڪائنات شاردا کي ناھيو پر ھو شاردا جي نظر ۾ واندو ھو... ڪجھ به نه ڪندو ھو... ڪنھن به ڪم جو نه ھو... اديب ھو... ليکڪ ھو... قومي ڪارڪن ھو... ڪجھ به ڪونه ھو... رڳو ھو. ھيءَ ان تيج ماڻھوءَ جي ڪھاڻي آھي جنھن جي سيني ۾ لازوال محبت ھئي، ھيءَ ان لازوال محبت جي ڪھاڻي آھي...

ھيءَ ڪھاڻي ان پريميءَ جي ڪھاڻي آھي، جنھن کي پريم جي بدلي شڪستون، نااميديون ۽ نراسپ پلئه پئي. ھيءَ ان پريم، ان شڪست، انھن نااميدين ۽ نراسپ جي ڪھاڻي آھي پر مايوس ڪندڙ ناھي... شڪست ڏيندڙ ناھي... موھن بقول:

”شڪست جُھڪڻ ۾، ھٽڻ ۾، سنگھرش کان منھن موڙي پڇڻ ۾ آھي. ناڪامياب وڃڻ ۾ نه آھي. جو ته ان ناڪاميابيءَ ۾ سنگھرش ۽ صرف سنگھرش آھي. لڙندي، ٽڪبو ھرڪو آھي. ڪجھ پڇندا به آھن، مگر عارضي طور. جو جو جھڪڻ ۽ ڀاڄ انسان جي بنيادي سڀاءَ جي خلاف آھن، جنھن لاءِ سنسار حو سمورو ساھت ۽ انساني تاريخ ساکي آھي.“

۽ ھا ھيءَ ڪھاڻي انوقت جي آھي جڏھن 'موھن' سنڌ ۾ رھندو ھو ۽ ڪراچيءَ جي ڪاليج ۾ پڙھندو ھو. ھيءَ انھن آخري يادن جي ڪھاڻي آھي، جيڪي سنڌ جي

نشاني طور اچا ٻه موهن جي من ۾ محفوظ آهن.

هيءَ سنڌ جي ڪهاڻي آهي. سنڌ جي سيني ۾ پلجندڙ ڪن محبت ڪندڙن جي ڪهاڻي آهي. سنڌ جي هڪ ليکڪ جي ڪهاڻي آهي....

هن ناول جي اِها خوشقسمتي چئجي جو هو سنڌ جي ڌرتيءَ تي سرجيو ۽ ان جو خاڪو هتي جي ئي ڳالهين تي تيار ٿيو. هونئن ته موهن جي هر لکڻيءَ ۾، ڪنهن نه ڪنهن طرح سنڌ، سنڌ ڍِين، سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت، ماڻهن جي ريتن ۽ رسمن جو ذڪر هوندو ئي هوندو آهي پر اُها ڌرتيءَ کان دور رهندڙ موهن جي خيالن جي اڏام هوندي آهي. پر هن ناول ۾ ته ڳالهه ئي ٻي آهي. جنهن کي پڙهندڙ دوست سمجهي سگهندا.

'سنڌي ساهت گهر' کي اها اُميد آهي ته 'موهن' جو هيءُ ناول پڙهندڙن وٽ مان ماڻيندو. اسان کي پنهنجا ڪتاب، سنڌيءَ ۾ ڇپيل پراڻا توڙي اڻڇپيل ڪتاب موڪلي ڏيو. اسان پنهنجي اداري طرفان انهن کي ڇپرائي خوشي محسوس ڪنداسين.

ڏنو.

۲۲- سيپٽمبر ۱۹۸۷ع

—ناز سنائي

ليکڪ جي قلم مان

ناول جو آخري باب لکڻ بعد، اڄ جڏهن مان هڪ نظر ناول ڏانهن ڦيري ڪريان ٿو، تڏهن مون ۾ اهائي ڳالهه ٿي اڀري ته ناول پنهنجي وشيه جي ڪافي ڦهلاو سان بيٺو آهي ۽ ان ڦهلاو لاءِ مونکي ڪجهه نه آهي چوڻو.

سوال آهي جيون جو ارٿ ۽ وشيه آهي: وشواس. جيون جو ارٿ سنگهرش ۽ سهڪار ۾ آهي. سنگهرش جو مرڪز ڪرم آهي ۽ سهڪار جو وشواس. جيون هڪ سنگهرش آهي، اهو ته سڀ ڄاڻن ٿا، ان ڪري مون جيون جو ارٿ سمجهائيندي، ڪرم کان وڌيڪ وشواس تي زور ڏنو آهي.

پنهنجي رچنا متعلق، مونکي ان کان وڌيڪ ڪجهه به چوڻ جي اڇا نه آهي.

سنڌي ادب ۾ نئين ڪردار پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي اندرين ڀاونا جڳت جو چٽر پيش ڪرڻ جي سوال طرف اسانجا گهڻا اديب لاپرواهه رهيا آهن. ان لاپرواهيءَ سنڌي پاٺڪن کي ٻن ڳالهين کان محروم رکيو آهي. هڪ، نئيءَ جي ڪاڏي کان، ٻيو ڪردارن جي اندرين زندگيءَ جي روشنيءَ کان ـــ ليڪن گهڻي ڀاڱي، نه، بلڪل!

انسان جي سيني جي اندر ڇا ٿو وهي واپري، هنجي انت ڪرڻ جو، باهرين زندگيءَ سان ڪهڙو واسطو آهي ۽ سڀني جو هڪ ٻئي تي ڪهڙو اثر آهي،

جيستائين اهو ظاهر نٿو ڪجي، تيستائين ڪردارن ۾ پراڻ نظر نہ ايندا، انهي مونکي پورن خاطري آهي.

ان خاطريءَ کي کڻي، مان پنهنجي پني لکڻ نٿو چاهيان. پنهنجي پني لکڻ سان ڪو وڏو اڻجي ۽ نٿو سگهي ۽ نہ وري ساهت سرجڻ جو مقصد پاڻ کي وڏو ثابت ڪرڻ آهي. مون شروع ۾ لکي چڪو آهي ته مون وشواس جي اهميت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ جو نرمالا آهي، ان لاءِ صرف ايترو ٿي جاڻڻ ضروري آهي ته هنجي ڪوشش ڪامياب آهي يا نہ......

منهنجي ڪوشش ڪامياب آهي يا نہ، انجو فيصلو اکرار جو موضوع بڻجي سگهي ٿو ۽ مان سنڌي پرليءَ جو هڪ "مجيل اکراري ليکڪ" هوندي ۾ ان ڏس ۾ شانت رهان ٿو ۽ جيترو ٺيڪ پنهنجي ناول لاءِ منهنجو رايو ڪنهن حد تائين ان مان ظاهر آهي ته مون انکي اشاعت لاءِ ڏنو آهي.

مان پنهنجي شاعر دوست ايم. ڪمل جو شڪرگذار آهيان، جنهن هن ناول جي ٽن منظرن لاءِ، ٽي شعر لکي ڏيڻ قبول ڪري، منهنجي ناٽڪ جي جذبات کي سمجهڻ ۽ انکي شعر ۾ قلمبند ڪرڻ جي عنايت ڪئي آهي.

— موهن ڪلپنا

١٢-٧-٥٩ع

بلاڪ C-10/55
ڪئمپ 5، سنڌ ونگر.

بهار جي هڪ رات ......

آرام ڪرسيءَ تي ليٽي، نارايڻ شيام جو ڪتاب ڪاويه "روپ مايا" پڙهي رهيو هئس. ڪمري ۾ نيري بتيءَ جو مڌم پرڪاش هئو. مان تخيل جي دنيا ۾ پرواز ڪري رهيو هئس. مينڪا چِٽ وشوامتر کي نه، مون کي موهيو هئو؛ مينڪا ڏانهن وشوامتر نه چِٽ مان تي وڌي رهيو هئس. مگر مون کي مينڪا ۾ نظر اچي رهي هئي شاردا! شاردا، جنهن کي چِٽ مان يگن کان سڃاڻان. جنهن چِٽ هر يگ ۾ هڪ نئون روپ ورتو آهي. ڪڏهن هوءَ رتي آهي، ڪڏهن سرسوتي -

ڪڏهن اُروشي، ڪڏهن مينڪا ...... ليڪن مان نه
نه ڄڻ ٻنهي ۾ بدليو آهيان. ٻڌي چوي ٿي: اهو
من جو ڀرم آهي! شايد آهي. ليڪن ڪيترو نه
خوبصورت آهي انساني من جو ڀرم. ان ڀرم سان
سنسار جا ڄڻ سمورا مهاڪاويه تيا پنهنجا ٻڌجي وڃن
ٿا. انهن ۾ ڄڻ پنهنجوئي هڪ سناتن وراٽ روپ
آهي ...... سناتن وراٽ روپ!

هوا زور سان لڳڻ شروع ڪيو ......

يڪايڪ ڪمري جي هڪ کڙڪي زور سان ٺڪاءَ
ڪري بند ٿي ويئي: مينڪا ڄڻ هوا جي هڪ
جهونڪي سان ڪتاب مان نڪري نه معلوم ڪيڏانهن
هلي ويئي. هڪ پلڪ اکيون ڇنڀيم. ٻيءَ گهڙيءَ
ڪتاب مان نگاهه هٽائي مون پلنگ تي سمهيل شاردا
ڏانهن نهاريو. نيري روشنيءَ ۾، شاردا جي جسم جو
اڌ مٿيون حصو، مٿان چادر نه هئڻ ڪري رومانٽي شعر
جو روپ وٺي بيٺو هئو. منهنجو ڌيان پلڪ بعد ڇت
واري ٻاري مان نظر ايندڙ پورنماسيءَ جي چنڊ ڏانهن
ڇڪجي ويو. مان مونجهي پيس ته نظر ڪنهن ۾ ڄمايان -
شاردا ۾ يا چنڊ ۾-؟ ماحول افسانوي معلوم ٿيو؛ مون
يڪدم دل تي دل ۾ قبول ڪيو ته مان جيون پستڪ
جي ڪنهن نئين باب ۾ پرويش ڪري چڪو هئس.

ڪتاب بند ڪري، ڪرسيءَ تان اٿي وڃي شاردا
جي پاسي ۾ ويٺس. آهستي مون هن جو سر

پنهنجي گود ۾ رکيو ۽ هنجي ڪيس ۾ آڱريون اُلجهائي، هن جي پيشانيءَ تي لڳل تلڪ ڏانهن نهاريو.

شاردا، استرين جي ان حلقي مان آهي، جي هوا جي هلڪي جهونڪي، هٿ جي هلڪي ڇهاءَ، يا ڪنهن هلڪي آواز تي ننڊ مان اُٿي ڪڙيون ٿينديون آهن. مون هنجي تلڪ ڏانهن نهاريو، ليڪن هنجي اکين منهنجي نظر کي رستي تي روڪي منهنجو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو. هن جي اکين ۾ ننڊ ۽ جوانيءَ، ٻنهي جو خمار هئو. تڏهن مون کي هڪ اُن شخص جي ياد آئي، جنهن باغ ۾ وڻن جي پنن ۽ پرڀتما جي ساڙهيءَ جو رنگ ساڳيو ڏسي هڪ گيت ٻن سرن ۾ ٻڌو هئو. ليڪن مون کي شاردا جي اکين مان ٻه گيت هڪ سر ۾ ٻڌڻ ۾ آيا. هڪ گيت جوانيءَ جو هئو ۽ ٻيو ننڊ جو. ٻنهي جي خمار هڪ اٿوڪو سر ٻڌجي، منهنجي سيني ۾ طوفان برپا ڪري ڇڏيو.

شاعر نه آهيان تہ . ڇيم:

هيءَ جوانيءَ ننڊ جو هي خمار .
هڪ ئي موضوع جا ٻه فسانه آهن

هن پاسو ورائي، پنهنجي ٻنهي ٻانهن سان مون کي قابو ڪري ڇيو، ”خوب!“

ٻانهن جو هلڪو زور، رد-عمل ۾، منهنجي زبان تي، ڪويتا جون ٻه سٽون ٻيون نه ڪڍي آيو:

مستي شباب ۾ آ شوخي، نهار ۾ آ
موسم بهار جي اچ پوري بهار ۾ آ

۽ پوءِ رنگ ۾ اچي شعر مٿان شعر عرض ڪرڻ لڳس.

جيون جي هر ڏينهن هڪ ڪهاڻي ۽ هر رات هڪ ڪوِتا جو روپ ورتو هئو. شاردا کي پاڻ لاءِ مونکي ڪيترو نه سنگهرش ڪرڻو پيو هو! هن کي پائي مون سک جي ڪنهن انوکي ڌارا کي پنهنجي سيني مان ڇٽڪندو محسوس ڪيو هئو. ليڪن هاءِ ڙي هيءَ اِنساني دل! پلا ڪڏهن اها به ترپت ٿي آهي؟ شايد هر انسان جي سيني ۾ هڪ باغي رهندو آهي جو جڳ هر نهراو واريءَ چيز جي خلاف بغاوت ڪندو آهي....

پرياس جو اڪ ڪلڪ سان مون شاردا کي پنهنجين ٻانهن ۾ ڏنو. گرم پاڻيءَ جو چشمو جيئن زمين مان ڦاٽي نڪرندو آهي، تيئن اڄ دل مان سک جي هڪ ڌارا اُڇلندي نڪتي. تڏهن مون سوچيو من جي سک ٿي........

هوءَ جاڳي. آهستي، ٻانهن ۾ هوندي ٿي هن هڪ انگڙائي ڏني. مون رات جي سموري اتهاس کي ياد ڪري هن ڏانهن نهاريو.

هوءَ پهرين شرمائي ۽ پوءِ پاڻ سلجهائي اُٿي کڙي ٿي. اُٿي، هٿ منهن ڌوئي چانهه ناهڻ جون تياريون ڪرڻ لڳي ۽ مان، ”دائمي سک ڇا ۾ آهي،“ ان تي سوچڻ لڳس. هن نندي ٽيبل کي پلنگ جي پرسان آندو ۽

ٻوءِ چانهه واري ٿري اچي اٿي رکي. ان وچ ساڳئي سوال تي سوچيندو اٿيس ۽ سوچيندي ئي هٿ منهن ڌوئي اچي پلنگ تي ويٺس.

شاردا منهنجي پتني آهي- هوءِ گهر جو ڪم ڪندي آهي آيا جيان ليڪن جيون ۾ هوءِ سوچيندي آهي فيلسوف جيان. هن وقت ڪم جي ڪا ڳالهه هئي ڪانه، ان ڪري هنجي صبح ساڻ اٿي، تڪليف وٺي چانهه ناهڻ وغيره ۾ ڳالهه کي نظر انداز ڪندي سوال ڪيم، "شاردا، جيون جو اديش سک جي پراپتي آهي، اهو مان مڃان ٿو، ليڪن سک ملڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟- ۽ جيڪڏهن ڪجهه ٿئي ٿو ته ان مان به ڇا ٿو ٿئي؟- سک ته عارضي ٿي رهي ٿو. ڪجهه به من ۾ چڙ ٽڪاءُ ڪانه ٿو. تڏهن ڇا سچي زندگي شونيه ۾ آهي؟- ليڪن شونيه ۾ ته صرف تڏهن پرويش ڪري سگهبو جڏهن نرواڻ کي پائبو- نرواڻ! يعني ترشنائن کان مڪتي- ليڪن ترشنائن کان مڪت ٿيڻ جي اڇا به ته ترشنا آهي، تڏهن دائمي سک جي منزل تي پهچڻ جي راهه ڪهڙي آهي؟"

هن پنهنجي ڪوپ ۾ کنڊ جا ٻه چمچا وجهي، چانهه کي گهمائيندي چيو، "سوال کي اهڙو گهماءُ ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟"

چانهه جو ڍڪ ڀريندي، مرڪي چيم، "عادت کان مجبوري آهي مئڊم."

هن چانهه جو ڪوپ ڪڍندي چيو، ”عادت کان مجبوري، آتما جي غلامي آهي، پوءِ ان غلاميءَ کان مڪت ٿيڻ جي ڪوشش ڪر صاحب!“ ائين چئي هن به مرڪي ڏنو.

”پوءِ ته چئو مون کان تون منهنجي ٻنهي ۾ ٻار هن مون کان منهنجي پريتما آهين، ليڪن تو منهنجي ان عادت کي مٽائڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي آهي!“

”توکي پنهنجي هڪ الڳ شخصيت آهي، مون ان کي ڪڏهن به وسارڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي.“ هاڻ هن چانهه جو ڍڪ پريو.

”تنهنجي اهڙي خبرداريءَ تي مان توکي داد ڏيان، ان کان اڳ مان هڪ اهڙي ڳالهه ڏانهن تنهنجو ڌيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو، جيڏانهن هڪ آلوچڪ جو ٿيو ڌيان ويندو آهي ۽ مان شاعر هئڻ کان پوءِ آلوچڪ نه آهيان ٿي.“

”ڪهڙي ڳالهه؟“ هن سوال ڪندي جواب لاءِ خاص انتظاري نه ڏيکاري.

مون پيشانيءَ پر ريکائون ناهي چيو، ”اهائي ته اڪثر اسين هڪ ٻئي سان ائين ڳالهائيندا آهيون، ڄڻ اوسي پاسي اسان کي ٻڌڻ وارو ڪوئي ٽيون شخص موجود هوندو آهي.“

”شاديءَ کان اڳ يا پوءِ؟“

”ڪڏهن ٻ ـ ڳالهه ساڳي آهي - تون هڪ ئي وقت ٻنهي جي پرڀتما ٻ آهين ۽ ٻنهي ٻ.“

تڏهن هن ائين نہ چيو تہ جڏهن پرڀتما هئس، تڏهن ٻنهي نہ هئس، ان ڪري ڳالهہ ساڳي نہ آهي، ڇو جو پرڀتما ڪڏهن ڪڏهن تڪلف ڪان ٻ ڪم وٺندي آهي ۽ تڪلف وقت چاهي ڪوئي حاضر نہ ٻ هجي، ليڪن لڳندو ائين آهي ڄڻ سموري سماج اڳي اٿي موجود ٿي آهي ......

هوءَ چپ چاپ منهنجو منهن تڪڻ لڳي.

”ڪوئي ليکڪ جڏهن ڪائي آکاڻي، ناول يا ڪو ناٽڪ لکندو آهي تڏهن هو لکڻ وقت ناٽڪي ڳالهين ڏانهن گهڻو ڌيان ڏيندو آهي تہ فلاڻي حيثيت مسڪراهٽ - فلاڻي هيءَ ادائون ڪيون - هن طرز - بيان سان ڊائلاگ چيو - ڇو تہ ليکڪ جي من جي اڪثر حصي ۾ اهائي ڳالهہ هوندي آهي تہ اُن ڪهاڻيءَ يا ناول کي ڪوئي پڙهڻ وارو آهي - تہ اُن ناٽڪ کي ڪوئي ڏسڻ وارو آهي - ليڪن اسين زندگيءَ ۾ ٿي ناٽڪي نموني هلون، اُنجو ڇا مطلب؟“

هوءَ ڪرسيءَ تان اُٿي اچي منهنجي پاسي ۾ ويٺي. ٻئي هٿ اڳيان وڌائي، منهنجي اکين ۾ ائين نهارڻ لڳي، ڄڻ اُن جي اندر ڪجهہ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. اصل ۾ ائين ڪرڻ، منهنجي ئي عادت هئي. جانم نئي تہ هنکي ڪا خاص ڳالهہ ڇوٽي

هئي. نزديڪ هوندي هنجو سر الين لڳو جڻ دور کان ڪوئي انوکي انداز ۾ بسري وڃائي رهيو هجو. چيائين، "شيکر اها ڳالهه مون تنهنجي پريم ۾ ئي محسوس ڪئي آهي ته مان جڏهن به تنهنجي سامهون ايندي آهيان، تڏهن ائين محسوس ڪندي آهيان جڻ منهنجي اندران ئي ڪوئي مونکي مون کان دور ئي ڏسندو رهندو آهي. تنهنجيون گهريون پاوناڻ کان متاثر ٿي جڏهن مان تصور جي عالم ۾ گم ٿي ويندي آهيان تڏهن به جڻ پنهنجي اندران مونکي ائين لڳندو آهي جڻ اهو به ڪو آهي جو چاهي ٿو ته مان پاڻ ۾ نه آهيان ۽ ڪڏهن ساڳي ڳالهه تو ۾ به ڏسندي آهيان ته اڄ جو شيکر منهنجي سامهون آهي اهو ڪوئي ٻيو آهي. ڪلهه جو ڪرشي، جيتوڻيڪ تنهنجو پيار مونکي شروع کان ئي پراپت ٿيل آهي. تو ٻئين شخص جي ڳالهه ڪئي آهي نه، سا غلط نه آهي. تفاوت شايد اهو آهي جو تو اُن کي پنهنجي ٻاهر ۽ مون پنهنجي سيني جي اندر محسوس ڪيو آهي."

مون به هنجي پنهي هٿن کي پڪڙي چيو، "اُنجو مطلب اهو ٿيو ته مان هڪ ئي وقت ٻن سان پريم ڪري رهيو آهيان. هڪ تون آهين ۽ ٻي تنهنجي سيني جي اندر: توهان ٻنهي جو پريمي هڪ آهي، ليڪن تڏهن به توهين هڪ ٻئي جون رقيب نه آهيو."

هوءَ کلڻ لڳي. تڏهن منهنجو ڌيان، پنهنجي

سيني مان چنڪندڙ سک جي ڌارا ڏانهن ڇڪجي ويو . مونکي ڪم سمر ٿيندو ڏسي ، هن مونکي هلڪو جهوبو ڏيندي چيو ، " تو دائمي سک جي ڳالهه ڪئي آهي نه ؟ منهنجي ويچار ۾ اهو صرف سنسار جي شيءِ ڪلياڻ لاءِ ڪرم ڪندي پائي سگهجي ٿو . دک سيني جي زندگيءَ ۾ آهي ؛ اسين سڀ سک جي پراپتيءَ لاءِ پنهنجي زندگيءَ ۾ جد وجهد ڪريون ٿا . صرف اُن ۾ هڪ سلسلو ، هڪ ڌارا ڪپي . منهنجي سمجهه موجب جتي سنگهرش آهي ، اُتي شونيه رهي نٿو سگهي ، ڇو جو شونيه جو مرڪز اڪرم مگر سنگهرش جو مرڪز ڪرم آهي .

والميڪيءَ جي اها ڳالهه صحي آهي ته پاونا کان فرض اوچو آهي ، ڇو جو پاوڪ ماڻهو موه وس ٿي ڪڏهن ڪڏهن انياءَ جي پرواه ۾ وهي ٿو وڃي ، ٻئي طرف فرض ، ڪنهن جي شيءِ ڪاينا جو هڪ نيم آهي . نيڪ اهڙيءَ طرح ويد وياس جي اها ڳالهه صحي آهي ته فرض کان گيان اوچو آهي ، ڇو جو اهو گيان آهي ، جنهن مان خبر پوي ٿي ته ڇا سچ آهي ۽ ڇا ڪوڙ ، ڇا سکدائڪ آهي ۽ ڇا ڪشٽدائڪ ، جنهن مان پنهنجي سچي فرض جي ڄاڻ پوي ٿي ۽ گيان پائجي تو زندگيءَ جي ڪليل پستڪ مان . ليڪن زندگيءَ جو پستڪ ڏاڍي ۾ بدل ، پوش چڙهيل نٿو ٿئي . اُنجا پنا هيڏانهن هوڏانهن ٽڙيل پکڙيل ٿين ٿا . جنهن کي هر ڪو پڙهي

سگهي ٿو. مگر هر ڪو اهڙو سلسلو سمجهي نٿو سگهي. تڏهن ئي زندگيءَ جي سلسلي معلوم ٿيندي آهي. تڏهن ڪوئي ڪلاڪار، فيلسوف يا وگياني جاڳي ٿو، جو اهي سڀ پردا ڦاڙي، جهان جي اڳيان ٻا سلسلي ناهي رکي ٿو، جيئن ٽئگور، آئنسٽين ۽ ڪارل مارڪس ڪيو آهي ......

اهڙن مهاپرشن جي ئي چهري تي آتم سنتوش جي هڪ اَدڀت مسڪراهٽ رهندي آهي — باريڪ باريڪ، مٺي مٺي، من کي سک ڏيندڙ! ...... جنهن کي ڏسي انهن جي چرنن ۾ جهڪي، بار بار پرنام ڪرڻ جي اڇا ٿيندي آهي ......"

زندگيءَ ۾ جد وجهد ڪندي، ڪرم سان شونيه ڪان مڪت ٿي، اڄ جڏهن مان شاردا ڏانهن نهاريان ٿو، تڏهن ڏسان ٿو ته اها شاردا ئي ته آهي، جنهن مونکي هميشه ڪرم-شيل بڻائڻ ۾ سهايتا ٻي ڪئي آهي. اها به ته شاردا ئي آهي نه جنهن اهنسا، شانتيءَ ۽ اڏاوتي ڪارن تي لکڻ لاءِ منهنجي همت افزائي پڻ ڪئي آهي. هن جون اهي ڳالهيون ڪرڻ سان منهنجي ئي دل ۾ پتنيءَ لاءِ ڪڏهن به نه ٽٽندڙ شردا جو ڀاؤ اڀري اچي ٿو. جيتوڻيڪ شردا جي ڳالهه

ڪندي موڪلي مغرب جي هڪ فيلسوف جي اها چوڻي به خيال ۾ اچي ٿي ته: شردا هڪ اهو وشواس آهي جنهن کي بدي ڪڏهن به تسليم نه ڪندي آهي. ليڪن شاردا جي هر ڳالهه منهنجي لاءِ شاسترن جي امولڪ واڻي آهي، ائين مون ڪٿي چيو؟ جڏهن شاسترن جون انيڪ واڻيون ٿي وڃايون يگ جي نئين سڀيتا اڳيان بي معنيٰ ٿي وڃون آهن، تڏهن مان ڪنهن جي هر واڪيه کي امولڪ ڪيئن تو مڃي سگهان؟ پر شاردا جي هر ڳالهه جنهن جي صداقت سان ايندي آهي، ان کان به مان انڪاري نه آهيان. هوءَ بديمان آهي، سياو ڪ جذباتي طور تڏي آهي ءِ مان آلوچڪ هئڻ کان اڳ شاعر نه آهيان ٿي؛ هر چيز کي صرف ذهني طور نه جذباتي پهلوءَ کان به ڏسندو آهيان، ان ڪري مان ڪڏهن پاونا جي پرواهه ۾ لڙهي به ويندو آهيان؛ شاردا هميشه هماچل جيان استر بڻجي ڳالهين ۾ سنيه جي سنڌو ڪٺي ايندي آهي؛ مان ان سنيه جي سنڌوءَ جي سهاري نه معلوم ڪهڙي ڪريتا جي ديس ۾ پهچي ويندو آهيان. شايد اهڙو ديس سنسار ۾ ڪٿي به ڪونهي، ڪلپنا ۾ ٿي رهي ٿو، ليڪن ڪڏهن سندر ڪلپنا کي ڪوئي ساڪيات روپ ڏجي، اها به ته انساني فطرت آهي؛ اڄ منهنجي من ۾ اهائي ڳالهه آهي ته هڪ نئين سنسار جو نرماڻ ڪرڻو

آهي- لڙنو آهي، ستيه لاءِ...... سنسار جي ڪلياڻ لاءِ........

۽ مان چوندس......

منهنجي دل جي سنگهاسن تي شاردا براجمان آهي، ائين ڪونهي. ائين ڪندي، مان هن جو اپمان به نٿو ڪرڻ چاهيان. اهو چاهي مان شاردا کان نه، شيلا کان ٿي سکيو آهيان، ليڪن آهي ته سچ ته اسين خود ننڍا آهيون، پريم ۾ اسين هڪ ٻئي جي معرفت وشال کي پاڻ ارپڻ ڪريون ٿا. اهو وشال ٿي ته سنسار ۾ ڦهليل انسان ذات جو وشو روپ آهي. مان من وچن ۽ ڪرم سان شاردا جي ئي وٽ لڳائيندو آهيان اهو به غلط آهي. اهو ته تيو هميشه لاءِ پاڻ کي ننڍو رکڻ......
پريم مهان به صرف تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن اسين ننڍي کان وشال طرف لاڙو رکون ٿا. جڏهن مان شاردا جي ڳالهه ٿو ڪريان تڏهن من ۾ شيلا جو تالو به تري اچي ٿو.
شيلا........

استري ۽ پرش جي وچ ۾ صرف خون يا ڪام جو سنبنڌ نٿو رهي. نه استري صرف ماءُ يا ڀيڻ يا صرف پتني يا پريتما نٿي رهي. مٿر به رهي سگهي ٿي، جتي نه خون جي رشتي جي ضرورت رهي ٿي ۽ نه ڪام جي. اهو سنبنڌ ذهني رهي ٿو.

شيلا هميشه ذهني دوستيءَ لاءِ زور ڏنو آهي.
مون اُن کي بار بار نا قبول ڪندي به قبول ڪيو آهي.
ذهني دوستيءَ ۾ هڪ پرش کان وڌيڪ هوءَ
ڪشش دار شايد ان ڪري ٿئي ٿي، ڇو جو هوءَ سياءَ
موجب نفاست ۽ نزاڪت جي علمبردار ٿئي ٿي. جي
بئي چيزون هنجي خون ۾ موجود به تين ليون ۽ عام
طور مرد طبيعتي اُنجي مختلف آهي.

اڄ من چاهي ٿو ماضيءَ جي راهن تي ڀٽڪڻ ۽ مان
ڪيس ڪنهن بند ڳلي ۾ ڇڪي نٿو ڄاڻيان..

سموريءَ جي راهه تي سڀ کان اڳ ڪڙي آهي شيلا...
سوچيان ٿو، ٻڌائين شيلا سان ملان يا پاپي ساوتريءَ
سان، جنهن ئي مونکي آزاديءَ جي هلچل ۾ موڪليو.
شيلا ته بعد ۾ ملي هئي. آزاديءَ جي هلچل ۾ ٻڌو
نه وٺان ها ته شايد هوءَ ملي ئي نه ها......

ڪراچيءَ اُن جون رنگين فضائون.......
بئچلر آف آرٽس ليڪ بعد، نوڪري نه ڪري سڌو
قومي هلچل ۾ ڪاهي پيس. ٻاءُ سڳن جو قومي هلچل
سان ڪافي واسطو رهيو هئو؛ ليڪن شاديءَ بعد هو
گرهه ـ سنسار ۾ الوپ ٿي ويو. ساوتري پاپي گهر ۾ آئي
ته ناريءَ جو هڪ انوکو روپ ڏٺم. هوءَ هڪ ئي

وقت سڄڻ جي پيشاني هٿن ۾ مهنجي ماءُ ... هو ٻه ماءُ
جو پيار ته ڇو نه کي نصيب ئي نه ٿيو هو. ڪوئي فڪر
ڪرڻ وارو ئي نه هوندو هو ته شيڪر روٽي کاڌي آهي
يا نه- ته شيڪر اڄ اوندي منجهي پائي سمهيو پيو آهي
ته انهيءَ ڪارڻ ڪهڙو آهي! بيمار آهي ته ڪوئي پڇي
نٿو. سڄڻ؟ هو نوڪري به ڪري ته آزاديءَ جي
هلچل ۾ ڀڙو به وٺي. منهنجو اڌ ڏينهن وڃي ڪاليج
۾ ته اڌ ڏينهن ڪلب ۾- ڪڏهن باغ ۾، ڪڏهن صدر
گلشن يا نيٽي- جيٽي تي ته ڪڏهن ڪڏهن سئنيما
تي- دماغ تي لارنس ۽ اليٽ جو ڀوت سوار......
ليڪن ساوتري پاڻيءَ جي اچڻ سان زندگي جڻ سڌي
ليڪ تي هلڻ لڳي. ڪاليج کان گهر- ڀڄڻ ماني ۽
آرام- شام جو گول- چڪري ڏانهن چڪر ۽ رات ۾
ڪاليجي ڪتابن جو اڀياس يا پاڻيءَ کان ناريءَ جي
مهما تي ڪا ئي ڪهاڻي! بي- اي بعد ساوتري پاڻي
چوي ته آزاديءَ جي جنگ ۾ ڀري وڙهڻ جي جا ٻرهيرا
پڙهين قائم ڪئي آهي، انجي ڪا ٻڪڙي هاڻ مان به
ان لڙائيءَ ۾ ٽپان ۽ مان ٽپي پيس به!......
اڀياس، ساڌنا ۽ سنگهرش، ٽيئي گڏو گڏ هلندا رهيا.

هڪ ڏينهن، رات جو ايگزيڪيوٽو تي انقلابين جو
مخفي ميڙ ڪوٺايو ويو- ورتيو هئي: هٿيار کڻجن يا نه؟

ملڪ ۾ آزاديءَ جو آندولن ڪاميابيءَ جي چرم- سيما
تي پهتل هو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ، آزادي آندولن،

پورب کان سياش بابوءَ جي حملن ۽ حال ۾ ٿي ٿيل نيوي وارن جي بغاوت، هندستان ۾ انگريزي حڪومت جي صحت بگاڙي ڇڏي هئي. اُنهي اچڻ جي اُميد ته ٻڌي ڪانه هئي، ليڪن سوال اهو هئو ته اُن کي قدرتي موت مرڻ ڏنو وڃي يا ڇيڇلائي ڇيڇلائي مارڻ کان اُن کي زهر جي گوري ڏيئي ترت ماريو وڃي....

ميٽنگ ۾ طوفاني بحث هليو، ليڪن بحث بعد اسين ڪنهن نتيجي تي پهچون، اهين تي نه سگهيو. ڪنهن وقت پوليس کي ڪڙڪ پئجي ويئي ۽ سچ ته ڏاڪڻ تان پوليسي بوٽن جي وعبدار ٺڪ ٺڪ جا آواز ٻڌي ٿي اسين ڪُڏي تان ٽپندا ڇڙو ڇڙ ٿي ويا سين.

شيلا سان منهنجي واقفيت ڏاڪڻ ۾ ٿي.

مون ڪيس پهريون دفعو ئي اُن ميٽنگ ۾ ڏٺو هئو. چاهيندي به هنجي ڇهري تان نظر هٽائي نه سگهيو هئس. هنڪي سائي ڪاڌيءَ جو جهمپر ۽ لال ڪناريءَ سان سفيد ساڙهي پيئي هئي. ڇهري جي آڪار - ريکا گول هئس. هوءَ منهنجي سامهون، پر نزديڪ ويٺي هئي. سندس اکين ۾ ڇڻ مستقبل ۾ ملندڙ ڪنهن چيز جو انتظار پريل پيو هئو. گهريون گهريون ڪاريون اکيون! هنجي اکين ۾ ڇا آهي، اهو هنجي اکين ۾ جهانڪي پائڻ بعد به معلوم ٿي نه سگهيو. دوريءَ جو هڪ اديت پاڙ هنجي اکين مان عيان. ڇپ، رس ڀريا لڳندڙ، جنهن تي نظر پوڻ سان مون پاڻ کي هنجي

قريب تي محسوس ڪيو. هنجي اکين مونکي دوريءَ جو اشارو ڏنو ۽ ڇپن نزديڪيءَ جو. پيشانيءَ تي لڳل تلڪ جي پر ۾ لٽڪندڙ چڳن، چت چور لڳي رهي هئي ۽ هنجي ڪابي ڳل وارو ڪارو تر هنجي ڇپن ۽ اکين کي اپيل ثابت ڪري، من ۾ ساتوڪ ڀاو پيدا ڪري رهيو هئو. سندس سندر شرير من ۾ جماليت جي احساس کي حظ تي ڏنو ۽ مونکي گمان تي جاڳيو ته شايد ڪنهن مهان آتما جو آشيرواد پائي، اجنتا جي غفائن مان ڪائي مورتي ٻاهر نڪري آئي هئي.

پنهنجو پهرين انقلابين جي وچ هوءَ جڏهن جي موجودگيءَ کان مڪت ٿي ويٺي هئي. هن اهنسا ۾ وشواس ظاهر ڪيو هئو. هنسا جي فائدي ۾ ڳالهائيندي منهنجي نظر جڏهن هن ڏانهن تي ويئي تڏهن هنجي پنهنجي وشواس واري نظر کي ڏسي منهنجي نظر موٽ ۾ هڪ هلڪو ناڪ ڪٽي ئي آئي نهايت مشڪلات سان مان پنهنجي ويچارن جو سلس قائم رکي ٿي سگهيس.

پاڄ مهل موڻ هن کي ساڳي ڏاڪڻ ۾ ڏٺو. ليڪ مان هنکي ڪراس ڪندو، تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي ويس.

”ٿورو ترسو.“ مٿان آواز آيو.

مان هيٺ پڌر ۾ پهچي چڪو هئس. هوءَ ٻهر ماڙ لڳ روشنيءَ جي دائري ۾ هئي. هيٺ اونده هئي

ماں روڪجي ويس. ٻنيان وري هن ڏانهن نهاريو. هوءَ ڏاڪڻ تان هيٺ لهندي آئي ۽ مون ائين محسوس ڪيو، ڄڻ ڪوئي منهنجي دل جي خالي سنگهاسن طرف قدم وڌائيندو ٿي آيو. هن هيٺ اچي، ٻانهن کان پڪڙي چيو، ”مونکي ٻه ٻاڻ سان وٺي هلو.“

مٿان ساڳيو ئي ٺوڪي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٻڌي، هنکي ٻانهن کان پڪڙي، ڏاڪڻ هيٺان ڪونيءَ وانگر ٺهيل ٺڪر ۾ وٺي ويس. اسين ٻئي سهڪي رهيا هئاسين.

”پوليس هتي نه ايندي ويٺي.“ هن سهڪندي چيو.

”اوندهه ۾ بچاءُ ٿي سگهي ٿو.“

”ليڪن پوليس وٽ ٽارچون ته.......“

”ش......“

هن پنهنجو منهن منهنجي سيني ۾ لڪائي ساهه کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ساڳئي وقت منهنجي ساهه کي روڪڻ لاءِ هن پنهنجو ڪاٻو هٿ اڳيان وڌائي منهنجي منهن تي آندو. ٻنهي جا ساهه ٽڪرا ٽڪرا ڪجي رهيا هئا — پنهنجا مون هڏي هٿ مان ۽ هنجا پنهنجي سيني سان محسوس ڪيا.

ٻه پوليس وارا هئا - ٻئي ڏاڪڻ تان سڌائي ٻ ڪندا، ٻلب ٺڳه کان ٻاهر نڪري ويا.

”ويا؟“ هن وياڪل ٿي پڇيو.

مون ۾ آيو، چوان: نه. مون اوندهه جو ۽ هن اوندهه ۽ منهنجو، ٻنهي جو سهارو ورتو هو. ڪيترو نه سک

ملي رهيو هئو من کي - زندگي جو ارٿ به نه اهو ئي آهي نه: سنگهرش، سهڪار ۽ وشواس. هڪ اڻواقف ناري، سندر ناري، من کي لڀائڻ، جيون کي پرپورڻا ڏيڻ واري ناري! ڪوڙ ڳالهائڻ جو موقعو هجي ها ته شايد ڳالهائي به چڏيان ها- ڪوڙ ڳالهايم ته ڪونه، البت جواب ڏيڻ ۾ ڪجهه سيڪنڊ دير ضرور ڪيم.

"ها." منهنجي آواز، هنجي هٿ سان ٽڪر کائي، جڻ "آه!" جو روپ ورتو.

پيءَ گهڙيءَ هوءَ پاڻ سلجهائي ٿورو دور ٿي ويٺي.

"تون ڇو پڇين؟"

"ڇو؟"

"مان نه هنسا ۾ وشواس رکان ٿو- منهنجي لڙائي نه جيل کان ٻاهر آهي."

"منهنجو ڪيتر به نه ٻاهر ئي آهي."

"هڪ جيل ۾ ويندو ته چار مائٽ، چار دوست اُتي دلاسو ڏيڻ ايندا، گهر تيڻ سان ائين نٿو ٿئي، تنهنجي لاءِ ٻيهرين ڳالهه وڌيڪ بهتر هئي."

"انقلابين جون گرفتاريون، انقلاب جي اڳ کي اڃا به تيز ڪنديون آهن، اهو منهنجو به وشواس آهي ۽ انهن لوسان به واسطو آهي- ليڪن اسين ته اڃا شروعاتي انقلابي آهيون."

مون وٽ ڪو به جواب نه هئو- ساڳئي وقت جواب جي ضرورت به نه سمجهيم.

”۽ مان جي نه پڇان ها ته توسان واقفيت ڪيئن ٿئي ها؟“

مان تعجب ۾ پئجي ويس. هي گهڙيءَ دل ۾ هڪ انوکو آنند محسوس ڪيم. چيم، ”اهو ڇا سهڪار جو انعام آهي؟“

هن هلڪو کليو.

”اڇا تنهنجو نالو؟“ مون هنجي ٻانهن کي پڪڙي چيو.

”شيلا.“

”۽ منهنجو شيکر.“

”ليڪن هيءَ ڇا - تو مونکي هيئن پڪڙيو ڇو آهي؟“

مون هنکي ڇڏي ڏنو. پوءِ آهستي چيم، ”مان ٻاهر وڃي حالتن جو جائزو وٺي ٿو اچان، ليڪن ممڪن آهي پڪڙجي پوان، ان ڪري پنهنجو پتو ته ٻڌائي ڇڏ.“

”هائي، هن وقت مان توکي ڇا ٻڌايان - ڏاڍو Emotional ٿو ڏسجين. خير، مان برنس روڊ تي، سيوهائي ڪلب جي سامهون نمبر تي رهندي آهيان.“

پهرين ڳالهه لکي لڳي، تورو ڏکيو به ٿيم. تڏهن به بنا ڪجهه چوڻ جي اندر ڪار جي گهيري مان ٻاهر نڪري، رستي تي ٻنهي پاسن کان نظر ڦيري ڪيم. ڪجهه دور، هڪ پوليس واري کي ويندو ڏٺم. واپس موٽي، شيلا کي سڏ ڪري چيم، ”ڏس شيلا،

تون ٻاهر نڪري بس پڪڙي هلي وڃ- ڪوئي
جيڪڏهن ڏٺئي ته .... "
" ته ڪي رهڻ ڏي — تون ؟"
" مان ؟" هٻڪي چيم، " مون - مونکي رهڻ ڏي،
تون وڃ."
" چڱو،" هن ويندي چيو، " وسارج نه -
"We part to meet again

وساري سگهندس ؟- توکي ؟ اسين مليا آهيون جدا ٿيڻ لاءِ، اهو خيال ٿي مونکي ڇڻ ٿو ڏئي ڇڏيندو شيلا! ليڪن اهو سڀ من ۾ هئو- زبان تي هڪ لفظ به نه آيو. ڏسندي ڏسندي هوءَ ويندي رهي ۽ مان ايئن بيٺي ڏسندو رهيس. ٻهرين ماڙ تان ايندڙ هلڪو پرڪاش، هن جي سفيد پوشاڪ سان ٽڪر کائي، وڏيڪ ارت پئي پيو ٿي ويو. ليڪن ڪوئي دل جي سنگهاسن وٽ پهچي به اُن ٿي وينو ڪو نه، اهو مون هن جي وڃڻ کان اڳ ئي محسوس ڪيو.

مدت کن بعد مان به ٻاهر نڪتس. اچي بلڊنگ جي دروازي وٽ بيٺس. سامهون بس کي ايندو ڏسي خوش ٿيس. شيلا اُن ۾ چڙهي ته مان به اوڏانهن وڌيس. بس پاسي کان لنگهي وئي ۽ منهنجي زبان مان ازخود ڪوئيتا جون ٻه سٽون نڪري ويئون.

ائين محسوس ڪيو دل توسان هڪوار ملي -
ڇڻ خوشيءَ کان هيل تائين هوءَ محروم هئي

منهنجي جيون جي ٻهرين ڪوتا ....

ان ڪوتا کي بار بار دهرائيندو اڳتي وڌيس، جو سامهون پوليس واري کي پوئان موٽندو ڏٺم. هن نزديڪ ايندي پڇيو، ”ڪير آهين؟“

مون مشڪي، واچ ۾ ٽائيم ڏسي چيو، ”اڃا ته صرف ٻه لڳا آهن دوست.“

هو به ذرا مزيدار آدمي ٿي ڏٺو. چيائين، ”اصل ۾ مونکي به ٽائيم ئي پڇڻو هئو- ڪمبخت ٻارهن نه ٿا لڳن.“

مان ڪلندو بس اسٽينڊ وٽ وڃي بيٺس. سوچيم: ٻهرين ملاقات ۾ ئي ڪو دل جي سنگهاسن تي ويهي، اهو ضروري نه آهي. ان ڪري منهنجو غم سچاوڪ هوندي به ڪائي خاص معنيٰ نٿو رکي. هوءَ جدا ٿي آهي ورڻي ملڻ لاءِ، منهنجي دل جي سڪ لاءِ بس ايتروئي ڪافي آهي.

گهر پهچي اها ڳالهه ساوتري ٻاپيءَ سان ڪيم. البت ڪيس اهو ڪو نه ٻڌايم ته رستي تي به ستون ڪوتا جون به ٺاهي آيو هئس. سگهن ذرا گهٽ ڳالهائو آدمي آهي. هن رائي ۾ صرف اکين جي هڪ چمڪ، چپن جي هڪ مشڪ ئي رکي. ساوتري ٻاپي ليکي ٺهڪ

ڏني. چوي، ”ڳالهائيندو آهين ته سچ ٿي ڳالهائيندو آهين، سو مان ڄاڻان ٿي، ليڪن اهو سڀ مون اڳيان رکڻ ۾ توکي ذري به هٻڪ نه ٿي؟- عجب!“

مان به هلڪي مزاج ۾ هئس. پنهنجي ڪنڌ ئي کي سڌو ڪندي، اُستاد وچان چيم، ”هٻڪ، ڇالاءِ؟ تنهنجي اڳيان؟ هن سموري ڀارت ورش ۾ توکان سواءِ ٻيو آهيئي ڪير ڀلا، جنهن اڳيان مان ڪجهه به رکي سگهندو هجان؟ ته ڀائوءَ کي ته تون ڄاڻين ٿي ٿي- ٻڌڻ ته هو ڳالهائي ڪو نه- ڳالهايئين ته سمجهه ۾ اچي ڪو نه- ڪاليج ۾ فلاسافيءَ جي وشيه کڻڻ جي معنيٰ اها ته آهي ڪانه ته ڪوئي معنيٰ کي اکرن ۾ اپٽيو ته ڏيکاريو پيو جو اُن کي اکرن ڪان ڇڏائڻ لاءِ ڊڪشنريون ۾ پاڻ منجهي ٻاسڙو ٿيو پيو رهن. هتي سان جيڪڏهن معنيٰ کي اکرن کان الڳ ڪجي، ته هڪ به اُن ۾ ڦاسي پون.“

ساوتري ڀاڀي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي...

مان چوندو رهيس، ”ڀائوءَ جو هڪ دوست چوندو آهي ته ڀائو اکرن کي اٿين پڪڙي ويهندو آهي....“

باقي جملو ڀاڀيءَ پاڻ ٿي پورو ڪيو، ”جيئن پانڊر ٽاريءَ کي پڪڙي ويهندو آهي.“

”ءِ ڀائوءَ جو ٻيو دوست چوندو آهي،“ مون ڀاڀيءَ سان گڏ کلندي چيو، ”اسانجو گهرو ڀائو، آسانيءَ سان پاڻ مان ٻاهر نڪري سگهي، اُن لاءِ ضروري آهي ته

هنگي کنهن لڙائيءَ جي ميدان ۾ موڪليو وڃي - جتي هو توبن ۽ ابرگولن جا زوردار ڌڪاءُ ٻڌي ڪجهه گهرائيءَ جي عالم کان ٻاهر نڪري - پاڻ کي ڪجهه ڪوڪلو محسوس ڪري."

سگهن پنهنجو ساڄو هٿ ڪولي، پنهنجي پيشانيءَ تي نڪاءُ ڪندي چيو، "هاءِ ڙي اياڳا ياٿ ورش! هيءَ آهي اڄڪلهه جي پاڻن جي حالت ......" مون ڏانهن منهن ڪندي چيائين، "اڙي او موڙڪ، هڪ پارلي ناريءَ جي سامهون هنجي پنيءَ جي ٻاري ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪندي توکي ذرو به سنڪوچ نٿو ٿئي؟"

پاپيءَ ٽهڪ ڏيندي ٿي چيو، "توهان جي دوست کان، توهان جو چرچو وڌيڪ معياري آهي."

"پاپي،" مون چيو، "پاڻوءَ سان وڌيڪ چرچا نه ڪرڻ کپن - نه ته ڪٿي هو اسان جي چرچن جو ڇيد ڪندي، چرچي جو معيار تي نه ڪيرائي ڇڏي ..."

پاڻو به ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. هن چرچو برداشت ڪري، ان کي ناڪام بڻائي ڇڏيو هئو. تڏهن وڌيڪ چرچا نه ڪري پاپيءَ کي چيم، "چڱو پاپي پنهنجي هن ڏيو جي پيت جو خيال، اڄ ڇا توهان نه ڪنديون؟"

پاپيءَ ڪرسيءَ تان اٿندي کلي چيو، "مون ته خيال لاهي ڇڏيو هئو. سوچيم: پهرين ملاقات جي خوشيءَ ۾ توکي ان جي ضرورت ئي نه پوندي."

سگن ۽ مون کليو. هوءَ زندگي ڏانهن هلي وئي.

"سو تون هنسا ۾ وشواس رکين ٿو." يڪايڪ پاڻوءَ گمڀير ٿي چيو.

"ها."

"ليڪن هنسا لاءِ تو وٽ آهي ئي ڇا؟"

"وقت تي سڀڪجهه ملي ويندو پاڻو."

"ته هڪ ڳالهه ٻڌ - جيڪڏهن هنسا ڪرين ته ساوتريءَ کي ڪڏهن به نه ٻڌائج." هن آهستي چيو.

"ڇو؟"

"آخر به ناري آهي ۽ توکي سمجهڻ گهرجي ته هنسا کي آئينده آهي ئي ڪو نه ۽ هنسا پوڄائيندي آهي. مان تنهنجي دک ۾ حصو وٺي سگهان ٿو، هنکي آجو رک."

"ليڪن پاڻو، آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ هن ئي ته مونکي موڪليو آهي. اڄ جنهنجي ڳالهه ڪري رهيو هئين، اها به ته ناري ئي آهي. جتان اُستاد ملي، تو اُن طرف ئي مان شانت رهان، اها نه پنهنجي خلاف هنسا آهي پاڻو."

سگن اکيون ڇمڪائي چيو، "تون اُستاد جو دائرو محدود ڪري، پنهنجو پاسو مضبوط ڪري وٺين، پنهنجي ان چالاڪيءَ تي مان توکي داد ڏيان ٿو."

"ضرور ڏيو." مشڪندي چيم، "ليڪن مونکي

داد نہ آزادي گھرجي - جنهن ۾ بدن ۾ لوهاڻ مونکي جڪڙڻ چاهيو ٿا، اُن کان ڇوٽڪارو.“
”چڱو اٿ، هٿ مٿهن ڏوءِ.“

ڪرسيءَ تان اُٿي سيٽيون وڄائيندو گيندبيءَ ڏانهن وڌي پس. ليڪن هٿ مٿهن ڏوٿي جڏهن مولي وري ڪرسيءَ تي ويٺس تڏهن مون محسوس ڪيو نہ مونکي خاص بڪ نہ لڳي هئي. من جي حالت اهڙي هئي، جو مون ڪجهہ سوچڻ ٿي چاهيو. ان ڪري هڪ ٻہ گره کائي، مسڪراهٽ سان پاپيءَ جي چيل ڳالهہ کي تسليم ڪري سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويس ۽ بتي وسائي پلنگ تي ليٽي پيس.

تڏهن اکين جي سامهون ڏاڪڻ وارو نظارو ڦري ويو. هن ڊپ ۽ چاں پنهنجو منهن منهنجي سيني ۾ لڪايو هئو. ۽ پاڪل تي هن جڏهن ”ونا“ چيو هو، تڏهن هوءَ ڪجهہ مٿي ڇڪجي آئي هئي - ٻنهي جي دلين جي ڌڙڪن تيز هئي - سنگھرش ۾ ٻنهي جي حالت ساڳي هئي. هن وارن ۾ ڪوئي خوشبودار تيل نہ هنيو هئو - شايد اٿيا وار هئا هنجا، تڏهن بہ مون اُن ۾ هڪ ڪڏهن بہ نہ چاتل دلڪش هڳاءُ محسوس ڪيو. جيئن ۾ پهريون ئي دفعو ڪو منهنجي ٻانهن ۾ آيو هئو - پنهنجو منهن منهنجي سيني ۾ لڪايو هئو ۽ ”وسارج نہ“ جي ڳالهہ ڪئي هئي - هن کي مون طرف ڊپ آندو، ليڪن ڊپ کان وڌيڪ وشواس

آهي. هڪڙي جيڪڏهن اوسواس هجي ها ته هوءَ
انڌيري ۾ ڪڏهن به مون وٽ نه اچي ها. چوي ٿي:
نه پڇان ها ته توسان واقفيت ڪيئن ٿئي ها؟ ڪير ٿو
ڄاڻي ته اڻ انڌڪار ۾ مون ڇا پاتو ـ ڪنهن شايد ٺيڪ
چيو آهي ته جيون ۾ سڀ پيارن ۽ چيزون محض اتفاق
سان ئي واٽ تي ملي وينديون آهن، ڳولڻ تي آسانيءَ
سان اُهي ڪي پائي نه سگهبو آهي ۽ جڏهن اُهي
ملنديون آهن تڏهن اسان کي اُنجو خواب خيال به نه
هوندو آهي......

هيل تائين سڀني شعرن جي گهرائيءَ جي اثر جو
رد-عمل صرف واه واه ۾ ئي ظاهر ڪندو هئس؛
ڪڏهن سوچيو نه هئم ته اهو رد-عمل صرف اتي ختم
نٿو ٿئي. انساني دل ئي ڇو اهڙي آهي! جيون جو
هر هڪ انڀو هڪ وقت هڪ اثر ڇڏي ٿو ۽ ٻئي وقت
پيو ۽ جيئن خود انڀوي ٿيندو وڃي، تيئن ان ساڳئي
انڀو جو اثر به گهرو ٿيندو وڃي. جيئن هڪ انگريز
شاعر جي 'The Last wish' کي ئي ڏسجي:

Since all that I can ever do for thee,
Is to do nothing, this my prayer must be;
That thou mayst never guess nor ever see
The all endured this nothing-done costs me.

اُن جي گهرائيءَ جو داد صرف واه واه ۾ پوري نٿو
سگهجي ۽ جيترو وڌ ۾ ان کي پڙهجي ٿو، اوترو گهرو

اُن کي ٻانڌي ٿو. ڪلا کي آدرش اسين ڏيون ٿا، اصل ۾ اُها پنهنجن انڀون کي ظاهر ڪرڻ جو هڪ ساڌن آهي. ساهت ۾ اکرن جي معرفت ۽ چتر ڪلا ۾ رنگن جي معرفت اسين پنهنجا انڀو ظاهر ڪريون ٿا- مونالزا جي چتر کي ٿي ڏسجي- هڪ ڪن لاءِ اُن کي ڏسجي ته هزار ڳوڙهيون اُن کي ڏسڻ لاءِ مجبور ٿيو وڃجي ۽ هر گهڙيءَ ۾ مونالزا جي مسڪراهٽ وڌيڪ ۽ وڌيڪ گهري محسوس ٿئي ٿي. منهنجي لاءِ سنسار ۾ اياڳو اهو نه آهي، جو ٻکيو، ننگو يا بيمار آهي، اُن جو ڪارڻ طبقيوار سماج وغيره جو وجود ۾ هئڻ مان مڃان ٿو، ليڪن اُن کي مٽائڻ لاءِ ته سنگهرش لاءِ سمورو سنسار پيو آهي، بيماريءَ کان مڪت ٿيڻ لاءِ علم حڪمت آهي. ليڪن پريم، اهو ڪري ته سگهجي نٿو. اهو ته هرد ۾ جو سڀاويڪ لاڙو آهي، جو سڀاويڪ طرح ڪنهن طرف ٿي وڃي ٿو. ڪنهن کي بندوق ڏيکاري، بنگلو ڪار يا بئنڪ بئلنس ڏيکاري پريم نه ڪري سگهجي نٿو. روپ جو موهه، ڪار ۾ گهمڻ، بنگلي ۾ رهڻ جو شوق نٿو ٿئي، ائين نٿو چوان- پر اهو ته موهه آهي، شوق آهي، پريم ڪيئن ٿيو؟ پريم آتم- پرڪاش جو ساڌن آهي، جو ٻن اڌورن شخصيتن کي مڪمل بڻائي، تيئن کان وشال طرف رخ رکڻ لاءِ اُتساهت ڪري ٿو. اياڳو آهي اهو شخص، جو پريم نٿو پائي .... هڪ انوکو آدرش ڪٿي شيلا منهنجي

جيئون ۾ آئي ۽ جڏهن مون کي وشال طرف وڌڻ جو
سهارو ڏنو ....

شيلا!- ڪرانتڪاري ناري ......

ٻئي ڏينهن صبح جو هن جي گهر ڏانهن رخ رکيم. سيوهاڻي ڪاٽ وٽ پهچي سامهون نهاريم. ٽماڙ وارين بلڊنگن جي لنبي قطار ۽ ڪنهن به ٽماڙ واري بالڪنيءَ ۾ شيلا نه ڏسي منجهي پيس ته هاڻ ڇا ڪريان. رستي تان متين جڳهين ڏانهن نهارڻ، سڀيتا جي خلاف ليکيو ويندو آهي. ڏسندڙ جيڪڏهن جوان آهي ته سماجي شعور ان پندن کي نوڙڻ جي اجازت نٿو ڏئي. ان ڪري گهڻو نهارڻ ڇڏي، چپ چاپ سڌي ليڪ پڪڙي سامهون واري بلڊنگ ۾ گهڙي ويس ۽ اتين به به ڏاڪا لنگهيندو، منٽ اڌ ۾ ٽماڙ تي وڃي پهتس.

تڏهن هڪ گهر مان هڪ نوجوان کي نڪرندو ڏٺم. هن کي کادي جا ڪپڙا پيل هئا. واقف نه هوندي به جئه هند چئي هو ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو. هن جي ڏيکس ۽ نعري منهنجي دل کي تسڪين ڏني ته مان ٺيڪ منزل تي آيو هئس..

مون دريچ مان پڪاريو، ”شيلا ديوي.“

دروازو ڀيڪڙيل هئو، جنهن کي يڪدم کلندو ۽

سامهون شيلا کي مشڪند و ڏسي هڪ ڪن لاءِ منجهوءِ
پيس ۽ پوءِ ڇا چوان: نمستي - جئہ هند - سلام؟
ليڪن مان ڪجهہ چوان، ان کان اڳ هن مسڪراهٽ کي
بار يڪ ڪندي چيو، ” تون - ايترو جلدي؟“

هڪ گهڙي چپ ......

” مان دروازي تان موٽي ويس، تنهنجو ڇا اهڙو
اشارو آهي.“

” نہ نہ شيکر - تون اڄ - Emotional آهين اهو نہ
کلهہ ٿي چاٿي ويئي هئس ليڪن چالم نٿي تہ تون
Sensitive بہ آهين -“ کلي، ” تون ڪيئن هنساوادي
ٿي سگهيو آهين؟“ روڪجي، ” ليڪن اندر اچ نہ.“

گهر ۾ گهڙندي ئي چوٽ ڪنهن مونکي ڀيرن کان
پڪڙي ورتو. سردار پٽيل ۽ سندي پوشاڪ ۾؟

تڏهن سڄي ڪمري ۾ گونجي اٿي شيلا جي مڌرکل.
سامهون واري شخص بہ مرڪيو.

شيلا چيو، ” هن گهر ۾ جڏهن بہ ڪو نئون شخص
ايندو آهي تڏهن هميشه هو تو جيان بابا کي ڏسي
سراپجي ويندو آهي ۽ تمام ٿورا شخص اهو نٿا ڄاڻن
تہ وڪالت ۾ بابا جي ڪاميابيءَ جو هڪ ڪارڻ، سندن
سردار پٽيل سان مشابهت رکندڙ شخصيت بہ آهي.“ پيءُ

گهڙيءَ هن اڳيان وڌي اسان ٻنهي جي واقفيت ڪرائي.

وڪيل صاحب جي ڪرسيءَ ڏي وڃڻ ۽ شيلا جو اشارو پائڻ سان مان به ڪرسيءَ ڏي ويٺس.

”ڏنيران چوڻ جي ڳالهه نه آهي، اِسٽرگل ڪندي هر ڪو هڪ ٻئي کي هيلپ ڪندو آهي. ٻيو نه مان شيلا سان ان ڳالهه ۾ ائگري نٿو ڪريان ته تو ڪا شيلا کي هيلپ ڪئي آهي. ٻڌاءِ تو هنکي ڪهڙي هيلپ ڪئي آهي؟- تون خود به ته هيلپ لاءِ واجهائي رهيو هئين. ٻه ٽه ڀيرا ته اسان وٽ آيو. پر جيئن ته اڪثر ڇوڪريون ڇوڪرن کي واڪرسيڪس سمجهنديون آهن ان ڪري ضرورت نه هوندي به هن رات جو ڪلاڪ منهنجي اڳيان ۽ اڌ ڪلاڪ صبح جو ڪرشن اڳيان تنهنجي ساراهه ۾ ڪئي آهي.“

مان آواڪ رهجي ويس. جي ڇوڪريون ڇوڪرن کي ايلا ٿون سمجهنديون آهن، شيلا اُنهن مان نه آهي، اهو ته هنجو آزادي هاسل ۽ مردن سان کلڻو کلڻي سان ملڻ تي ڪاريڪرڻ مان ظاهر آهي. ليڪن هيءُ ڪرشن ڪير؟ ۽ شيلا جو منهنجي تعريف ڪئي آهي، ان مان اهو به ظاهر نه آهي ته سندس اڄ جي شروعاتي زندگيءَ ۾ رکي، پيار جي ڀرپور ناٽڪي ادا آهي؟-

ڏيوج سان چيم، ”ڏسو، وڪيلن سان بحث ڪرڻ جي لياقت مون ۾ نه آهي، ان ڪري مان توهان کي جواب ڏيڻ جي بدران شانت رهڻ وڌيڪ پسند ڪريان ٿو.“

وڪيل صاحب هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو.
توهان ماڻهو ته ٺهيو وهنوار! شيلا ڏانهن نهاريم، هوءَ منڪي اچي پيءُ جي پاسي ۾ ويٺي.
”پاڻي مان ته رواجي وڪيل آهيان - توهان جو انگريزن سان هيڏي وڏي لڙائي شروع ڪئي آهي، ان لڙائيءَ ۾ ڪٿي ڪيئن سگهندا جيڪڏهن منهن مان ڪجهه ڪچندائي ڪو نه؟ آفٽر آل، انگريز قوم ته اسڪالرس جي قوم آهي.“
منڪي چيم، ”ڏسو اسانجي لڙائي انگريز قوم سان نه، انگريز حڪومت سان آهي ۽ ڪابه حڪومت، زمين جي ان حصي تي جتاءُ ڪائي نٿي سگهي، جتي جي عوام کي اها نامنظور آهي، پوءِ اها حڪومت ڀاهي اسڪالرس جي ڇو نه هجي - ”ڪجهه روڪجي،“ باقي رهي انگريزن جي مهما - سو اسڪالرس جي عزت جيئن سڄي سنسار ۾ ٿيندي آهي، تيئن هت به ٿيندي آهي، ليڪن جي شخص ٻين جي آزاديءَ ۾ دخل وجهن ٿا، اهي مهان ته ڪڏهن به ٿي نٿا سگهن، پوءِ انهي تعريف ڪرڻ وارا ڀاهي توهان جهڙا وڏا شخص ٿي ڇو نه هجن“ ٺوڪ جي نوع ۾، ”۽ منهنجي لاءِ ان ڳالهه کي خاص معني نه آهي ته اوهان جي تعريف ”آفٽر آل“ آهي يا ”بفور آل.“
هن وري به کلي چيو، ”توهان ڪافي سمجهدار تو معلوم ٿيو.“

مون ان کي پنهنجو ايمان سمجهو. اٿندي چيم،
”توهين جيڪڏهن ائين ٿا سمجهو ته مان توهان وٽ
ڊنيواد جي بيک وٺڻ آيو آهيان ته اها منهنجي غلطي
ڪونهي - ٻي ڳالهه جنهن جڳهه تي منهنجو نراد ر ٿئي،
اتي ويهي بيعزتي ڪرائڻ جو سياو مون وٽ نه آهي.“
شيلا ڏانهن منهن ڪري نندي منهن سان، ”چاهيندي
به زبان تي آيل ڳالهه کي مان روڪي نه سگهيس، ان
لاء مونکي معاف ڪج.“

”شيڪر“ فضا ۾ تاڻ ڏسي شيلا مرڪڻ جي ڪوشش
ڪندي چيو، ”بابا جي ڳالهين تي ناراض ٿي وئين؟
بابا ته سيني کي پتائيندو آهي. هڪ دفعي ته بابا
گانڌيجيء سان به چرچو ڪيو هو- واهه نه.“ پيءُ
ڏانهن منهن ڪري، ”بابا توهين پل مون سان انگري
نه ڪيو، ليڪن مان هن گهر ۾ رهان ٿي، مهرباني
ڪري اهو ته نه وساريو.“

بيوقوفن جهڙو منهن بنائي مان ڪرسيء تي ويهان،
ان کان اڳ شيلا- پيءُ چيو، ”اهو جيڪڏهن مان
وساري ڇڏيان ته پوء هتي ن انقلابين جو مونکي دوشن
ٿي ڪيئن ٿئي ڏيء؟“ مون ڏانهن نهاري، ”۽ پوء
شيڪر ته وائلدس ۾ وشواس رکي ٿو- تون منهنجي ڌيء
نه هجين ته شايد مونکي غدار سمجهي، هو......“ ۽
پوء وري ٺهڪ ڏيئي چيائين، ”خير، ٺيڪ چوان.“

مان هڪو بڪو ٿي ويٺو رهيس.

"ليڪن تون ڇا شيکر کي چانهه ۾ نه پياريندينءَ؟"
مون چيو، "مونکي منهنجي جلد بازيءَ لاءِ معاف
ڪجو" شيلا ڏانهن منهن ڪندي، "چانهه کي رکڻ
ڏي. مان وڃان ٿو."
شيلا پڻ چيو، "وڃڻو هجيئي ها ته ويهين نه ها."
"منهنجو وڃڻ منهنجي جلد بازيءَ جو پراشچت
آهي."
"ته پوءِ چانهه پيئڻ جو گناهه هاڻ ئي ڪري ڇڏ."
"ڇا؟"
"واٽ ڇا؟" هن انگريزيءَ ۾ چيو:

Don't be superfluous, moving like a hero of mediocre social novel.

هن جي ان معياري نقطچينيءَ تي مون کان هڪ
ٽهڪ نڪري ويو. شيلا ۽ ساڙهيءَ جو آنچل وات ۾
وجهي، ڊبيل ٽهڪ ڏيندي رنڌڻي ڏانهن هلي وئي.
شيلا جي وڃڻ بعد هن گنڀير ٿي چيو، "ڏس شيکر،
جيڪڏهن سياست ۾ ڀاڱو وٺين ٿو ته هڪ ڳالهه جو
خيال رک، ڪنهن جي نقطچيني ٻڌي ڪڏهن ان کي
پنهنجو مخالفتي يا چاپلوسي ٻڌي دوست نه سمجهج.
ڇو ته ٻنهي حالتن ۾ حقيقت ڇا آهي، سو تون پروڙي
نه سگهندين. رواجي طرح نقطچيني ٻڌي، پاڻ کي
درست ڪرڻ جي بجاءِ ماڻهو هميشه بچاءَ جا پاسا
سوچيندا آهن ۽ چاپلوسيءَ ۾ پاڻ کي پرفيڪٽ سمجهي،

اهنڪار ڪرڻ لڳندا آهن. ٻي ڳالهه چرچي ڪي برداشت ڪري سگهن. توهان ماڻهن کي عوام سان گڏ اڳيان وڌڻو آهي. انهن جي وچ ڳالهائڻو آهي ۽ توکي شايد خبر نه آهي ته ماڻهو چيڙائيندا آهن."

بحث ڪرڻ نه مون چاهيو ٿي ۽ نه ضرورت ٿي هئي. جواب ۾ صرف ايترو ٿي چيم، "مونکي صرف اوهانجو آشيرواد ٿي کپي."

هو کلڻ لڳو.

ٿانهن پيئڻ بعد هن واچ ۾ ٽائيم ڏسندي چيو، "اڙي - هيترو ٽائيم ٿي ويو آهي، اڃا اخبار وارو نه آيو آهي، اڄ اچي ته دب ٿو ڪيانس" آئندي، "ٺيڪ آهي، مونکي اهيئين فريئر روڊ تي وڃڻو هئو، اڳ پوءِ اتان ئي اخبار به وٺندو ٿو اچان." ائين چئي هو موڪلائي هيٺ لهي ويو.

هو ويو ته منهنجي من ۾ ڪرشن جو نالو تري آيو. شيلا سامهون پيل ڪرسيءَ جي پٺيان بيهندي چيو، "ڪجهه چوڻ ٿو چاهين؟"

"چوڻ لاءِ من ۾ گهڻو آهي ۽ اُن ۾ سڌ وهنوار جي ڏيک جي به ڳالهه نه آهي، پوءِ به اُن سڀ کي نظرانداز ڪندي صرف ايترو ٿي ڄاڻڻ چاهيان ٿو: اڄ تون منهنجي گهر هلندينءَ."

تڏهن هڪ دفعو وري گونجي اٿي هنجي مڌر، رسيلي کل.

” بنا نيند جي لون منهنجي گهر اچي سگهين ٿو، ته مان نٿي اچي سگهان؟ اهو پيد چو شيکر.“

” وري ملبو، اهو نه لوئي چيو هئو.“

” ليڪن پتو نه لوئي گهر ئو هئو.“

” پوءِ مان گهران ٿي چو ها جيڪڏهن تون ائين نه چون ها نه ....“

” نه؟“

” نه تون جيڪڏهن پڇين نه ها نه مون سان تنهنجي واقفيت نه ٿئي ها!“

” نه تون چا ائين ٿو سمجهين نه مان تنهنجي لاءِ پڳي هئس؟“

” ان چوڻ جو مطلب چا هئو، سو سمجهڻ چا ڏکي ڳالهه آهي؟“

” ليڪن جو ڪجهه تو سمجهو آهي، اهو صحي آهي، اهو ضروري نه نه آهي.“

” ساڳي ڳالهه مان الٽي نموني چوان نه؟“

هڪ پل لاءِ اکيون پوري، هن مرڪي چيو، ” نه پوءِ مونکي اهو قبول ڪرڻو پوندو نه ان کان وڌيڪ سمجهڻ جو سلسلو تنهنجي هن نيند سان ڳنڍيل آهي.“

پيشانيءَ ۾ هلڪو گهنج ٿاهي، ” ڪيئن؟“

مون ان جو جواب مسڪراهٽ سان ڏنو.

هن ڪرسيءَ تي وهندي چيو، ” چڱو، اهو نه

ٻڍاءِ شيڪر، مَن جي اُچل جنهن طرف وڃي رهي آهي، ڇا توهان صرف اوڏانهن ئي هلندا رهندا آهيو؟"

"شايد ائين هجي به" مون پيشانيءَ ۾ گهنج وجهي پڇيو، "ليڪن جيون ۾ ڪڏهن به ڪنهن غلط منزل ڏانهن ويو هوندس، اهڙو مونکي هڪ مثال به ياد نه آهي."

"ياد جو واسطو حافظي سان رهندو آهي؛ مونکي خبر نه آهي ته توهانجو حافظو ڪيئن آهي - پر ڳالهه ته اسين جيون لفظ کي نهايت محدود معنيٰ سان ڪم آڻيون ٿا - ٻڍاءِ ته گهر، ڪاليج ۽ آفيس کان وڌيڪ اسانجي عمر ۾ "جيون" آهيئي ڇا؟"

"توهان ٻڍاءِ" هڪ خاص نظر سان، هڪ التجا ڪيم.

هن اُن نظر جو ارٿ پڪڙي، ڪلي ڇيو، "هلچل ۾ رهندي، مَن ذرا پٿر ٿي ويو آهي - ڪجهه به مَن کي ڇڪ ڇهيئي ڪو نه. اڄ جنهن ناريءَ جي سامهون ان ڪرسيءَ تي ويٺي، جنهن خاص نظر سان مون ڏانهن نهاريو ٿو مان ان کان اڻ ڄاڻ نه آهيان - اهڙي نظر ته مونکي پنهنجي مختصر زندگيءَ جي ڪيترن هنڌ جڳهه تي ملي آهي - اصل ۾ اهائي نظر آهي جا ناريءَ جو مَن چورائي سگهندي آهي؛ اهائي نظر آهي، جنهن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ مونکي پنهنجي مَن کي پٿر بڻائڻو پيو آهي. ڏس، توهان پريشان نه ٿيو، صرف اهڙو

سوچ ته جا استري سماج ۾ Move ڪري ٿي، اُن کي نه قدم قدم تي ...... صرف پاونا جي پرواه ۾ لڙهي وڃڻ ٿي ته زندگي نه آهي ......"

"جڏهن وڏيءَ جو آواز هوندو آهي، تهه انداز ۾ ٻڌائي ٿو، ليڪن مان کي آجيون پتر پڻ ٻڌايو ته ٻڌائي ٿو سگهجي." ڪجهه سوچ وچان، "مونکي روايتي ماڻهوءَ سان پيٽ ڪري نديو نه ٻڌاءِ، ائين نٿو چوان، ليڪن مون ۾ اوشواس آئي. مونکي بنياد کان اُکوڙڻ جي ڪوشش نه ڪر شيلا ......"

هوءَ چپ.

مون پريشانيءَ وچان چيو، "ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون پڌڻ تي هر پل ڪو نه آهيان. ڪاليج پڙهندي به ڪنهن کي ايترو نزديڪ ڪونه ڏنو اٿم، جيترو توکي. تڏهن ٿي توکي التجا ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهيو آهيان، نه ته مان ڪڏهن به ڪجهه گهرڻ وارو ٿي نه آهيان." ائين چئي مون به پنهنجي نظر ڦيرائي ڇڏي.

منهنجو اُداس روپ ڏسي هوءَ به شايد پريشان ٿي ويئي.

ڪرسيءَ تان اُٿي، منهنجي نزديڪ ايندي، ڪلهي تي هٿ رکي هن چيو، "ڪنهن ٻي جڳهه تي هلڻ لاءِ نه چئي، تون مونکي گهر هلڻ لاءِ ٿي چئي رهيو آهين. ان مان جو تنهنجو روپ ظاهر ٿئي ٿو، اُن کي ڏسي مان توسان سنسار جي ڪهڙي به سنسان جڳهه تي هلي سگهان ٿي. شيڪر."

لڏهن مون وري هن ڏانهن نهاريو.
هن سڄل اکين سان چيو، "تون پريشان نه ٿي شيکر، توکي نند و ڀٽائي مان نه خود به جهڪي ٿي وڃان!"
پر پل آواز سان، "تو ۾ اوشواس آڻڻ سان ڪوئي به مهان ڀڄي نٿو سگهي. تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکر."
هنجو هٿ منهنجي ڪلهي تي هئو؛ منهنجون نظرون هنجي چهري تي - اڄ به مان جڏهن ان کي ياد ڪريان ٿو، لڏهن محسوس ٿو ڪريان ته ڪوئي آهي، جو منهنجي پر ۾ ٻهي، منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چئي رهيو آهي "تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکو!" مان وياڪل ٿي مٿي نهاريان ٿو- ڏسان ٿو شيلا آهي، اکين ۾ آنسو ڪٽي، هوءَ اڃا به چئي رهي آهي: تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکر........

وشواس!......
هڪ انوکو وشواس کڻي شيلا منهنجي جيون ۾ آئي. لڏهن سنگهرش لاءِ نئون اُتساهه؛ نئون اُمنگ من ۾ چوليون مارڻ لڳو. ڪاريه لاءِ لگن وڌي ويئي. هنسا ۾ وشواس جو فيصلو نه اڃا ٿيو نه هئو، ان ڪري اسانجو ڪاريه ساڳيءَ ليڪ تي هلڻ لڳو: اپياس ڪرڻ،

لٽن تي بليٽون ڪڍڻ، رسيءَ تي انهن کي ورهائڻ، ماڻهن کي سوراج جي معنيٰ سمجهائڻ وغيره - شيلا هميشه مون سان گڏ رهندي هئي. هن جي موجودگيءَ منهنجو ساهس وڌائي ڇڏيو هئو- هن جي وچ صرف ڪارڻ تي ئي بحث هلندو هئو- پاپيءَ سان ملندي به هن صرف ڪارڻ تي ئي ڳالهايو هو. پاپيءَ کيس چيو هو: "ڏس پيڻ، نهايت چنچل سڀاءُ جو اٿيئي اسانجو شيکر، هونءَ ته هنجو خيال مان ئي ڪندي هيس، ليڪن هاڻ هنجو بوجو توتي ئي آهي"- تڏهن هن مرڪي ڏنو هئو. هنجي اهڙي مسڪراهٽ سان زندگي مونکي نهايت حسين محسوس ٿيندي هئي- رڳي رڳي دل جي ڪنهن ڪنڊ مان ڪو شاعر سس ڪڍي ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪندو هو- تڏهن مونکي پنهنجي ڪويتا جون ٻه سٽون به ياد اچي وينديون هيون. ڪاڪ مونکي اداس ٿيندو ڏسي، هوءَ پريشان ٿي پڇندي هئي: ڇا ٿيو؟ چوندو هئس: ڪجهه ڪونهي، مَن چنچل آهي نه، خواه مخواه پريشان ٿيو وڃي!...... تڏهن هوءَ ساڳي ئي مسڪراهٽ مسڪرائي ڏيندي هئي ۽ مان ساڳي طرح اُتساهه ۾ اچي ويندو هئس......

ليڪن جڏهن هوءَ نه هوندي هئي، تڏهن من ۾ هڪ عجيب طوفان اُٿندو هو. مان بستري تي پاسا بدليندي، ان طوفان ۾ پنهنجو سڀ ڪجهه اُڏرندو محسوس ڪندو هئس. تڏهن مونکي پنهنجي ئي

ذهن ۾ ڀنڀرجو پريشان روپ نظر ايندو هئو۔ مان ڪڏهن
اونداهي رات ۾، نهايت اوچو ٻٽڪي، تارن کي ڇهڻ
جي ڪوشش ڪندو هئس ته ڪڏهن هڪ وڏو طوفان
برپا ٿيندو هئو۔ سڀ تارا ٽٽندا ڪرندا محسوس ٿيندا
هئا۔ مان ڇلانگ ڇلانگ پڇندو هئس: منهنجي سيني
۾ هيءَ آنڌي ڪهڙي - طوفان ڪهڙو؟ ۽ پوءِ ڪوئي
ننڍو ڇاڻي ته ڇو انيڪ تارا زور زور سان مون سان
ٽڪرائجي، مون کي زخمي ڪري ٽوڙي ڇڏيندا هئا۔
مان آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ پربت جيترو اوچو!...
ڇو نه ڪاٽي، جلندو، پهاڙ ڪاٽي ڪرندو هئس: ها،
ڪوئي سهاڻا لاءِ ايندو هئو۔ ايندي هئي شيلا۔ تڏهن
ٻاهرين آڳ شرير مان رستو پائي، دل ۾ پرويش ڪندي
هئي۔ ٻاهران ڪجهه به نظر نه ايندو هئو۔ شيلا پڇندي
هئي: ڇا ٿيو؟ چوندو هئس: ڪجهه ڪونهي، من
چنچل آهي نه، خواه مخواه پريشان ٿيو وڃي ....

هڪ ڏينهن اهڙي ئي آنڌي اٿي سيني ۾ ۽ مان
شيلا جي ٻانهن ۾ همت وڃي ڇڏي اٿيس، "اڄ هل."

"ڪيڏانهن؟"

"دور - بلڪل دور!"

هن گهور ڪري منهنجي چهري ڏانهن نهاريو.
ڇپائين، "هل."

تڏهن اسين برنس گارڊن ۾ هئاسين. يڪدم ٻاهر
اچي، مئڪلوڊ روڊ تان ٽئڪسي پڪڙيم ۽ شيلا کي

ٻانهن کان ڇڪي، اندر وهاريندي ڊرائيور کي چيم، ”هل.“

ڊرائيور ٽئڪسي چالو ڪري هلندو رهيو.

شيلا منهنجي منهن ڏانهن ۽ مان هن جي اکين ڏانهن نهارڻ لڳس.

ٽئڪسي رستي تان موڙ کائي، آئميرڪن هاسٽل ۽ گورنمينٽ هائوس وارو رستو ورتي اڳتي وڌڻ لڳي. پئلس هوٽل جي سامهون ٽئڪسيءَ کي بريڪ ڏيندي ڊرائيور پڇيو، ”ليڪن ڪيڏانهن بابو جي؟“

مون چرڪ ڀري ٻاهر نهاريو. چيم، ”فريئر هال.“

اصل ۾ اتان رستو لمبو هئو. ڊرائيور کي جيڪڏهن بهرين منزل ٻڌائي وڃي ها ته هو ٻيو رستو هلي ها. ٻيو هو سمجهدار آدمي ٿي ڏٺو. چپ چاپ ڪراچي جمخانا وارو رستو پڪڙي فريئر هال ڏانهن وڌيو.

هاڻ شيلا ڳالهايو. آهستي چيائين، ”ميوزم ڏسڻ جي اِڇا اٿيئي.“

”سوچيو ڪونهي.“

”ان ۾ سوچڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”جي سوچڻ جي ڳالهه نه آهي ته ٻوءِ پڇڻ جي به ڳالهه نه آهي.“

”شيڪر!“

”هون!“

”توکي ڇا ٿي ويو آهي؟“

ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيس .

" شيڪر، ٻڌاءِ لوڪي ڇا ٿي ويو آهي ؟"

مان شانت .

هاڻ هوءَ بہ شانت رهي .

فريشر هال اچي ويو . هڪ نظر ٻاهر وڌي . آسمان تہ اندلو ٿي رهيو هئو . ماڻهن جو شور ٻڌي ڊرائيور ڏانهن منهن ڪري چيم، " هل ." هن ٽئڪسي چالو ڪري پڇيو، " ڪيڏانهن ؟"

يڪدم ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيس . ٽئڪسي ٻاهر واري پارڪ کي پرڪرما ڏئي ساڳي جڳهہ تي اچي بيٺي . ڊرائيور ٻو يان نهاري چيو، " واپس هلان ؟"

موڪہ ڪنن جو! پڇي ٿو : واپس هلان ؟- ماڻهن جي جنهن شور کان مان ڀڄڻ ٿو چاهيان، هو اوڏانهن ٿي هلڻ لاءِ چوي ٿو- پڇي بہ ڪيئن ٿو : واپس هلان ؟- واپس !؟- ڇا آهي واپس؟ اهائي آندي- اهو ئي طوفان ! ليڪن ان آنديءَ، ان طوفان ئي تہ مونکي هيڏانهن آندو آهي، تہ هن مان واپس ڪيئن ٿو موٽي سگهان؟- ڪنڌ ورائي ٿو پڇي : واپس هلان ؟- واپس !- ڇا مان پاڻ کي اندر ئي اندر ۾ پيڙي ماري ڇڏيان ؟- ڇو آئي شيلا منهنجي جيون ۾ ؟- ڇو- ڇو ؟- ليڪن آئي آهي تہ هنکي بہ ان طوفان جو مقابلو ڪرڻو پوندو- ان آنديءَ سان لڙڻو پوندو ......

چيم، " هاڻ ڪلفٽن هل ."

نه، هو مورک نه آهي - هو نه چپ چاپ ٽئڪسي هلائيندڙ نوهلي. دل ئي دل ۾ چوندو هوندو: موڪ نه بابوجي آهي ... هڪ نوجوان عورت هن جي پاسي ۾ ويٺي آهي ۽ هو چاهي ٿو ته هن کي وڃڻو ڪيڏانهن آهي! ليڪن ڇا سچ پچ مان ئي موڪ آهيان؟- نوجوان عورت آهي، ڪڏهن نه اها آندي آهي - طوفان آهي - اليڪ ٻرندي جوڙا هن ان ٽئڪسيءَ ۾ چاڙهي، هڪ طرف ڳان ٻئي طرف پهچائي ڇڏيا هوندا - ليڪن اُن سان هن جو ڪهڙو واسطو - هو ٽئڪسي ڊرائيور آهي - اهو ته هن جو ڌنڌو آهي - ليڪن شايد ڪوئي آزمودگار آهي - آئي ئي تو ٽئڪسيءَ کي قيرائي بهاري پڇي: واپس هلان؟- نه، هو آئيني مان پويان نٿو نهاري. هنکي ضرورت ئي ڪهڙي - جنهن کي هو ڌسڻ چاهيندو، اُن کي ته هن اڳي ئي ڏٺو آهي، جڏهن ڪوئي هن جي ٽئڪسيءَ ۾ چڙهيو نه سهڻي، ليڪن اهو نه ٻڌايو ڪيڏانهن؟- ۽ هڪ دفعو وري به هنکي پڇڻو پيو: ڪيڏانهن؟- ليڪن لفظ ڪهڙا: واپس هلان؟- واپس!- ڇا، رستو صرف واپس وڃڻ جو آهي؟- هو نه واپس ويندو، مان ڇو وڃان؟- مان؟...... مان!......

ڪلفٽن اچي ويٺي. نه ڪلفٽن ڪونه آئي - ڀلا ڪلفٽن ڪيئن ٿي اچي سگهي؟- هنکي نه پير نه قيتا آهن ڪونه!- اسين ئي ڪلفٽن تي پهچي وياسين.

چنڊ جو هلڪو پرڪاش ۽ تيز هوا ......

پنجين ۾ ڏهين رپئي جو پيڊ سمجهه پر نه آيو ئي،
ليڪن لٿاوت ڏيهه ئي لڳو ۾ هو ته نه وٺي ويو هئو.

ڏهين جو نوٽ وٺي، هن ڪيسي مان رپئي رپئي وارا نوٽ ڪڍيا.

مون مطلب سمجهيو. چيم، "هاڻ رهڻ ڏي."

ڊرائيور اکيون چمڪايون.

"نه مان ٻڌسان تو." هن چيو.

"نه، تون وچي سکهين تو ......"

پلا مان ان ڊرائيور کي وساري سگهان ٿو؟ ظاهري
نه هو گڏ ناڻيت چڱي، سيٽيون وڄائيندو ويندو رهيو،
ليڪن پورن ٻن ڪلاڪن بعد جڏهن اسين واپس
موٽيا سين ته هن هنکي ٽئڪسي جي ٻاهران، سگريٽ
پيئندو ۽ بينو ڏٺو سين. ته هن هن ڪجهه به نه ڳالهايو.
چپ چاپ اچي ساڳي جڳهه تي چڙهي ٻائين - مان ڪيسي
مان ڪجهه ڪڍان، ان کان اڳ ئي هن ٻئي هٿ ملائي
چيو: هاڻ رهڻ ڏيو- خدا ڪري اوهان کي سلامت
رکي ....

اڄ، نه معلوم گهڻن سالن بعد ان نوجوان جي ياد
اچي ٿي - هنجون چمڪندڙ اکيون، اها دعا ياد اچي
ٿي. ته هن منهنجي روم روم مان اهو ٿي تو آواز
نڪري ٿو: خدا ڪري تو کي، تنهنجي سموري دنيا کي
سلامت رکي ....

ھن ٻوڙا ته ڪلاڪ انتظار ڪيو........
ٻه ڪلاڪ!.......
ھاءِ ھيءَ من جي لوچ! ڇو پرچي آئي ھيءَ دل؟-
پرش جي دل!

اسين شاھي سڙڪ ڇڏي، ٽڪريءَ تان ھيٺ لھندا، سمنڊ طرف وڌ ڀاسين. سامھون ڪيترائي جوڙا ڏسي، مون شيلا جي ٻانھن کي ڇڪي ڪابي طرف رخ رکيو. ھوءَ شانت ھلندي ھلي- ظاھري مان به شانت ھئس؛ ليڪن دل ۾ ھڪ وڏو طوفان ھئو. چوطرف واريءَ جا دڙا، آسمان ۾ چنڊ، تارا ۽ بادل، پاسي کان عربي وڏو سمنڊ....... مان جھڪي ويس. ھوءَ به ويٺي رھي. ھوءَ ھڪٽڪ مون ڏانھن ئي نھاري رھي ھئي. تڏھن به نه ھن جي نظر اھڙي ئي ھئي، جڏھن مون ڇيو ھئو: ڪڏھن اھڙيون ڳالھيون ٻڌڻ لئي ھريل ڪو نه آھيان، ڪاليج پڙھندي به ڪڏھن ڪنھن کي ايترو نزديڪ ڪان نه ڏنو اٿم.......

تڏھن اکين جي سامھون ڦري ويو اھو منظر......
پنھنجو ھٿ منھنجي ڪلھي تي رکي، اکين ۾ نير ڪنيو ھوءَ چئي رھي ھئي:....... تو ۾ منھنجو وشواس آھي شيکر......

ھڪايڪ مان ليٽي پيس. نه ڄا اڄ منھنجو روپ بدلجي ويو آھي؟- ڪنھن بدليو منھنجو روپ؟-
ڇو بدليو؟-

هن ئي نہ ڇيو هئو: ڪنهن بہ جڳهہ تي هلڻ لاءِ نہ چئي، توڙي مون ڪنهن گهر هلڻ لاءِ ئي چئي رهيو آهين، ان مان جو تنهنجو روپ ظاهر ٿئي ٿو، اُن کي ڏسي مان ٻوسان سنسار جي ڪهڙي بہ سنسان جڳهہ تي هلي سگهان ٿي شيکر.......

۽ مون هنڪي ٽڪسيءَ ۾ چاڙهي، شهر کان دور واريءَ جي ڍڙن ۾ آڻي ڇڏيو هئو.......

تڏهن چيو اهو نيڪ نہ آهي؟ چو منهنجي من کي اهو سڀ ٻرو لڳي ٿو؟ چو منهنجي ڇاتي اسهڻ ٻيڙا وڇان قائڻ تي چاهي؟- چو پر جي آيون آهن هيءَ اڪيون؟- مون نہ ٻريم ڪيو آهي- ٻريم ڇا پاپ آهي؟ ٻريم!- ٻريم؟...

هرد نہ ۾ دکہ جي جوالا اهڙي نہ ڀڙڪي اٿي، جو مون پاسو ورائي پنهنجو منهن واريءَ ۾ لڪائي ڇڏيو! ٻريم پاپ نہ آهي، ليڪن ڪنهن جو وشواس آزمائڻ جهڙو پاپ بہ آهي ڪوئي سنسار ۾؟ هوءَ چپ چاپ هلي آئي هئي. هن بعد بہ نہ ڪيو ۽ مان هنجو اهو روپ ڏسي اڃا بہ وڌيڪ پريشان ٿي ويو هئس. مون پنهنجي منهن کي زور سان واريءَ ۾ لوسڻ چاهيو- اڄ نہ رهندو شيکر هن سنسار ۾! ڪنهن جو وشواس آزمائڻ جي ڪري، هنکي منهن ئي ڪونهي جو ڪنهن کي ڏيکاري سگهي....... ۽ مان ڏيکاريندس بہ ڪونہ.......

زندگيءَ جو ڪيڏو نه وڏو تضاد! مان ٿي ته ڪللد و هئس انهن مردن تي، جي دک جو بار نه سهي ٿي پوندا آهن - اسهيه پيڙا صرف استريءَ کي ٿي لوڙيندي آهي، مون ائين سمجهو هئو - ناريون ڪومل دل بيمد يون آهن ۽ مرد ڪٺور .... لٺي پيو اهو وشواس!....

اهو ني هٿ جو ڇهاءُ ... ناريءَ جي هٿ جو ڇهاءُ! ناريءَ جي هٿ جي ڇهاءَ ۾ ڇا ڪوئي جادو آهي ؟-

هڪ پل ۾، هڪ پل کان به گهٽ عرصي ۾، ڪيڏانهن گم ٿي ويو منهنجي آتما جو رودن ؟- منهنجي انتڪرڻ جي ويدنا ؟

" شيکر!" هڪ هلڪو جهٽڪو ڏنو.

مان اٿي سڌو ٿي ويٺس. هن ڪابو هٿ منهنجي منهن کي گول ڀرائي، ڏيري منهنجو سر پنهنجي ڪاپي ڪلهي تي رکيو ۽ پوءِ ساڄي هٿ سان، ساڙهيءَ جو آنچل ڇڪي، هن منهنجي منهن تان واريءَ کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪن گهڙين لاءِ منهنجو من سسمت ٿي ويو.

ساڙهيءَ جو آنچل ڇڏي، هن جڏهن منهنجي پيشانيءَ تان وار هٽايا، تڏهن اوچتو هوءَ چئي اٿي، " شيکر - هي ڇا ؟ آنسو! تنهنجي اکين ۾ ؟- شيکر، تنهنجي!"

هڪ ڪن لاءِ مان پنهنجو پاڻ کان دور ٿي ويس.

ٽهرڪ اچي ويئي جڻ ٻنهجي ان روپ کان- ٻه گهڙيءَ، پاڻ سنڀالي ٻوڙو دور تي ويس.

”اڄ تنهنجي من ۾ ڇا آهي، اهو مان نٿي ڄاڻان، ليڪن تون اندر ئي اندر ۾ ڏک پوڄين، اهو مان برداشت نٿي ڪري سگهان!“

مان چپ.

”ٻڌاءِ شيڪر ٻڌاءِ، تنهنجي ڏک جو ڪارڻ؟“

چپ.

”شيڪر!“

چپ.

”مون کان، ڇا ڪاڻي غلطي ٿي آهي؟“

”رهڻ ڏي شيلا- ڪجهه پڇ نه- چپ چاپ مونکي ڇڏڻ ڏي.“

”ڇڏڻ ڏيان؟ توکي! شيڪر توکي؟- آخر تو مونکي ڇا سمجهو آهي؟“

لڏهن باغي ٿي اٿيو منهنجو من. مون پنهنجون ٻئي ٻانهون اڳيان وڌائي زور سان هنکي قابو ڪري، زور ڏيندي چيو، ”ڇا سمجهان؟“

هن هڪ لنبو ساهه کڻي ساهه کي روڪيو. هنجو ساهه کڻڻ ۽ روڪڻ ٻئي مون پنهنجي سيني سان محسوس ڪيا. هرد ۾ اٿندڙ طوفان کي روڪڻ جو هڪ اهو ئي ته سهارو آهي- هڪ لنبو ساهه ۽ ڪن گهڙين لاءِ اُن ئي روڪ!...... من ڀتر ٻڏجي ويندو آهي ان ريت؟-

لڏهن اهڙو ساهه کڻي هوءَ ڇا پنهنجي پڇڙيءَ جو سڏڪاپ ڪري ورتي آهي؛ ليڪن ڇو؟

مون هن جي وارن ۾ پنهنجون آڱريون الجهائي، ساڳئي نئين لهجي ۾ پڇيو، "مان ڇا ٿو سمجهي سگهان؟- نه تون منهنجي دک ۾ حصو ونڊڻ ٿي چاهين؟- يوڳي سگهندين هيءَ هرڊ جي پيڙا- ٿو ڪي نه اها ٿوري ڇڏيندي شيلا- ان کان بچڻ لاءِ ئي نه تو پنهنجي من کي وس ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي نه؟"

هن ساهه ڇڏيندي چيو، "اهو تو ڪيئن سمجهو؟"

مان چپ.

"ٻه پل نه تون ٿو ٺڪي مڪت نٿو ڪريان!......"

"ليڪن شيلا اهو ڇو؟- تون ڄاڻين ٿي نه ته مان توسان پريم ڪريان ٿو؟ تون به نه ڪرين ٿي. آءٌ زبان سان ڪڏهن ڪجهه چيو ڪونهي؛ ليڪن مون به نه ڪڏهن ڪجهه چيو ڪونهي- مان به نه شانت رهيو آهيان- ليڪن تون ئي ٻڌاءِ، سيني ۾ اُٿندڙ آنڌيءَ کي ڪٿي مان ڪيڏانهن وڃان- تو کان سواءِ منهنجو آهي ئي ڪير؟- تون آهين نه وشواس آهي، ساهس آهي، لگن آهي، اُتساهه آهي......"

ڌيري ڌيري هوءَ جهڪڻ لڳي.

"ڇا ٿيو؟" مون هن کي مڪت ڪندي، پنهنجا هٿ هن جي ٻانهن ۾ ڪپائيندي ڪيس سڌو جهليندي چيو.

"تون شايد ڪرشن کي نٿو ڄاڻين."

ڪرشن !......

” ڪرشن! ڪهڙو ڪرشن؟ مون ته هنڪي ڪڏهن ڏٺو ڪونهي.“

هن سپاٽ نوع ۾ چيو، ” هو چاهي ٿو ته مون مونکي نئو جنم چاهين ۽ هن جو مون ۾ اٽوٽ وشواس آهي جيترو منهنجو تو ۾!“

” ۽ مان توکي زندگيءَ ۾ ڇڏڻ نه چاهيان ته؟“

هن کو به جواب نه ڏنو.

” پڌاءِ شيلا، پوءِ؟“

هن درپ ڀاو سان چيو، ” مان شادي ڪري هلي وينديس، تنهنجي منهنجي فرينڊشپ اتي ختم نه ٿيندي شيکر!“

” ليڪن مان توکي شادي ڪرڻ ئي نه ڏيان ته؟“

هاڻ هوءَ ڪنور بڻي. چيائين، ” ڇا تو ظاهر ڪرين؟ ڪايا جو موهه؟ توکي منهنجو شرير کپي – ليڪن اهو پريم ڪيئن ٿيو؟ اها ته ڪامنا آهي! ان پنيان ڪام آهي، پريم ڪٿي؟“

” ڪايا جو موهه ڪونهي، اٿين نئو چوان، ليڪن جنهن کي تون پريم ڪرين، ان کي ئي شرير ڏين، اهو دستور ڪهڙو آهي؟“

تڏهن هن ڪليو.

” ته اڄ جي وشيه آهي: شرير ڏيڻ جو دستور؟“

” مان تنهنجي شرير کي پاڻ لاءِ همه آهو آهيان،

ائين ڪونهي. ليڪن من جي ڪنهن حصي مان
اهڙيءَ اچا مونکي هٿ آندو هجي اهو ممڪن ٿي
سگهي ٿو؛ ليڪن ان لاءِ مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟
جيستائين من کي روڪڻ جو واسطو آهي، مان پاڻ ۾
اهڙو وشواس رکان ٿو، جيترو ڪرشن جو تو ۾ يا ننهنجو
مون ۾ آهي – اهو ڇا هئو جنهن اسهيه پيڙا جو روپ
وٺي مونکي جلايو — ڪام؟"

"ڪام واسنا کي مان وڪار نٿي سمجهان، ليڪن
وڪار نه سمجهندي به ما، شرير کي ڪائي بازاري چيز
نٿي سمجهان. لون منهنجو شرير چاهين ٿو، مان ائين
نٿي چوان، ليڪن چاهڻ جي حالت ۾ هڪ مٺو ڏانهن
منهنجو فرض ڪهڙو رهندو؟"

مان کو به جواب ڏيئي نه سگهيس.

هن اُٿندي، بانهن کان پڪڙي مونکي به اٿاريندي
چيو، "اُٿ هل."

اُٿڻ تي ته مان اُٿي آيس، ليڪن مان ڇا سچ پچ
اُٿي سگهيو هئس؟ مان ته ڄڻ اُن واريءَ جي ڍڙي
۾ ئي اندر پيهجي، گم ٿي ويو هئس. ساگر جو آواز
ائين لڳم، ڄڻ قدرت ڪنهن جي انتم سنسڪار جا
منتر پڙهي رهي هئي...

دکي لهجي ۾ چيم، "شيلا، زوريءَ ناليءَ جوڙڻ
کي مان سداچار نٿو سمجهان؛ مان ڄاڻان ٿو، شرير
جي پياس بجهائڻ سان ئي من کي سک نٿو ملي."

هوءَ منهنجو منهن تڪيندي رهي.

اسهيءَ پيڙا وچان ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪاٻو هٿ وارن ۾ آڻي، نوٽ کي شيلا جي ڪلهي تي رکندي چيم، "ليڪڻ هاڻ مان هن دکي دل کي ڪٿي کڻي ويندس! سڄي سنسار ۾ توکي ڇڏي ٻيو ڪوئي نٿو چاهي ته اڄ منهنجي جيون پستڪ جو سڀ کان سندر اڌيائو سماپت ٿي ويو آهي - ته هاڻ هن شيکر کي ڪوئي به کلندو نه ڏسندو!...."

بڪل ٿي قريب ايندي، منهنجي هٿ کي وارن مان سلجهائي ڇڏ چيو، "اڌيائو ڀل سماپت ٿيو هجي، ليڪن پستڪ اڃا پورو نه ٿيو آهي. نراش ٿي تون سنگهرش کان منهن موڙي وڃين، مان ائين ڪڏهن به ٿيڻ نه ڏيندس شيکر. تون ائين سمجهه ته ڪجهه ٿيو ئي نه هئو. دک سياويڪ آهي. مان به جلد ان کان آزاد ٿي نه سگهنديس، جو تنهنجي دک جو ڪارڻ مان آهيان؛ ليڪن اسين ٻئي زندگي ڀر Intellectual friendships قائم رکندا، جد وجهد ڪندا هلون، اهو ڇا ممڪن نه آهي؟ - ممڪن آهي! نئين سڀيتا جو نئون نالو - پريم کان الڳ، ڪام کان مٿي، ڌرم کان مڪت، هڪ انوکو سنبنڌ...." ڪجهه رڪجي، "ڏس شيکر، اڄ اسان جڏهن زندگيءَ جي نئين باب ۾ پرويش ڪري رهيا آهيون. تڏهن هل ته ان جي

شروعات چانڊنيءَ رات ۾ سمنڊ جي چڙهندڙ وير کي ڏسڻ سان ڪريو ن."
چيم، "هل."

جيون ۾سنڪ جو نئون باب!....
ڪهڙي نواڻ هئي ان ۾؟-
مون چيو، "چنڊ کي ڏسڻ سان ساگر جي سيني ۾ لوڇ ڇو ٿي پيدا ٿئي؟"
هوءَ چپ.
"منهنجي سيني ۾ به هڪ اهڙي لوڇ آهي. سمنڊ جون لهرون چنڊ کي پڪڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪن ٿيون ۽ مان پنهنجي چنڊ کي ڇهڻ جي حالت ۾ به تسڪين نٿو پايان ۽ ڪنهن ائين ڇو ٿيو آهي ته ......"
"ته؟"
هڪ لنبو ساهه کڻي، آهه ڀريندي چيم،
"Dearest, pain of loving you is almost more than I can bear.
هن کلي چيو، "اهو توکي گذريل باب ۾ چوڻ کپندو هئو."

"پوءِ ٻه ٽئي ڇا ها؟"

"اهو ٿي ته سمنڊ جي هن ڳهري لوڇ کي ڏسي، تون پنهنجي لوڇ کي سيني ۾ گم ٿيندو محسوس ڪرين ها."

"ساگر ۾ لوڇ ڏسڻ ۾ ٿي ان ڪري ٿي اچي جو من ۾ لوڇ آهي."

"ساگر ۾ لوڇ چنڊ جي ڪري آهي ۽ تنهنجي لوڇ؟"

"تنهنجي ڪري."

ٻنهي هڪ ٿي وقت کليوسين.

"تو چيو: هاڻ هن شيڪر کي ڪوئي به ڪلعدو [?] ڏسي نه سگهندو."

"سيڪو ڏسندو، جيڪڏهن تون پير ۾ هوندين."

"مان ته اُن وقت به تنهنجي پير ۾ هئس جڏهن تو ائين چيو."

"تڏهن توکي ٻئي روپ ۾ ڏٺو هئم."

"مان ته ساڳي آهيان شيڪر."

"ڪڏهن به نه بدلجين، اڄ اهائي پرارٿنا آهي."

وري به ٻنهي کليو. چانڊني رات ۽ سمنڊ جي ڪناري تي من هلڪو ٿي ويو.

ليڪن جڏهن شيلا کي گهر ڇڏي، اڪيلو واپس وريس، تڏهن وري من کي هن کهڙي طوفان وڪو!؟–

بستري تي ليٽڻ سان ئي اهو طوفان زور وٺي ويو. هن واسف مون پهاڙن کان به ليڪو نڪرو اوچو ٿي پڪاريو: "شيلا!" ڏنم، چنڊ مان چڻ ڪنهن نهڪ ڏنو. غصي ۾ اچا به اوچو ٿي هڪ ڏڪ چنڊ کي نڪاءَ ڪيم. هڪ زوردار چيخ ڪري چنڊ ٽڪر ٽڪر ٿي هيٺ ڪرڻ لڳو. مون چلائي چيو: "مان هن سموري برهمانڊ کي ٽوڙي ڇڏيندس." طوفان اڃا به جاري هئو- چنڊ جي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ سان چوطرف انڌڪار ڦهلجي ويو. ته هن وري تارن مون سان مستي ڪرڻ شروع ڪئي. چڻ ڪنهن تارن کان بالن جو ڪم ٿي ورتو. تارا آيا ٿي ۽ اچي مون سان ٽڪرائجي موٽي ٿي ويا. هڪ دفعو وري به مان پڇاڙ ڪائي ڪريس. جتي ڪريس، اتي صرف واري هئي- پاسي کان سمنڊ ساڳيا انتم سنسڪار وارا منتر اچاري رهيو هئو......

سنو ٿيو، شيکر مري ويو! هاڻ هڪ نئين شيکر جو نرماڻ ٿيندو- نئين شيکر جو سرجڻ!....

اٿيس، قلم کنيم ۽ پنهنجي نئين نرماڻ تي هڪ ڪويتا لکيم. سوچيم، موقعي ملڻ سان شيلا کي ٻڌائيندس.

ٻئي ڏينهن شيلا جي گهر ويس. پيءُ ڪورٽ ڏانهن ويچي چڪو هئس.

شيلا کي ڏسڻ سان ئي دل پردرد جو هڪ سوسات اٿي آيو ۽ مونکي قبول ڪرڻو پيو ته، اڃا شيکر

مئو ڪونهي - زندھ آهي - نئين شيڪر جو نرماڻ صرف هڪ ڪلپنا آهي ۽ مهنجي هيءَ ڪوِتا، اُن جو پرد رشن ....

مون ڪيسي مان ڪوِتا وارو ٻنو ڪيو. ڦاڙي ڦٽو ڪيو.

”ڇا هئو؟“ شيلا پڇيو.

”ڪجهه نه، صرف هڪ پنو!“

”ڪائي ڪوِتا لکي هيئه، ڪيئن؟“

”اهو ڪيئن؟“

”چوندا آهن: Poetry is creation of Pain“

مان شانت رهيس.

هن چيو، ”اڄ بابا هڪ ڳالهه چئي.“

”ڪهڙي؟“

”چوي پيو: ڇو ڪرِ ٻن کي سوشل ورڪيوم ۾ نه ڦاسڻ گهرجي.“

”سوشل ورڪيوم! مطلب؟“

”چوندا آهن، جتي سماج جو اثر نٿو پهچي، اُتي ئي اهو ورڪيوم رهي ٿو.“

مان چپ.

”بابا صرف اشاري ۾ چيو نه چيو، اڄڪلهه هلچل جي باري ۾ ڪجهه پڌائيندي نه آهين- ليڪن مان شانت رهيس نه هن به وڌيڪ ڪجهه نه پڇيو.“

يعني نه اسانجي اوسي پاسي ڪا سماج آهي، اُنجا

کي نيم آهن، اهو وساري نه گهرجي. ڪاني ڇوڪري، اڪيلي رات جو هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندي رهي، ان جو سماج جي ٻين ڇوڪرين تي ڪهڙو اثر پوندو؟- ليڪن ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته جي سماج جون سمورين ڇوڪرين شيلا ٿيون بڻجي پون ته سماج خود ڪٿي بيهندي ....

”تون ٺيڪ آهين نه؟“ هن پڇيو.

”ها، تون ڪيئن آهين. اهو ڏسڻ لاءِ ٿي هتي آيو هئس.“

”چڱو، چانهه نه پيئندين نه؟“

”ها، ليڪن ڪجهه ڪڙڪ، ڪجهه مٺي ....“

هن مرڪي ڏنو.

اهائي رسيلي مرڪ — من کي سک ڏيندڙ.

شيلا جي دوستي مان برداشت ڪري نه سگهيس، ائين ڪونهي. اسان جو ڪاربه رلڻ ملڻ ٿيندو رهيو. شيلا جي هميشه اهائي ڪوشش رهي هئي ته هوءَ هميشه جيان سياوڪ ٿي رهي. مون به اهائي ڪوشش ڪئي. ليڪن من جي ڳتي — پيچيدگي ڪير ٿو ڄاڻي .... اوچتو من اداس ٿي ويندو هئو — مونکي اداس ڏسي شيلا مرڪي ڏيندي هئي؛ مان من کي

طرح طرح جون سمجهاڻيون ڏيئي وس ۾ ڪري ويندو هئس.

اُن ڏينهن صدر ۾ تيل هڪ ميٽنگ تان ٿي، برنس گارڊن جو پنهنجون رستو پڪڙي موٽي رهيا هئاسين. پنڌ هلڻ جي اِڇا هن ئي ڏيکاري هئي.

هوءَ سماج تي ڳالهائيندي ٿي آئي، "اسان جي سماج ۾ آئين ئي ٺهي ٿو: پهرين شادي ۽ پوءِ پيار. شاديءَ کان اڳ جيڪڏهن ڇوڪري ڇوڪريءَ جي گڏجاڻي ٿي وڃي ٿي ته اُن کي پريم ئي سمجهيو وڃي ٿو. پهرين گڏجاڻي، پريم جو روپ وٺي سگهي ٿي، ديس ۾ ٻه ته پرديس ۾ ٻه، ليڪن روپ وٺڻ ۽ روپ ڏيڻ ۾ تفاوت آهي. اسين سماج ۾ هلون ٿا، سيڪڙو ماڻهن سان گڏجون ٿا ۽ ان ريت پاڻ کي نهڪائي وڃون ٿا، ليڪن جو شخص اِها سماج ۾ چريو پريو ڪوٺجي، اِها تازو ئي سماج ۾ آيو آهي، هو ڇا يڪدم پاڻ کي نهڪائي سگهندو؟- سامهون جيڪڏهن ڪو آدرش هوندو ئي ڪونه، ته سماج ۾ Move ڪري سگهبو ئي ڪيئن؟ ڪيترا نوجوان منهنجي سامهون آيا آهن، هڪ هڪ جي سهواس کي مان جيڪڏهن پريم چوان ته مون پاڻ کي ڀاريندس ڪٿي؟ تنهن ڪري ڪنهن گڏجاڻيءَ کي، گڏجاڻيءَ ۾ مسڪراهٽ کي پريم جو رنگ ڏيڻ ئي اجايو آهي- اسين سماج ۾ پريمي ڳولهڻ لاءِ نٿا نڪرون. نڪرون ٿا سماجي زندگي جيئڻ.

ان سماجڪ ڪيتر ۾ استري ۽ پرش جو سنبنڌ سھڪار
ونڻ ۽ ڏيڻ تائين رھڻ ئي گھرجي. آدرش ته اھو ئي
آھي. ليڪن حقيقت ڇا آھي؟- نه آفيسن ۾ ميل جول
آھي ۽ نه ڪاليجن ۾- ڇوڪرا ڇوڪريون گڏ پڙھن ٿا،
نوڪريون وغيره نه ڪن ٿا، مگر اڪثر ڳالھائين
ڪو نه ۽ جڏھن ڳالھائين، تڏھن ان ۾ ڳالھه ڪي وڏائي،
پريم جو رنگ ڏيو ڇڏين ٿا!"

مون به نه چاھيو ٿي ڪيو ھئو......

"ليڪن پريم ڇا اھڙي سستي چيز آھي؟ اھو
ھڪ سرپشت ڀاو آھي- جنھن ۾ ونڻ جو نه، ڏيڻ جو
احساس رھي ٿو- ھڪ اھو سادن، جو اسان کي تنگ
کان وشال طرف وڃڻ جي راه ڏيکاري ٿو. جو توڙي
نٿو، بڻائي ٿو. شڪتي ۽ وشواس ڏئي ٿو-"

مان چپ.

"تو، .پ ڇو آھين؟"

"ما، ...جي پھرين ڳالھه تي سوچي رھيو آھيان."

"اِن ، .سان سان واسطو؟- نه مان ڀاونا جي پرواه
۾ لڙھي ... آھيان ۽ نه تون منھنجو پريم نه پائي،
رواجي ، . جيان Anti women تي ويو آھين."

منھن... پنھنجي جڳھه تان ڏڏي ويو. ڀلا مان
ڇا استر... جي خلاف تي سگھيس ٿي؟ ناري ۽ جو
ھڪ رو... ـھون ھئو ۽ ھڪ گھر ۾ بنھي مونکي
ھان بنا... تي ئي ته ڪوشش ڪئي ھئي....

مهان !........

ليڪن شيڪر ڇا مهان ٿي سگهي ٿو؟-

چيم، ”رهڻ ڏي شيلا- مان هڪ وچتر الجهن ۾ گرفتار آهيان. هڪ شيڪر آهي، جو تنهنجي سامهون آهي ۽ هڪ ٻيو شيڪر آهي جو منهنجي دماغ ۾ آهي- جو شيڪر منهنجي دماغ ۾ آهي، اهو ئي مهان آهي- مان اهو ئي تيرڻ چاهيان ٿو. ليڪن جنهن شيڪر سان تون ڳالهائي رهي آهين، اهو هڪ رواجي انسان آهي- تو کي غلط نٿو سمجهان، ليڪن تون مونکي غلط سمجهون ٿي، ڇو ته مان هڪ نه، ٻه آهيان- هڪ اهو آهيان، جو آهيان، ٻيو اهو آهيان، جو هوندو ڪين گهڙي لاءِ آهيان، ليڪن رهڻ چوويهه ڪلاڪ چاهيندو آهي.“

”تنهنجو مطلب؟“

”مطلب اهو نه آهي ته تنهنجي سامهون وارو شيڪر Anti-Women آهي، ليڪن هن سنسان سڙڪ تي جو شيڪر ڪمزور ٿي سگهي ٿو، اهو مهان نه ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي.“

هن هلندي ئي پڇيو، ”تڏهن ڇا تنهنجي من ۾ اهائي الجهن هلي رهي آهي ته تون هن سنسان رستي تي جنهن استريءَ سان گڏ هلي رهيو آهين اُن کي متر سمجهين يا پريتما؟“

يڪايڪ مان روڪجي ويس. هوءَ به روڪجي

ويٺي. سڙڪ تي روشني نہ هئي، ليڪن مٿان
وڏو وڻ ڇانو ڪري، اهو اڪرو اونداهو هئو.

”شيلا، هڪ سوال پڇان؟“

”پڇ!“

”ڪرشن کان اڳ جيڪڏهن مان تنهنجي زندگيءَ
۾ اچان ها ته؟“

هن ڪلڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر ناڪام رهي.
ليڪن هنجي ان ڪوشش مان اهو ظاهر نہ ٿيو ته هئو
ته پيا سوال اچايو هئو، يا پاڻيہ اڳيان اسان جو کهڙو
وس ....

هن نزديڪ ايندي چيو، ”ڪرشن کان اڳ گهڻن
ڪوشش ڪئي هئي شيکر!“

دل کي جڻ ڪنهن چيري ڇڏيو.

”مان توکي پيت ڪرڻ لاءِ ٿو چوان.“

پيت ۾ مان توکي گهٽ سمجهان ٿي.“

”شيلا!“ خوشيءَ وچان مون دپيل رڙ ڪئي.

”مون تي وشواس ڪر شيکر.“

”ان هوندي به تون مون کان ايترو دور ڇو
آهين؟“

”مان ته تنهنجي نزديڪ آهيان شيکر.“

”تورو اچا به نزديڪ اچ نہ.“

هوءَ اچا به نزديڪ آئي.

”لهيجو ڪرشن کهڙو- لولي ذرو ﺑﮧ ٻڌڻ
نٿو رکي.“
”جتي وشواس هوندو آهي، اُتي ٻڌڻ جي ضرورت نہ رهندي آهي. ٻڌڻ ۾ جڪڙجڻ انساني سڀاءُ آهي، مهان ٿي. ان ڪري سياڻپ طور چاهيو ويندو آهي تہ ڪوئي اچي دل جي سنگهاسن تي وهي ۽ راڄ ڪري. ليڪن ان ٻڌڻ ڪان مٿي ڇا ڪجهہ نہ آهي؟“
”آزادي آهي.“ مون چيو، ”ليڪن وقت ۽ آستان جو خيال ﺑﮧ ڪجهہ ٿيندو آهي يا نہ ....“
”ليڪن هڪ مترِ سان گڏ هئڻ ۾ هرج ڪهڙو آهي؟“
”مترِ جيڪڏهن ڪمزور ٿي وڃي تہ؟“
”انجي معنيٰ اها تہ ٿي ڪو. تہ سامهون وارو شخص ﺑﮧ ڪمزور ٿي ويندو.“
”۽ جي اهو ﺑﮧ ٿي وڃي تہ؟“
”تہ ٻڌ“ هن بلڪل گنڀير ٿي چيو، ”مان هن مسئلي کي هن روپ ۾ ڪٿان ٿي: ٻي شخص آهن. پتي، پتني ۽ مترِ. جيڪڏهن پتنيءَ جو پتيءَ سان پيار آهي تہ اهو پيار هنکي ڪڏهن ﺑﮧ ڪمزور ٿيڻ نہ ڏيندو ۽ جي نہ آهي تہ پوءِ پتنيءَ جي ڪمزور ٿيڻ جو پتيءَ جي وشواس اوشواس سان ڪو واسطو ڪونهي- ۽ ٻڌ، مان ڪرشن سان پريم ڪريان ٿي.“

مون طنزي نوع ۾ چيو، ”انهيءَ مطلب اهو ٿيو ته پتيءَ جي وشواس جو ڪارڻ آهي پتنيءَ جو پيار - يعني پتنيءَ جو وشواس پنهنجي ليکي ڪا ستنتر چيز نه آهي؟“

هڪدم هوءَ ڪو به جواب ڏئي نه سگهي. مان مسڪرائڻ لڳس.

ٿي گهڙيءَ چيم، ”هاڻ هل.“

ليڪن هوءَ پٿر بڻي ويٺي رهي.

مان به روڪجي پيس.

ڪن گهڙين جي مختصر خاموشيءَ بعد هن چيو، ”پريم نه هئڻ جي ڪري وشواس جو سوال اٿندو ئي ڪٿي آهي. پريم آهي ته وشواس آهي. پتيءَ جو وشواس ئي پتنيءَ کي ڪمزور ٿيڻ کان روڪيندو.“

هنجي نقط نظر ۾ هاڻ مونکي تضاد نظر آيو. چيم، ”پوءِ ان تو چيو ته پتنيءَ جو جيڪڏهن پتيءَ سان پيار آهي ته اهو پيار هنکي ڪمزور ٿيڻ کان روڪيندو. هاڻ چئين ٿي ته پتيءَ جو وشواس ئي هنکي ڪمزور ٿيڻ کان روڪيندو. يعني ضروري ڪونهي ته هوءَ پتيءَ سان پيار ڪندي هجي - پر هوءَ جيڪڏهن پيار نٿي ڪري ته اهو به لون ئي ٿي چوان نه ته پوءِ هنجي ڪمزور ٿيڻ جو پتيءَ جي وشواس اوشواس سان ڪو واسطو ڪونهي - ڇا مطلب؟“

هوءَ اوڪ بڻجي منهنجو منهن تڪيندي رهي.

وري به مون تي ڳالهايو، ”ان مان اهو به ته ثابت ٿيو ڪونه ته وشواس هڪ سنبتر چيز آهي.“

هن منهنجي ٻنهي هٿن کي پڪڙي، انهن کي ملائي زور ڏيندي چيو، ”پر شيڪر، آدرش هميشه مٿي چڪيندو آهي ۽ انسان سياؤ موجب هميشه اوچو رهڻ چاهيندو آهي، اها هڪ حقيقت آهي ۽ جو ان حقيقت کي مڃي ٿو، انجو وشواس سنبتر رهي ٿو.“

هڪ نئين ڳالهه ......

”يعني؟“

”يعني ته جتي ڪمزور ٿيڻ جو سوال آهي، اتي جيون جو ڪوئي آدرش نه ۽ پنهنجو سياؤ خود ان ڪمزوريءَ کان مڪت ڪرڻ جو سهارو ڏيندو آهي - اسين پوءِ اچا به پختو ٿيڻ لاءِ ڪارڻ ڳولهيندا آهيون. مان ڇا فلاڻي جو وشواس ٽوڙي ڇڏيان؟ ها، ليڪن منهنجو ته هن سان پريم آهي، ٻنهي جهڳڙي جو ڇا مطلب؟“

”ڇگو ان کي رهڻ ڏي - هڪ ٻيو سوال ڪريان.“

”هل ته سامهون ناليءَ جي ٽلهي تي وهون.“

اسين اونده جي گهيري کان نڪري اچي ٽلهي تي ويناسين.

”جنهن سان پريم ڪجي، ان سان ئي شادي ڪرڻ ضروري ڇو آهي؟ شرير جو واسطو جيڪڏهن ڪام سان آهي، ته پوءِ انکي پريم سان ڇو ڳنڍيو ويو آهي؟“

” مان نٿي ڄاڻان.“

” ته پوءِ هيئن ڪر، تون پرير ڪرشن سان ڪر، ليڪن شادي مون سان!“

تڏهن فضا ۾ ڄڻ گونجي اٿي اهائي هنجي مڌر رسيلي ڪِل!

” ته توکي شرير ڪهي؟“

” مونکي تون ڪهين.“

” ڪهڙي روپ ۾؟“

” روپ لئي مان سوچڻ ۾ نٿو چاهيان - مونکي تون ڪهين - تون! سچي - سموري!“

يڪايڪ هنکي ڇا ٿي ويو؟ - هيمنٽ ٿي تڏهن کلندو هو، پوءِ اوچتو هنجو چهرو اُداس، پريشان ڇو ٿي ويو؟

مان به پريشان ٿي، تلهي تان هيمنٽ لهي چوڻ لڳس، ” سچ ٻچ مان تنهنجي سنيد جي لائق نه آهيان شيلا - اڪثر مان توکي پريشان ڪندو ٿو رهان ۽ اهو نٿو سوچان ته ٻاهر ڪي ڪيترو نه ننڍو ٿو ٻڌايان. هڪ انوکو وشواس ڪٿي تون منهنجي جيون ۾ آئي آهين، مان ڇا اُهو وشواس ٽوڙي سگهان ٿو؟ - تون ته ڄاڻين ٿي ته منهنجو من ڪيترو نه چنچل، ڪيترو نه جذباتي وهيڻو آهي. جذباتي ۾ اچي نه معلوم ڇا جو ڇا چئي ويندو آهيان - تون آهين جو تڏهن به مون تي وشواس ڪندي هلين ٿي.“

ڪجهه روڪجي، پاڻ تي قابو پائي، "اهو ته مان به ڄاڻان ٿو ته، شرير ۽ من جو هڪ ٻئي سان گهرو سنبنڌ آهي. جيڪڏهن پريم هڪ سان آهي ۽ شادي ٻئي سان ته من - اُلجهن سڀاوڪ آهي. اسين زندگيءَ جو مقصد سک جي پراپتي ٿي سمجهون ٿا. تڏهن ڪوئي به ائين نه چاهيندو ته من اُلجهن ۾ رهي - اها ڳالهه خيال ۾ رکي ئي ڪام کي پيار سان ڳنڍيو ويو آهي ۽ ان ڳنڍ جو نالو شادي رکيو ويو آهي. شادي سماج ۾ انتظام قائم رکڻ جو پورو بندڻ به آهي ۽ مان خود به اهو مڃان ٿو ته شرير ڪائي بازاري چيز نه آهي ...."

تڏهن هن روئي ڇو ڏنو؟ روئندي ڪن گهڙين لاءِ هن پنهنجو منهن پنهنجن هٿن ۾ لڪائي ڇڏيو.

مان چوندو ويس، "تنهنجي اڳيان، ڪجهه به چوڻ ۾ مونکي هٻڪ نه ٿي آهي. سوچيندو آهيان، اصل ۾ ٻري ڳالهه، برائيءَ تي ڳالهائڻ ۾ نه، بُرو بڻجڻ ۾ آهي ۽ اسين نه برا بڻيا آهيون ۽ نه برائيءَ تي ڳالهايو آهي — ليڪن هي ڇا؟ تون روئي ڇو رهي آهين؟"

ڪجهه روڪجي، "ڏس شيلا، اڄ پهريون ڀيرو منهنجي من ۾ اها ڳالهه آئي آهي ته جيترو مان لوڪي چاهيان ٿو اوترو تون به ڪرشن کي چاهي سگهين ٿي - ڀلا ڪوئي منهنجو پريم پنگ ڪري سگهي ٿو؟ نه! نيڪ اهڙيءَ طرح مان تنهنجو پريم پنگ ڪيئن ٿو

ڪري سگھان؟- ۽ اڄ مونکي پنهنجائي لفظ ياد اچن ٿا ته زوريءَ نالو جوڙڻ سداچار نه آهي. نه صرف شرير جي پياس بجھائڻ سان ئي من کي سک نٿو ملي- ليڪن تون اڃا به روئي ڇو رهي آهين؟"

مون هنجا آنسو اگھندي چيو، "منهنجو دک ڏسي ئي روئين ٿي- ليڪن پتون هاڻي دکي نه ڪر شيلا- هاڻ شيکو صرف متر ئي رهندو- ڪاما به صرف اهائي آهي ته جيون ۾ جيڪڏهن ڪير اچي به، ته اها هجي لو جهڙي سرل وشواس ئي."

تڏهن شاردا آئي منهنجي جيون ۾. ليڪن شاردا اڳيان وشواس جي ڪا معنيٰ ئي نه هئي. هن جڻ ائين ٿي سمجھو ته وشواس نالي واري چيز صرف ڪتابن ۾ ئي لکڻ جي آهي. تڏهن مون هنکي اڃا اهو نه ٻڌايو هئو ته منهنجي زندگيءَ ۾ ڪو ٿي آيو هئو- جنهن منهنجي سموري جيون ۾، وشواس جي ديپڪ سان، هڪ انوکو پرڪاش ڦهلايو هئو. ليڪن شاردا کي پائڻ لاء مونکي ڇا ڪائي سادنا، ڪائي تپسيا نه ڪرڻي پيئي هئي؟- پر مان اها سادنا، تپسيا ڪريان ٿي ڇو ها جيڪڏهن مونکي هن ۾ شيلا جهڙي شخصيت نظر نه اچي ها ......

شيلا! ......

مونکي اڄ به شيلا جي مترتا تي ناز آهي. اُن ڏهن به هئم. ليڪن منهنجي اندر جي شيڪر ٻڙ ٻڙ ڪيو هئو ته اهو ڪندو ٿي رهيو. ڪُنهن سان؟ شيلا ته صرف متر هئي ...... اُن ڏهن ڪير هئو، جنهن کي مون ٻڙ ٻڙ ڪيو ٿي؟—

ٻڙ ٻڙ!......

دل جي ڪهڙي نه اديت ڪيفيت ...... شيلا سان گڏجڻ ته ٿيندو رهيو، ليڪن ڪُر هئو، جنهن سان مان گڏجي نٿي سگهيس.

اُن ڏهن ملڪ ۾ هڪ زبردست سياسي آنڌي آئي، اُن آنڌيءَ جو سهارو ورتي، آزاديءَ جي ديوي، چپن تي ورهاڱي جو درد ڀريو هڪ گيت کڻي آئي.

ٽماڙ تان لهندي شيلا چيو، "هاڻ هندستان آزاد ٿي ويو آهي؛ سنڌ ۾ ته هاڻ رهي نه سگهبو، يا چاهي رهي سگهجي به، پر جيئن پيا نٿا چاهين تيئن بابا به ......"

اُن ڏهن مان چپ هئس.

"مونکي وساري ته نه وهندين؟"

"نه تون ڇا ائين ٿي سمجهين ته هاڻ وري ڪڏهن به ملي نه سگهبو؟ تون ڇا خط نه لکندينءَ؟ بدا پتي جي به، مان ڇا توکي ڳولهي نه سگهندس؟"

” ليڪن نہ معلوم ڇو مان ائين وسهي رهي اهيان نہ هاڻ اسين ڪڏهن بہ ملي نہ سگهنداسين!“

ان ”نہ معلوم ڇو“ ۽ نہ معلوم ڇو مونکي، تڙ ڦاٽي ڇڏيو.

پر هن ٺيڪ چيو هئو. هوءَ هلي وئي، ليڪن هن خط نہ لکيو. يا شايد لکيو هجي بہ. ڪجهہ ڏينهن بعد اسان آزاد پريس جي پرِ وارو گهر ڇڏي، رتن تلاءَ تي وڃي نئون گهر وسايو. ائين آهي تہ مان هر روز پنهنجي پراڻي مڪان ۾ آيل نون مسواڙين وٽ خط پڇڻ ويندو هئس. ليڪن جواب؟...... پهرين ”نہ“ ۽ ”عجب“ ۽ پوءِ ”ها“. ۽ ٺهڪ!......

گهڙي ۾ گهڙو کلندي هئي اُن گهر ۾ رهندڙ هڪ نوجوان ڇوڪري .... ۽ جنهن ڏينهن هن مون سان هڪ ڇرچو بہ ڪري ڇڏيو، تنهن ڏينهن بعد مان وري اوڏانهن نہ ويس.

چيائين، ”ٺوڪي ڪير خط لکندو بہ ڇو؟ جي اهميت نہ ڏيندا آهن اُهي خط لکندا آهن ڇا؟...... تنهنجو انتظار ڪيڙو!......“

منهنجو منهن لهي ويو.

ٺهڪ ڏيئي چيائين، ”ليڪن مان تنهنجا خط پڙهندي آهيان. سچ پچ ٺوڪي هوءَ ايڏي چاهي ٿي......“

نالو هئس نرگس- ماڻهس ڪيس اهڙي ئي نالي

سان ٻڪار ٿو هئو. ڇو ته هن نٿي چاهيو ته هن سان منهنجي دوستي ٿي وڃي. اڄ هوءَ سنڌ جي هڪ نوجوان ليکڪ جي پتني آهي، اسان ٻنهي جي وچ ۾ خط وڪتابت اڃا چالو آهي.

پر جيترا ڏينهن ڪراچيءَ ۾ هئس، هن سان وري ڪڏهن نه مليس. شيلا مونکي وساري ڇڏيو آهي، تڏهن ته خط نٿي لکي، پوءِ مان ڇو هٿين وڃان ٿي ڇڏيو؛ اهو سوچي مون نرگس وٽ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو.

مون شيلا جي ڳولها ڪئي؟ نه نه...... نه ڪئي. مون ڳولها نه ڪئي. مان ڪري به نه سگهيس. منهنجي من جي پيڙا مونکي سست بڻائي، اندر ۾، دل جي ڪنهن نازڪ حصي ۾ آڳ لڳائي ڏني......

منهنجون ڪوتائون پره جون هيون، پر پر ڪنهن سان هئم، سو ته مون چاتو نٿي. شيلا ته صرف هڪ مٺر جي روپ ۾، ذهن ۾، سمرتيءَ جي راهه تان مسڪرائيندي، وڪ کڻندي نظر ايندي هئي: تڏهن منهنجي پريتما ڪير؟

بمبئيءَ آيس. پهرين ڏينهن ۾ شاهي سڙڪ تان لنگهندڙ هر ٽرام، موٽر، بس ۾ ويٺل ڪي گهوري ڏسندو هئس، ليڪن شيلا نظر نه ايندي هئي. تڏهن من بغاوت ڪئي- من پره جي ڪوتائن سان پاڻ جلائڻ لاءِ تيار نه هئو- ٽئي ويو موٽ، پنهنجي خون سان لکيل ڪوتائن مان- ليڪن، لکڻ جي عادت

جو ٿي، هڪ طرف ڪرڻائن ماں موهه. ٿو ٻئي طرف بنا ترتيب جي به شاعري ڪرڻ لڳس. نتيجو؟- ڪوِتا جڳت ۾ هڪ طرف ناڪامي پلئه پيئي ۽ ٻئي طرف ماں نِتاد ٻڌجي ويس.

شيلا جي ياد اچڻ سان ڪڏهن ڪڏهن ياد ايندو هو ڪرشن.

اسان ٻنهي جي واقفيت ڪراچي بندر تي ٿي هئي.

جهاز چڙهڻ ۾ ڪا خاص دير نه هئي.

ڏٺم، هي اهوئي شخص هئو، جنهن کي ڪاڏيءَ جي وِس ۾، شيلا جي گهر ماں نڪرندو ڏٺو هئم- جو جڏهن چئي، ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو هئو.

شيلا کي پڇيءَ سڏ ڪيو ته هن چيو، "ماں سڀ ڄاڻان ٿو."

ماں چپ.

"موں شيلا کي هميشه اهوئي چيو آهي ته جو شخص، پنهنجي ليکي، پنهنجو پاڻ ٻرو سوچڻ جي قابل آهي، اُن اڳيان ٻروڌ يا آڳيا جي ضرورت نه رهندي آهي. اُن کي اسين صرف راءِ جي صورت ۾ صلاح ڏيئي سگهون ٿا ۽ موں نه شيلا کي اهو به چيو ته تو وٽ اچڻ سان جيڪڏهن توکي ۽ هن، ٻنهي کي سک ملي ته ماں خوش ٿيڻ وارو شخص آهيان — اڄ تون نهايت پريشان نظر اچي رهيو آهين. منهنجي وس ۾ ته ڪجهه آهي ڪونه ۽ نه ته ماں تنهنجي خوشيءَ

لاءِ نہ معلوم ڇا جو ڇا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃان-
لڏهن بہ هن سنجها جي وقت، پاسي واري سمنڊ ۾
اسٽ ٿيل سورج اڳيان مستڪ جهڪائي اهائي پرارٿنا
ٿو ڪريان تہ ڪاش! منهنجي جيون جي سڀني پڇن
جو ڦل توکي ئي ملي."

"تنهنجي ان پرارٿنا کي ٻڌي، تان تنهنجي احسان
جي بار وچان جهڪي نهايت نمڊو ٿو ٿئجي وڃان-
مونکي ان ار جي کان مڪت رکہ دوست ۽ ڦل جي
ڳالهہ نہ ڪر...... توکي شيلا ملي آهي ۽ توکي- پلا
ان کان وڌيڪ ٻئي ڦل جي ضرورت ئي ڪهڙي
آهي."

"ليڪن جيون جو دائرو نهايت وشال آهي دوست-
۽ ٻون سنگهرشوادي تہ آهين ٿي- آشاواد جو آنچل
ڇڏڻ تہ تنهنجي سڀاءُ جي خلاف آهي...... آخر تہ
ڪوئي اينده جيون ۾......"

مون مشڪي ڏنو- هاءِ هاڻ آشاواد جو آنچل
سنڀالي ٿي جيون ۾ سنگهرش ڪبو...... آخر تہ ڪوئي
ايندو جيون ۾......

سنگهرش ۽ آشاواد......
سياست کي ڇڏي هاڻ مون ساهتڪ سرگمين ۾

ٻهر و ورتا شروع ڪيو. ليڪن شاعر ٻڌي نه سگهيو، ٻڌجي ...
.... هڪ دفعي، ليڪن جي ڪلاس ۾ هڪ ٻهس هليو. ڪنهن چيو: سنڌي ساهت ۾ هڪ به ليڪڪ Intellectual استريءَ جو ڪردار پيش ڪري نه سگهيو آهي. مون چيو: تنهنجو مطلب شايد اهو آهي ته سنڌي ليکڪن کي پنهنجي ذاتي يا اوسي پاسي جي زندگيءَ ۾ ڪا به پڙهيل استري نظر نه آئي آهي، جو ته سنڌي ساهت ۾ اڃا آدرشواد کان وڌيڪ يٿارٿواد جو ٻول ٻالا آهي ۽ اهو هوندي به ......
ڪنهن مهاشيه چيو: مان سموري سنڌي ساهت کان واقف آهيان، اها ڳالهه صحيح آهي ته ڪو به سنڌي ليکڪ پڙهيل استريءَ جو ڪردار پيش ڪري نه سگهيو آهي .... پر هوءَ به اسان جي سماج ۾ پڙهيل استريون آهن ئي ڪٿي؟.......
تڏهن سينئي ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. چوڌار وارو اهو چٽي، سمجهي چپ ٿي ويو ته ڪلپنا جو سهارو وٺي، ساهت جي اها کوٽ پوري ڪري سگهجي ٿي.
کوٽ آهي، سينئي قبوليو!
تڏهن رکي رکي منهنجي من ۾ شيلا جو ناءُ ٿي آيو- مورک ليکڪ! چوي ٿو ته اسان جي سماج ۾ پڙهيل استريون آهن ئي ڪٿي؟- اها ئي ڳالهه آهي ته ليکڪ روڙي ۽ عشق جي وشيه جي چڪر ۾ ايترو ته ڦاٿا

آهن جو اهڙي ڪردار جو نرمال ڪرڻ ڏانهن هندڇر
ڌيان ٿي نه ويو آهي. ڌيان نه ڏيڻ اڪيون پورڻ
سمان آهي - ٻوءِ اڪيون ٻوري اهڙي پڌرائي ڪيڻ
جو مطلب؟......

منهنجي نئين ليکڪ دوست گوتم منهنجي ڪلهي
تي هٿ رکي آهستي چيو، "اڄ تائين صرف شاردا
جي نديءَ تي ئي ڳالهائيندو رهيو آهيان. سڀاڻ کان
ٿوءِ نه لو جيان نشاد آهي. ليڪن اڄ مان تنهنجي
هٿ سان ٻڌچيه ڪرايان، منهنجي من ۾ اهائي ڳالهه
آهي. ٻه هڪ ڳالهه اڄ ٿي تو چئي ڇڏيان ته ٿوءِ
مون جيان ٻاڇيوادي نه آهي."

شاردا سان ٻڌچيه! زندگيءَ جو هڪ نئون موڙ...
نئين موڙ جو ٻهريون پل......

پل، جو بجلي ٻڌجي سر تي ڪريو. جو دل سان
ٽڪرجي، پيرن مان نڪري زمين کي ڌوڏڻ لڳو.
اها ڌرتي ٿي ڌڏي هئي، جڏهن دروازو کليو؟
ڪنهن مونکي ڏسي، هڪ منو، ڪوهتا ٻر ٻرو هلڪو
چرڪ پيو ٻرو. منهنجي نظر ٻه ته هنجي منهن ۾ - اکين
۾ جمي ٻهي رهي. اهو ڇا جادو هئو؟ هڪ پل ۾
زلزلو ٿي ويو! ان هڪ پل جي اندر ٿي مان هنکي

سڃاڻي ورتس ته جنهن منهنجي دهلي ياترا ۾ پيڙا ۽ سک ڀريو هئو، هوءَ اهائي هئي.

تڏهن ٻنڊڪ ۾ نوڪري هئي ۽ هڪ دفعي ٻنڊڪ جي ڪنهن ڪم سان منهنجو دهليءَ وڃڻ ٿيو هئو. گاڏيءَ مان نظر ٻاهر ڪئي هئم: پنيان رهجي ويل کيتين ٻارن، ڪاٺ جي سنگن تي منهنجي نظر جي حسن جو رنگ چڙهائي مان اڳيان وڌندو ٿي ويس، تڏهن نظر پاسي واري گاڏي جي کڙڪيءَ ٻاهران - گاڏو، جو ليڊيز هئو ۽ کڙڪي، جنهن مان هوءَ مون ڏانهن نهاري رهي هئي - جهمي ٻچي رهي. ليڪن يڪايڪ منهنجي نهار جو هنجي نظر سان ٽڪر لڳي ويو ۽ ان گهڙيءَ مون هڪ شاڪ سان گڏ هڪ شڪست به قبول ڪري ڇڏي ته هنجي اکين مان ڪجهه زياده ئي سندرتا جو انوکو پرڪاش چوطرف پکڙجي رهيو هئو- جو جڻ چانڊنيءَ جيان سيتل هئو، منهنجي پرڪاش جي تابش هنجي اکين ۾ بنهه ڪانه هئي. يا شايد منهنجي نظر جو پرڪاش پائي ئي هوءَ چند سمان ٻڏجي ويئي هئي ...... تڏهن مونکي هن ۽ پاڻ ۾ ڪوئي سمبنڌ نظر آيو ....

نه معلوم ڪيترو وقت اهو نظر نظر جو جوڙ قائم رهيو.

ڪنهن چيو: تاج محل!

مون سوچيو هئو، گاڏيءَ مان ئي تاج محل ڏسندو

ويندس. تاج - محل اچي ويو، اهو بڏي مون نظر سامهون ڪئي. تاج محل نظر نه آيو. مون نظر کي تيز ڪيو، ليڪن مونکي نه جت ڪٿ اُهي ٻي ٻه چمڪندڙ اکيون، چندرمک نظر آيو. ٻڌهن مون اُن ٻن اکين ۽ چندرمک کي ساکياس ڏسڻ لاءِ ٻويان نهاريو........

هوءَ نظر آئي به ۽ نه به آئي........

هوءَ نظر آئي، ليڪن هنجو چهرو ڌنڌلو هئو. هنجي اکين ۾ تارن جي هلڪي روشنيءَ جهڙي چمڪ هئي. ۽ نه آئي!... چو ته هئي ڪانه...... اهو ته هڪ چتر هو، جو منهنجي ذهن جي پردي، تي چمڪيو پيئو هئو ۽ جو منهنجي اکين معرفت فضا جي هڪ هڪ چيز ۾........

ٻڌهن دل ۾ هڪ انوکو احساس محسوس ڪيم. هڪ اها راحت، جنهن ۾ دل جي تڙپ جو به ڪجهه حصو هئو......

وري اُها صورت نظر نه آئي.

سندر، اسندر، ڪنهن ٻه استريءَ ڏانهن نهارڻ جو مان عادي نه هئس. پوءِ به مون چور نگاهن سان نيو دهلي اسٽيشن تي پينل هڪ هڪ استريءَ ڏانهن گهور ڪري نهاريو، ليڪن........

ليڪن سک گهٽيو، پيڙا وڌي ائين نه هئو. جيئن ٻالڙا ڪندي، سڄو ۾ ڪڏهن ڪي اهڙيون

۽ شخصيتون ملي وينديون آهن، جي ملنديون آهن وڇڙڻ لاءِ ۽ وڇڙنديون آهن وري ڪڏهن به نه ملڻ جي لاءِ ...... انهن ملڻ جي سنبنڌ جو ڪو به سلسلو نه هوندو آهي ...... زندگيءَ کي مون هڪ ليکڪ جي ڪهاڻيءَ جيان ڪڏهن به نه سمجهيو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ زندگي با سلسلي هوندي آهي .... با مقصد هوندي آهي ... ليڪن اصل ۾ زندگي هڪ سڌي ليڪ تي هلندڙ ڪا ٽي گاڏي ڪانهي ... ڪوئي جهاز ڪونهي، اهو ته هڪ آزاد پکي ......

۽ مون هنکي هڪ اهڙي شخصيت سمجهي، هنجي ان نهار کي اتفاق سان ملي ويندڙ هڪ موقعو سمجهو-موقعو، جنهن جي ڪائي به پرستي مناسب سمجهي نٿي سگهجي. جيون ۾ ڪيترائي اهڙا سچا مٺا مٺو ملن ٿا ــ مسڪرائين ٿا ــ هليا وڃن ٿا. مسڪراهٽ سک پڙي ٿي ۽ جدائي دک. سک ۽ دک، سياڻو موجب، وقت پٺي هڪ ٻئي کي ٻو سير سهڪار جو قسم وجهي، ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هڪ ياد جو روپ وٺي وڃي بهن ٿا ۽ بس انهن ياد ڪان وڌيڪ انهن جو ڪو به ڦهلاءُ ڪونهي ــ اثر ڪونهي ...... ۽ هڪ ڏينهن شايد اها ياد به مون سان هڪ اهڙي ئي منتر جو گيت ڳائي، دل جي نازڪ گهراين ۾ الوپ ٿيو وڃي. لڏهن ٿي دل جي گهراين ۾، ڪڏهن هڪ عجيب شور محسوس ڪيو آهي ــ سوچيو به آهي ۽ پوءِ به ڪجهه

خبر نہ پوندي آهي تہ اهو ڇا آهي، ڪيئن آهي ۽ ڇو آهي ......

پر هوءَ نہ وري ملي هئي. مون وري هنڪي ڀالو هئو. تڏهن تہ ان ملڻ مان هڪ ڪهاڻيءَ جا عناصر پيدا ٿيا ....

هڻ هلڪو مرڪيو ۽ اهو سڀ هڪ پل جي اندر....

پنيان بيٺل گوتم- گوتم جنهن کي اسانجي ملڻ جو اهو پهريون پل شايد هڪ يگ تہ لڳو- آهستي چيو،

"تہ اها اتيڪي مهنجي پيڻ."

"شاردا ...." مون بہ آهستي چيو.

"۽ هي آهي آلوڪ شيکر ...... ليڪن جي اکين ۾ اوڇاڳو پريندڙ شيکر."

مون هنجو نمسڪار ڀاتو. موٽ ۾ نمسڪار ڪيم بہ ۽ وري گوتم ڏانهن نهاري چيم، "ليڪن تون تہ آلوڪ کي ليڪ ۽ پانڪ جي وچ ۾ هڪ هتراد و ديوار سمجهندو آهين."

هن هٿ ڪان پڪڙي، ڪرسيءَ جي نزديڪ آڻيندي چيو، "تڏهن تہ چيم، ليڪن جي اکين ۾ اوڇاڳو پريندڙ ...."

"توهين آلوڪ آهيو؟" شاردا پڇيو.

مون مسڪرايو.

"پهرين ڪوي هئا يا ليڪ؟"

"ڪوي."

هن گوتمر ڏانهن نهاري، زور سان هڪ ٽهڪ ڏنو.
۽ موٽ پاڻ کي ڪرسيءَ تي ڪٽي سٽيو.

مون سمجهيو هئو، هنجون اکيون چمڪنديون، چو جو پاترا سمي جڏهن نهار سان، مون سندس نظر کي پنهنجي چهري ۾ کٻائي رکيو هئو، اها نهار هڪ ڪويءَ جي ٽي ٽي سگهي ٿي، اهو هاڻ هنکي دل سان لڳي آيو هوندو. هنجون اکيون ته ڪجهه ڪجهه هاڻ به چمڪيون، ليڪن هن ٽهڪ ڏنو هئو — ٽهڪ ڏيئي هن چئو ڪن اُنهن جزوي ماڻهن جي ان پڙرائيءَ جي پنيرائي تي ڪئي، جن لاءِ آلوچڪ هڪ ناڪامياب اديب آهي . يعني: جو ساهت ۾ ڪامياب نٿو وڃي، اُهو ٿي نقاد ٿي سگهي ٿو!....

تڏهن ٿي ته موٽ پاڻ کي ڪرسيءَ تي ڪٽي سٽيو.

اها پي ڳالهه آهي ته مان خود اُنهن جزوي ماڻهن جي پنيرائي ڪندڙن مان نه آهيان؛ پوءِ به مان ناڪامياب ساهتڪار هئس، ان ڪان ته مان به انڪاري نه آهيان. پڙ مان وشواس رکان ٿو ته آلوچنا ڪنهن نقل جو نالو نه آهي. اُن ۾ به آلوچڪ کي رچنائمڪ ساڌنا ڪرڻي پوي ٿي ......

گوتمر پاسي واري ڪرسيءَ تي وهندي چيو، ”شاردا، چانهه ته ڏاهي وٺ.“

”چانهه يا ڪافي؟“ شاردا پڇيو.

”چانهه،“ مون چيو، ”ليڪن ڪجهه ڪڙڪ، ڪجهه مٺي ....“

”ڪڙڪ ۽ مٺي؟ ....“ شاردا چيو، ”ڪٿي تو هان جي آلوچا ۾ ڪڙڪ ۽ مٺي ته نه تيندي آهي؟“

پهرين ته مون ڪليو. پر مون ان ڪل کي هنجي سوال جو جواب نه سمجهو. ڪلندي ئي سوچڻ لڳس ته ڪهڙو جواب ڏيان ....

ته منهنجي زندگي ئي خود هڪ ڪڙڪ مٺي چيز آهي؟

يا ......

مان خود ڪڙڪ ۽ مٺو ......

ڇي ڇي ...... اهو ته ڪو سو نهين؟....

”تو ته آلوچڪ ئي ته آلوچا شروع ڪري ڇڏي“ گوتم چيو.

شاردا ڪلندي، پٺي ڪمري ڏانهن هلي ويئي.

مان هڪو اڪو ئي، پير لوڏيندي پٽ تي لڳيل گرديو لڳگرو جي تصوير ڏانهن نهارڻ لڳس ۽ جنهن ليڪ گرديو جي ڇهري کي چمڪايو ئي ۽ اُن کي نهار ستي، پنهنجي سمهيل ڇهري مٿان آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. شاردا ڪلندي ويئي هئي - تڏهن ذهن جي ڪنهن ڪنڊ مان اڪايڪ شيلا، ساڙهيءَ جو آنچل وات ۾ وجهي، ڊپيل ٽهڪ ڏيندي پنهنجي گهر جي

رندڙي ڏانهن وڌندي نظر آئي - اُن وقت هن جي
ٻڌڻ مونکي انگريزيءَ ۾ هلڪي دٻ ڪئي هئي.
هيٺن ڪنهن وچولي سماجي ناول جي ناٽڪ جيان
ڇو پيو هلين - اچانڪ ئي ٿيءَ!
تڏهن ورِي اِڪا ڀڪ دل جي ڪنهن ڪنڊ مان
چالُو آواز بلند ٿيو: آخر نه ڪوئي ايندو جيون ۾! ....
ليڪن اهو ڪير؟ ڇا، شار........
”شاردا جي پرڇي، اڳ ڏٺي ڇڪو آهيان،
ڪيئن؟ آهي نه آلوچڪ؟ ... .
”هنجي پرڇي هنجون ڳالهيون آهن، ليڪن.
هن جي جيون جي پرڇي؟ .... جيون جي
پرڇي .... انهن لفظن هنجي چهري تي گهٽائن جو
رنگ پري ڇڏيو.
مان ڪجهه عجب ۾ پئجي ويس. ان سوال پٺيان
جو اڌڪار ڇا مونکي نه آهي؟ يا شاردا جي جيون
جي پرڇي جي مان لائق نه آهيان؟ يا شاردا جي
جيون ۾ بهارن جو پرڀاؤ آهي .... خزان جو ڦهلاءُ
آهي؟ ... ڪجهه نه آهي ليڪن! ....
ليڪن ان ’ليڪن‘ کي وٺي صرف ڪلپنا ڪرڻ
سان پنهنجي ڪلپنا جي اڏامَ جي پرڇي ملي سگهي
ٿي، جنهن ڳالهه جي ڄاڻڻ لاءِ ڪلپنا جو سهارو وٺو
پوي ٿو، اها نه ملي ٿي. مليل حقيقتن جو جائزو
وٺي سٺيءَ يا ان جي ڪنهن روپ کي پائي سگهجيٿو،

ٻر جي حقيقتن پڻ سامهون نه هجن ته؟ محض تصور يا تصور جي بنياد تي بدل حقيقتن جي جانچڙي مان اصل چيز کي ڄاڻڻ ته ممڪن نه آهي .... چيز جيڪڏهن سطح تي آهي ته ڳهرائن ۾ وڃڻ جي؟ جي ڳهرائن ۾ آهي ته سطح تي ٿاڦوڙا هڻڻ جي ضرورت رهندي ته ڪٿي آهي؟ بنا ضرورت جي ائين به ڪري سگهجي ٿو، ليڪن ٻر ڀيٽ وري به ڪلپنا جي اڏام جي ملي ٿي، سٽيه جي، اصل چيز جي نه ....

”جيون جي ٻر ڀيٽ؟“ گوتم چيو، ليڪ آهيان، لفظن ۾ اڪڻ اسپاويڪ نه آهي، ٻر بنا اڪ به اُلجهي سگهجي ٿو. انهن لفظن ۾ شيڪر، ٻڌاء ٻر ڀيٽ کان اڳ جيون ايندو آهي نه، ليڪن جيون آهي ڇا؟

مون سمجهيو، هر ڪجهه به ٻڌائڻ لئو چاهي. جڏهن واد وواد جو ڪو نتيجو نه هجي ته پوء بحث مان ڪنهن سٽيه نوس حقيقت يا فڪر وغيره جي نزديڪ وڃڻ جي ڪاميابي ته ڇا، ليڪن ان طرح نزديڪ وڃڻ ۾، جو آتمڪ، مانسڪ آنند يا جمالياتي حظ ملندو آهي، اهو به ملي نه سگهندو آهي؛ صرف ٻاڻ تي هڪ طنز ڀري مسڪراهٽ؛ سامهون واري ماڻهو لئي هڪ رحم ڀري - منهنجو مطلب آهي هڪ زهر ڀري نهار جي تخليق ٿي ويندي آهي.

پر مان نقاد کان اڳ شاعر هيس - ناڪام ئي سهي،

هئس ۽ لڏهن ۽ چيم ”جيون هڪ ساز آهي ۽ آتما
ان جو سر. حالتون ان ساز جي وڄائيندڙ آهن. جهڙيون
جهڙيون حالتون انهيءَ سامهون اچن ٿيون، اهڙا اهڙا
سر ان ساز مان نڪرن ٿا.“

”خوب!“ هن چيو ”ليڪن، شاعر ڪا نيڪ انهيءَ
الٽو ٿي سوچيندي آهي.“

”يعني؟“

”جو ڪجهه مان چوڻ ٿو چاهيان، ان ۾ مڪيه لفظ
اهي ٿي هوندا، جي لفظ تو ڪم آندا آهن. جيون
جي وياکيا ڏيندي ۽ اهڙا لفظ شاعر ان وشيه ۾ ڪم
آندا آهن، اهو صحيح نه آهي ۽ اهو مان اڳ ئي چئي
تو چڪو آهيان.“

مان اڌ ير تي اٿيس. چيم، ”مونکي هر نئين ڳالهه
۾ مهانڳ جي ضرورت محسوس نه ٿيندي آهي، ڇو
جو انهيءَ شروعات مان ئي مهانڳ جا عناصر ملي
ويندا آهن.“

”چڱو ان کي ڇڏ ...... هوءَ چوڻ ٿي جيون هڪ
ساز آهي ۽ حالتون سر، ليڪن وڄائيندڙ انسان ٿي
آهي. هڪ ساز مان طرح طرح جا سر ڪڍي سگهجن
ٿا، ڇو ته حالتون جيون ۾ طرح طرح جا سر پيرين
ٿيون. دک سهي، دل کي پره جي ڪويتا وٺندي
آهي - ڪويتا ٻڌي ۽ آنسون وهائڻ سان دل ٿيندي
آهي - ٿيندي آهي نه؟ ٿئن انسان دل جي

لسڪيپيءَ لاءِ جيون ساز مان طرح طرح جا سُر- سُر جي حالتن پيدا آهن- ڪڏهن تِهِ پر ماستر هوندي آهي، سُر نه...... لوڪ ڪڏهن ڏڪي سگهي ٿو؟ ڪنهن کي ٿهڪ ڏيندو ڏنو آهي؟ اهو ڇا شڪست جو سُر آهي؟ نراشاواد جو آلاپ آهي؟ ديوانگيءَ جي نشاني آهي؟ اصل ۾ آتم پرڪاش جي سنتان نشاني آهي اهو ٿهڪ...... ودروه جي چرم- سيما آهي. اهو ٿهڪ......: هو محصوس ڪندو آهي ته حالتن هن کي ڇڙڪنيو ڦاسايو آهي. پوءِ به هو ڪجهه اهڙو آهي؛ جنهن تائين حالتن جو اثر پورو نٿو پهچي. ته هن منجهه ڪا اهڙي شڪتي آهي، جنهن کي سنسار پرڪير به ختم ڪري نٿو سگهي، دٻائي سگهي ٿو. البته! ءُ پڌي جاڳي ٿي تہ اُن شڪتيءَ جو صحيح استعمال ڪيئن ڪجي. شاردا چوندي آهي: تاريخي انسان ڪٿو- وشو وياپي آهي. جنهن جو روپ- جو آزادي ڪال کان ترقيءَ جي راهه تي آهي- جو جهڪي نٿو، هٽي نٿو- جنهن سمندر چيري- آسمان چيري پنهنجي وڪاس جون راهون جوڙيون آهن. باقي هڪ رواجي انسان- هڪ فرد؟ ان هڪ فرد جي هڪ الڳ تاريخ آهي- هڪ الڳ من- وگيان آهي. انسان پنهنجي سياڻ موجب سنتائيءَ ڏانهن مائل آهي. ان سنتائيءَ کي پڪڙي، هو زندگيءَ جي بهتريءَ لاءِ سنگهرش ڪري ٿو. تون.. پنهنجي اُن سنتائيءَ جي

ڪسوٽي ڪهڙي؟ - اهائي - زندگيءَ جي بهتري -
لون پڇندڙ ئي: پلا بهتريءَ جي ڪسوٽي؟ اتلاءِ شاردا
چوندي آهي: جا ڳالهه ٻنهي جي ٻختي، انهيءَ
شعوري من موجب درست آهي، پڪڙ او ان کي
آهي. نيتي، ورلڪ ۽ انصاف جي تقاضا به محض
اهائي آهي. جيڪڏهن ڪو ان جو دامن پڪڙي
زندگيءَ جي بهتريءَ لاءِ سنگهرش ڪري ٿو ته هو
شڪست کائي نٿو سگهي - پل ڀروءِ هو زندگيءَ کي
بهتر بڻائي نه سگهي - پل حالتون هجن جو دم گهٽن،
مگر پرءِ به هو پنهنجي شڪست جي عالم کان گهٽو گهٽو
مٿي آهي - چو جو هو جهڪيو نه آهي. هو اڀو آهي -
ستيه لاءِ - نياءَ لاءِ - سنائيءَ لاءِ - يعني زندگيءَ جي
بهتري لاءِ. شڪست جهڪڻ ۾، هٽڻ ۾، سنگهرش
کان منهن موڙي پڇڻ ۾ آهي - ناڪامياب وڃڻ ۾ نه
آهي - چو ته ان ناڪاميابيءَ ۾ سنگهرش ۾ صرف
سنگهرش آهي - لڙندي ٽڪبو هر ڪو آهي - ڪي
پڇندا به آهن - مگر عارضي طور - چو جو جهڪڻ ۽
پاڄ انسان جي بنيادي سياءَ جي خلاف آهن، جنهن
لاءِ سنسار جو سمورو ساهت ۽ انساني تاريخ ساکي
آهي."

مان اواڪ رهجي ويس. هو ليکڪ آهي. ڏهه ستون
هڪ ست ۾ چٽي سگهي ٿو، هڪ ست، ڏهن ستن ۾
چٽي سگهي ٿو. مگر شاردا ڇا اهڙي گهري آهي؟

ڪٿان آندو هن اهڙو ڳهرو سوچ؟ جيون جي انهيءَ –
ساڌنا مان – اڀياس مان؟ مان نٿو ڄاڻان .

لڏ هن هو چانهه جي ٽري هٿ ۾ کڻي، ڪمري ۾ گهري آئي. مگر هو اداس ڇو – پريشان ڇو؟ هن مون ڏانهن نهاري مسڪرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. هن جي اکين ۾ اڀري آيل درد جي هڪ پاڇي ان کي ناڪام بڻائي ڇڏيو، جنهن درد کي ڏسي نه ڄاڻان ڇو مان به اداس – پريشان ٿي ويس. هن جي هڪ اداس نظر منهنجي من ۾ غم ڀري، مونکي پريشان ڪري ڇڏيو – پريشاني، جا ڄڻ طوفان جو ساڪار روپ پائي منهنجي سيني ۾ اٿل پٿل مچائڻ لڳي – من جي هيءَ ڪهڙي – پيچيدگي ڪهڙي – ؟ انهيءَ شاردا جي درد سان سنبنڌ ڪهڙو – واسطو ڪهڙو؟ خاموشيءَ ۾ ٿي چانهه پيتي وئي.

ڪوپ رکندي، آخر ۾ شاردا ٿي ڳالهايو، "توهان وٽ ڪجهه ڪتاب نه هوندا ٿي؟"

"ها" مون آهستي چيو.

"مونکي ڏيندا؟"

مون کليو. ان کل ۾ منهنجي الٽا – ڪرڻ جو به ڪجهه دخل هئو.

"ليڪن اوهانجي پسندي؟"

"پسندي!" .... هوءَ ڪجهه سوچڻ لڳي.

"ڇو، ڪجهه غلط پڇيم ڇا؟"

”نه نه ... توهين نقاد آهيو نه، تڏهن جواب ڏيڻ ۾ منجهي پيس. چيو نه، توهان وٽ ته صرف توهانجي پسنديءَ جا ڪتاب هوندا ۽ ٻي ڳالهه ته منهنجو اهو وشواس آهي ته هر رچنا جي بنيادن ڪنهن انيوي آتما جو ورات روپ ڪنهن ساڃ جو سنگهرش، سنسار ۾ چوطرف ڪنهنجي موت، پريم يا تياڳ جو ڀاو رهي ٿو ۽ هڪ رچيندڙ رچنا جو نرماڻ ڪري ٿو. هڪ عرصي جي گهور ساڌنا بعد... تڏهن اسين اهو ويهي سوچون ته اسين هيءُ پستڪ پڙهون يا نه؟... يا ان ڪلاڪن ۾ پڙهي ختم ڪري ڇڏيون؟ .... ها، اهو مان مڃان ٿي ته هڪ ناٽڪ جيڪو هڪ ليکڪ کي صرف ٻه ڪلاڪ ڏئي ته پنجن هزار ناٽڪن مان هڪڙي ڏهه هزار ڪلاڪ ملندا ۽ ليکڪ جو وقت رڳو لکڻ ۾ ڏئي ٿو، اهو ان ڪان وڌيڪ نٿو ڏئي. سوال آهي سوچڻ جو، جيئن ڪي ڏسڻ، سمجهڻ جو، جيڪو هن ان لاءِ ليکڪ پنهنجي سموري زندگي ڏئي ٿو ته پوءِ ناٽڪ ۽ ڪتاب جي اندرائين ڳالهين کي دماغ ۾ کڻي گهمن ٿا ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي سڀاءَ موجب سٺن ڪردارن جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا... پر مان چوان ٿي، ڇاپي جي مشين هڪ هڪ ناٽڪ وٽ، ليکڪجي سالن جي محنت جو نتيجو چند پئسن ۾ ڏيئي سگهي آهي، تڏهن اسان جو اهو فرض آهي ته اسين سمورو سرپشت ساهت پڙهون - مگر جيئن ته

لانگ فيلو چيو آهي ته : Art is long and time is fleeting مجبورن چوندا ڪرڻي ٿي پوي... پر توهان اڳيان ته ان چوندا جو به پورو ملهه نه آهي، ڇو ته توهان جي پنهنجي به هڪ چوندا آهي : جيئن ته جيون : ساز واريءَ اپما مان توهان اهو ظاهر ڪري ڇڏيو ته انسان حالتن جو داس ...."

ته هن سڀ پڙ هيو؟ - لڏهن ٿي هنجي ڇهري ٿي ...... هوءَ چوندي رهي، "خير پيڊ اسپاويڪ نه آهي، ڪتاب چاهي ڪهڙو به آڻيو، پر آڻجو : منهنجي چوندا واري الجهن ڪي من جي هڪ سپاويڪ ڌارنا سمجهي ڇڏي ڏجو، اسپاويڪ سمجهي انکي پنهنجي آلوچنا جو شڪار نه بڻائجو."

ڪرشن چيو هئو، "جيون جو دائرو نهايت وشال آهي : توهان سنگهرشوادي ته آهيو ئي. آشاواد جو آنچل ڇڏڻ ته تنهنجي سڀاءَ جي خلاف آهي - آخر ته ڪوئي ايندءَ جيون پر......"

آخر ته ڪوئي ايندو جيون پر........

ڪير آهي اهو؟ ٻڌا شاردا؟

ان رات شيلا جا آنسون اگهندي اهو مون ٿي چيو هئو ته، "هاڻ شيکر صرف مترتي رهندو، ڪاما به

صرف اهائي آهي ته جيون ۾ جيڪڏهن ڪير اچي ٿو ته اها هنجي لاءِ وانگر سرل وشواسگهي ......"

هان ته هاڻ شاردا منهنجي سامهون هئي.

پر مان نه اڃا هنکي سمجهي نه سگهيو هئس. سمجهي نه سگهيو هئس تڏهن ته هنجي شخصيت منهنجي لاءِ للڪار بڻجي آئي هئي. بو مان آلوچڪ هئس. چند چاڻ ڪرڻ جو مان عادي هئس ۽ ان رات مون شاردا تي خوب سوچيو. سوچيم، هنجي نهار ۾ مسڪراهٽ ٿي. هنجي چهري جي پريشان پاون ٿي - هنجي وڇاڙن لي - ته مونکي پاڻ تي ڪل اچڻ لڳي ......

مان چوندو آهيان ته جي ماڻهو هڪ هند هڪ نظر ۾ دل وڃائي وهن ٿا، اهي ماڻهو پڻ هند هڪ پي نظر ۾ پاڻ به وڃائي سگهن ٿا. سوال آهي، ٽين نظر ۾ اهڙن ماڻهن جو ڇا ٿيندو؟

تنهنڪري جڏهن وهيڻو نه آهي ٿيڻو. انهن ته زندگيءَ ۾ پل پل هيو، لب لب تي مسڪراهٽون ملن ٿيون، ڪن مراد پيڻ پنهنجائپ به محسوس ڪجي ٿي؛ تنهنڪري ڇا هڪ هڪ مسڪراهٽ پٺيان باڪي پريشان ڪرڻو آهي - يتڪائڻو آهي؟ ....

مون جڏهن شاردا تي سوچيو ٿي تڏهن مون سيني مان ڪجهه ڪم ٿيندو محسوس ڪيو ٿي. هنکي ڏسي ٿي هڪ پل جي اندر مان هڪ يگ جو درشن ڪري آيو هئس. ان يگ جو هڪ ريکا - چترو به هئو. چترو،

جو دهلي پارا سمي نهيو هئو، جتي نظر نظر جو جوڙ نه ٿيو هئو. ان جوڙ واري موقعي جي پرستي مناسب نه سمجهي به مون نيو دهلي اسٽيشن تي چوڌار نگاهن ٻيان هيڏي ڪوچ ڪئي هئي - منهنجي سيني مان ڇا گم ٿيو هئو - ڇو گم ٿيو هئو؟ ڇا تو گم ٿئي - ڇو تو گم ٿئي؟ من جو چيئن؟ مگر منهنجو من اهڙو ڇو آهي - ڇو - ڇو؟

منهنجو اهو به وشواس آهي ته انسان ڏينهن به ڏينهن گهرندو رهيو. ڪڏهن هو پاڻکي گهريو، ڪڏهن اوسي پاسي جي دنيا هنکي گهريو. Type جي ڳالهه نٿو ڪريان. سنسار ۾ ڪن ڪن هند انسان کي هڪ خاص سماجي پانڇي ۾ وجهي ڏاهيو وڃيو. ان پانڇي مان هڪ ٿي Type جا ماڻهو نهن ٿا. مون کي انهن سان همدردي آهي، مان انهن تي رحم ٿو ڪيان، اهو مان نٿو چوان. هر انساني اندر جو هڪ ودروهي رهندو آهي، اهو ڪڏهن به مري نٿو سگهي، دٻجي سگهندو آهي البت! جيئن گورڪي چيو هئو ساردا جو رايو ڏيندي ... ... تڏهن مان هن سان سهمت نه هئس، پر اڄ آهيان، تڏهن ته چوانٿو: Type جي ڳالهه نٿو ڪريان. مون پڇيو: انسان ڏينهن به ڏينهن گهڻ جندو رهيو...... جنهن مان ٿي هن ۾ دماغي بلوغت (Intelleclualmaturity) اچيئي. جي گهڙ پل هوندا آهن، آهي پاونا جي پرواه کي منهن ڏيئي سگهندا آهن، لڙهي نه ويندا آهن......

مان به ڇا ڀاونا جي پرواهه ۾ اڙهي وڃي رهيو هئس؟ .... صرف هڪ ملاقات بعد ڇو مونکي ويچار آيو ته ڪاش! شاردا منهنجي ٿئجي وڃي؟ ....

سياوڪ رخ کي مان مڃانئو. ليڪن ان سياوڪ رخ جو مدار ته انسان جي اندرين روپ تي آهي. ائين آهي ته انسان جي ورتين مان ئي هن جي اصلي روپ جي ڄاڻ پئجي سگهندي آهي. تڏهن ئي ته مونکي پنهن جو پاڻ تي ڪل اچي وڃي هئي. مان به شايد ڀاونا جي پرواهه ۾ لڙهي وڃي رهيو هئس!

پر پاڻ کي ڪمزور پائڻ سان، پين. ڪمزور ماڻهن جون ڪمزوريون، خوبيون ٿئجي وڃن ٿيون، ائين نه آهي. ائين نه آهي، صرف تڏهن ئي مان پاڻکي هون ڪان ڪجهه ننڍو محسوس ڪرڻ لڳس ....

انکي مرقعو ڇئجي، اتفاق ڇئجي، ڀاڳ دريا ڀاڳ ڇئجي، ڪجهه ته ڇئبو ليڪن - هوءَ ملي هئي، سامهون آئي هئي، هن گڏ چانهه پيتي هئي، ڳالهايو هئو ۽ هڪ دفعو وري به مونکي هن ۾ پاڻ وچ هڪ سنبنڌ نظر آيو .... ان سنبنڌ جو ڪهڙو سلسلو هئو، اهو مان اڄ به ڄاڻي نه سگهيو آهيان، ياترا سمي به نه ڄاڻو هئم....

منهنجي من ۾ بس اهائي ڳالهه هئي ته ڪجهه به هجي ۽ مونکي شاردا جو اصل روپ ڏسڻو آهي ته اهو ڇا آهي، ڪيئن آهي ۽ ڇو آهي ......

چند ڏينهن اڳ بي ڪلاس ٿيو. ڪلاس ۾ گورڪي هڪ ڪهاڻي پڙهي. ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ويچار هئو: جتي انسان جو همت ڀڄي ٿو سگهندو آهي اتي قدرت ڪم ڪندي آهي. ڪيس سخت تنقيد ٻڌڻي پيئي. ڇو ته گهڻن جو اهو ئي ويچار هئو ته Nature is blind. جڏهن گهڻا تو چوان تڏهن مان پاڻکي الڳ ٿو رکان. مون صرف ايترو ئي چيو: دنيا ۾ هر ڪرليءَ متعلق ٻه رايا آهن. گورڪي هڪ رائي کي اپنايو آهي. ليڪن اهو فيصلو ڪنهن ٿيو آهي ته قدرت انڌي آهي يا نه؟ ... تڏهن اسان کي صرف اهو ڏسڻو آهي ته هو انسان جي ڪرڻ کي ۽ هدجي همت جي پهچ کي ته گهٽ اهميت نٿو ڏئي. جيڪڏهن مان چئون آهيان ته توهانکي خبر نه آهي ته مونکي توهان مان ڪير به ڇڏي نٿو سگهي ۽ ليڪن تڏهن به ڪو آهي، جو منهنجي اندر آهي، جو مونکي اندر ئي اندر پيڙي سگهي ٿو. ماري سگهي ٿو. سنسار ڪجهه به نٿو ڪري، پوءِ به مان مري سگهان ٿو...... مون تائين پيو ڪنهنجو به همت نٿو ڀڃي، پوءِ به ڪجهه ڀڄي ٿو، اهو ڇا آهي؟ انجو ڪنهن سان واسطو آهي؟

چيمبور ڪالوني بمبئيءَ ۾ هوندي به، بمبئيءَ جي شور وغل کان ڪافي پري آهي. اتي زندگيءَ جو پرواه بلڪل ئي ڏيري ڏيري وهندو رهي ٿو. ليڪن زندگيءَ جو سک به ته ڏيري ڏيري لطف ماڻڻ ۾ آهي......

شاردا جي گهر سامهون هڪ وڏو ميدان آهي. آس پاس ڏ ڳها ڏ ڳها وڻ آهن. چانڊوڪي رات ۾، هوا کائڻ لاءِ اهو پاسو نهايت موزون آهي.

ليڪن ان رات مان ان پاسي هوا کائڻ جي خيال کان ڪونه ويو هئس. گولم مانهي کائي، پان وٺڻ لاءِ گهر مان نڪري چڪو هئس. مونکي گوتم (بُ) چيو هئو ته شاردا لاءِ ڪي ناول.......

"بُدو لُو،" مان ڪرسيءَ تي ويٺس مس جو شاردا ٽيبل سان لڳي بهي چيو، "معلوم ٿو ٿئي، اوهان پاڻوءَ جي ڪهاڻيءَ جي خوب تعريف ڪئي آهي."

"تعريف جهڙي چيز جي تعريف نه هميشه ٿيندي آهي."

هن کلندي چيو، "مگر مون ته بُدو آهي، اوهانجي ادبي ڪلاس ۾ ليڪن تي اڪثر ڪري نڪتهچيني ٿيندي آهي؟"

"اها ڪلاس جي نندا آهي، ليڪن فخر جوڳي آهي."

"چاڪاڻ جو نندا ڪندڙ هڪ استري آهي."

هن ٺهڪ ڏيندي چيو.

"چاڪاڻ جو اهو ڏيکاريندو ته ادبي ڪلاس جو نالو گهر گهر پهچي چڪو آهي."

هو زور زور سان کلڻ لڳي.

"ڇو کلين ٿي؟"

"جي. بدنامي ۾ صرف 'نام' کي ڏسن ٿا، نام

اکيانِ ' بد ' نتا ڏسن ، تنهنجي ڳالهين مان ڪلڻ نه ايندو ٿي."
مان کي سيڪنڊ جواب سوچڻ لڳس.
پوءِ هن انهن سيڪنڊن کي پنهنجي مدد ڪل سان چڪي ناٽي چڪ منٿن ۾ بدلي ڇڏيو ۽ مون ان ڪشيل وقت جو پورو فائدو ورتندي ، هڪ مونجهارو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ......
" بدنامي صرف بد ڳالهه جي نه ٿيندي آهي ، نيڪ جي به ٿيندي آهي ، جيئن اڄ تي به رهي آهي ، اهو نه جاچڻ واري جي نظر تي ڇڏيل آهي ته هنجي نظر داخلي آهي ، يا خارجي ؟ ......"
" تنهنجو مطلب آهي ته پاڻوءَ جي نظر داخلي آهي ؟ "
" ڪجهڙو مطلب آهي ، تنهنجو پاڻي ، " دروازي ته ائين آيل ، رو ڪجي پيتل گوتم ، مشڪندي چيو ،
" وري منهنجي اکين ۾ اوجاڳو پڙهڻ ٿو چاهين ؟ "
تڏهن فضا ۾ گونجي شاردا ۽ منهنجي کل ....
مون کلندي ٿي چيو ، " گوتم ، آلوچڪ ليکڪ جي اکين ۾ اوجاڳو پڙهندڙ نه ، مگر هنڪي سرپشت ليکڪ بڻائڻ ۾ سهائتا ڪندڙ آهي . جيڪڏهن ليکڪ اڳهرئي سرپشت آهي ته پوءِ هو پاڻڪ ۽ هنجي وچ سمجهاڻيءَ جي راه جوڙيندڙ آهي . پنهي حالتن ۾ هنجو ڏرجو عاليٰ آهي - پنهنجي تعريف نئو ڪريان - ڇو جو مون کي پنهنجي تنقيدي قوتن جي ڄاڻ نه آهي - آلوچڪ اوجاڳو پڙهندو آهي ان ليکڪ جي اکين ۾ جو انيوري

من ۾ شعوري دماغ سان نه لکي، غشي پئي جي من
گهڙيءَ ڳالهين سان، سرسولي ڏيوءَ جي شان ۾ ولي
گستاخي ڪندو- " شاردا به ڪلندي چيو، "لڳي ٿو،
توهانجي زبان مان سرسولي نه، ماڻ ڳالهائي رهي
آهيان!"
"ڇا سچ؟"
"گهڙي پل جو."

آخر نه ڪوئي ايندو جيون ۾! ....
ڪير؟- ڇا شاردا؟ ....
اڄ ڇو، يڪايڪ منهنجي زبان ۾ منهنجون ٿي
ڪويتائون تري اچي رهيون آهن؟ - اڄ ڇو اوچتو موه
جاڳي اٿيو آهي انهن ڪويتائن ۾؟ - هن دل تي ڇا
ڪوئي اختيار ٿي نٿو سگهي؟ - ته ڇو مونکي شيلا
جي ياد ستائي ٿي. ڇو منهنجي اندر مان ڪوئي گردن
اوچو ڪري، هنياءَ ڦاڙي ڇڏ سڄي سنسار کان پڇڻ
ٿو چاهي: ڪٿي آهي شيلا ...... منهنجي مترر، منهنجي
ساٿڻ ...... منهنجي همعصر- همڪار رفيقا ....
ٿڌهن مان بستري تان اٿي ڪڙو ڪيس. ٻئي ٻارڙيءَ
نه پاسي واري ڪمري مان ڀاڳيءَ جو آواز آيو "شيکر"
ان ڪمري ۾ اڳيرئي اٿي ٻري رهي هئي.

ڪمري ۾ پرويش ڪندي ئي نظر سڳن جي چهري تي ڄمي بيهي رهي.

هنجي اکين ۾ خوشي چمڪي رهي هئي، چپن تي مسڪراهٽ کيڏي رهي هئي. منهنجي دماغي رڳن ۾ سخت تاڻ هئو. سڄو بدن ڄڻ سيٽجي ويو هئو- مان سڳن جي خوشيءَ جو اندازو لڳائي نٿي سگهيس. مان چاچو ٻڌجي رهيو هئس اها مونکي خبر هئي ۽ سندس پگهار جلد وڌڻو نه هئو- تڏهن انجو ڪارڻ ڪهڙو؟

پاپيءَ ڏانهن منهن ڪري چيم، "ڇا پاپي."

"اڄڪلهه تون ايترو پريشان ڇو ٿو رهين؟"

کلي چيم، "ڪٿي ٿو رهان- تون چاهيندي هجين ته......"

"ڏس، مونکان ڪجهه لڪاءِ نه... مونکي شيلا جي خط مان سڀ معلوم ٿيو آهي.

شيلا جو خط!.... شيلا جو خط!.... شيلا جو خط!...

"شيلا جو خط؟ ڪٿي آهي پاپي- ڪڏهن آيو، ڪيئن آيو-؟"

"توهتي اڄ سان هڪ خط ڪراچيءَ ۾ نرگس چوڪريءَ ڏانهن لکيو هئو- لکيو هئو نه؟"

هڪ لکيو ته هئو، ليڪن مونکان ته اها ڳالهه ئي وسري ويئي هئي. پاپي چوندي رهي، "ان وقت هنجو ۽ شيلا جو خط آيو اليئي."

مون پاڻوءَ ڏانهن نهاريو ٻه ڪونه- پاپيءَ سان بحث

ته ٿي ٻاري ٿي ان خيال کان هئي ته نرگس کان خط لکي پڇان ته شيلا جو ڪوئي خط آيو هئو يا نه......

تڏهن مان لفافو وٺي ٽڪرو ٽڪرو پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو آيس. پهرين شيلا جو خط پڙهيم ۽ پوءِ نرگس جو، ليڪن ٻنهي جو جڏهن جواب لکڻ ويٺس تڏهن پهريون جواب نرگس کي لکيم.

شيلا اسان ٻنهي جي سرهشت دوستي، لڏ پلاڻ، پوني ۾ ٺاڻيڪر ٿي رهڻ ۾ ڏنل تڪليفن ۽ ان بعد ڪرشن سان شاديءَ جو احوال ڏنو هئو. ڪرشن به پوني ۾ هئو- هڪ اسڪول ۾ ماستري ڪري رهيو هئو.

نرگس لکيو هئو ته تنهنجي پريشاني ڏسي، لوڪي چيڙائڻ ۾ مونکي مزو ايندو هئو. ليڪن شيلا جي خط مان معلوم ٿيو ته توهان سچ پچ ڪهڙي پياڪ الجهن ۾ گرفتار هئين؛ شيلا تنهنجي وڏائيءَ جا گيت ڳايا آهن، تڏهن مونکي به دل ٿئي ٿي ته مان توهان دوستي رکان ۽ توهان طرف جو احوال ڏيندو رهه ۽ مان هن طرف جو- اميد ته آڇ قبول پوندي.

نرگس جي آڇ کان متاثر ٿي، ڪيس مون پنهنجي باقي زندگيءَ جو چتر ڪيئن مزڪليو ۽ انجام ڪيم ته اها دوستي اٽوٽ رهندي.

۽ شيلا کي شاديءَ جون واڌايون لکڻ سان گڏ اهو به لکيم ته توهان ٿي چاهين ته تنهنجي جدائيءَ مون ۾

ڪيتري نه دوري پري چڏي هئي. ان دوريءَ جي ڪري مان ڪنهن به آفيس ۾ جٽاءُ ڪاٽي نه سگهيو هئس. غلطين مٿان غلطيون ٿينديون هيون. هڪ هڪ غلطيءَ تي هڪ طرف کان سخت نقطچيني پئدي هئس ۽ ٻئي طرف کان مختلف سرن ۾ انيڪ ٽهڪ. ۽ مان ...... ۽ هڪ ڏينهن مان، هڪ درخواست ڇڏي، هميشه هميشه لاءِ اُن آفيس کان فرار ٿي ويندو هئس.... ليڪن هاڻ وري نوڪريءَ جي ڳولها ۾ آهيان — گهر جي مٿان بوجو هئڻ ٺيڪ نه آهي نه!— ۽ آخر مونکي به ته شادي وغيره ڪرڻي آهي!

واچ ۾ ٽائيم ڏسڻ سان ڇرڪي ويس. صبح جا چار ٿيا هئا. ۔ سڄي رات لکندو رهيو هئس.

هاڻ ڪيڏانهن ويندي شيلا؟— هاڻ هوءَ نزديڪ آهي. مان چاهيان ٿو ته هوءَ نزديڪ هجي. ڪيترو نه سڪ ملندو هن سان ملي ...... ڪاش، هن وقت شيلا ملي وڃي — نرگس ملي وڃي — شاردا ملي وڃي — ٻه استريون منهنجيون دوست ۽ هڪ ....

۽ هڪ؟

نه نه، هن دل تي اختيار رکڻو پوندو. هڪ شيلا ڪي ڇڏي، ٻيو سنسار ۾ آهي ٿي ڪير، جو منهنجي من کي جاڳندو هجي. اُداس اُداس ٿي شيلا مونکي اُداس ٿيندو ڏسي پڇندي هئي: ڇا ٿيو؟ چوندو هئس: ڪجهه ڪونهي - من چنچل آهي نه، خواه مخواه

پريشان ٿيو وڃي!...... ليڪن سوچيان ٿو، شاردا ڇا
ان پريشان من کي شانت ڪري نه سگهندي؟

ٻئي ڏينهن شاردا جي گهر ڏانهن رخ رکيم.
دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪيم. دروازو کليو....
”تون!.......“
مان چپ.
”اچ، اندر اچ.“
....
”ويهنين؟..... ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏي نه.“
....
”آرام ڪرسيءَ مان آرام نٿو اچيٽي....... ايترو
بي آرام!“
خاموشيءَ جي گهڙين ۾، جيون ۾ جي اشانتي...
”معلوم ٿو ٿئي، تنهنجي اندر جو سمهيل ڪوي
جاڳيو آهي. جاڳي ورورو ڪيو آهي...... ليڪن
ڪنهن جي خلاف؟- منهنجي......“
جيون ۾ جي اشانتيءَ ۾ طوفان سمي واري ساگر
جي لوڇ جو روپ......
”شيڪر.“
اکيون بند.

" شيڪر!"
اکين ۾ هلڪي پيڙا ......
" ٻڌين ٿو؟"
اکين ۾ ڪجهه چڙ پڙ ......
هڪ ٻي ۾ چڙ پڙ ...... هنڪي پنهنجي نزديڪ آرام ڪرسيءَ جي پنيان محسوس ڪري ......
ها هوءَ منهنجي پنيان آهي ......
منهنجي پيشانيءَ تي هنجون آڱريون.
صرف هڪ ڇهاءُ ......
طوفان جي يڪايڪ خاموشي ......
" ڄاڻان ٿي! ٻراڇيءَ جي ڀرين پل کان توکي ڄاڻان ٿي شيڪر. تنهنجي اندر جو ڪوي آهي اُن کي به ڄاڻان ٿي، تنهنجي اندر جو آلوچڪ آهي، اُنکي به، تنهنجي ڪويتا ۽ آلوچنا مان نه ڄاڻان، پوءِ به تنهنجي ٻراڇيءَ مان مون اُنجو انتر ڄاتو آهي - اُن انتر ئي توکي ودروهه ڪرايو آهي - ليڪن منهنجو ياپ؟"
" پاپ! متيا جي رچنا ۽ ٻون؟... رهسيمئي."
" ودروهي."
" رهسيه ۽ ودروهه گڏ وگڏ هلندا آهن نه؟"
" چاهي نه به هلندا هجن، تڏهن به تون آرام ڪرسيءَ تي آهين ۽ مان تنهنجي پنيان آهيان."
مان چپ.
تڏهن هنجو هٿ منهنجي ڪلهي تي ڇو اچي ويو؟

هڪ سيڪنڊ ۾ جڻ هڪ طوفان برپا ٿي ويو. ۽ اهو
سڀ ته مون اُن طوفان ۾ ڪُي ٻڏو نه- ته تو ۾ منهنجو
وشواس آهي شيکر...... تڏهن اکيون بند هونديون ۽
اکين آڏو ڦري آيو اهو منظر......

شيلا جو هٿ منهنجي ڪلهي تي آهي ۽ منهنجون
نظرون هن جي چهري تي. اکين ۾ نير ڪئيو هوءَ چئي
رهي آهي: تون پريشان نه ٿي شيکر. توکي نئڊو
ٻٽائي مان ته خود ئي جهڪي ٿي وڃان. تو ۾
اوشواس آڻڻ سان ڪوئي به مهان ٻڌي نٿو سگهي...
تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکر.

"شيکر" — بي خوديءَ جو حملو......

چنچل آگر يون لمستر — آگر يون آستر ته ڇا ڪنهن
هماليه کي پنهنجي جڳهه تان هلائي ڇڏيو؟......

منهنجو منهن ۽ هڪ نازڪ هٿ. هٿ جو سپرش
ته اکين جا پلڪ سلجهڻ ۾...... ذهني دنيا ۾
ڀونچال......

"روپ ايا به نٿي چاٽان، پوءِ به سڀ چاٽان ٿي.
جو آهي، اهو شيل نه آهي، اهو به......"

مونکي نه مار- مان خود "بي خود" "بي خودي"
تون نه آهين. شيلا ڏاڍي، جو ڪجهه اُن بعد رهيو،
اهو شيل به ڪولهي، تڏهن به مان آهيان ۽ چاهي
پاڻ ۾ نه به هجان......

پر اهو سڀ منهنجي من ۾ آهي، زبان ۾ ڪجهه

به نه آهي. جو ڪجهه مان زبان سان چوندو آهيان، اهو توِن ڪڏهن سان ٻڌندي آهين — ها ٻڌندي آهين. ليڪن جو مان زبان سان نٿو چوان اهو توِن ڪڏهن سان ٻڌي به ڪيئن ٿي سگهين؟ جو مان چئي رهيو آهيان، شاردا، جو مان دل مان چئي رهيو آهيان اهو توِن دل سان ٻڌي رهي آهين نه؟... توِن ٻڌي آهين نه رهيئي!......

ماڻهو پاپ ڪن ٿا. ڇاڪاڻ ته هو جيون جي مٿيا جا شڪار ٿيا آهن. پاپ جو نرماڻ تڏهن ٿئي ٿو جڏهن اسين مٿيا کي پڪڙيون ٿا. جيون ۾ مٿيا ته رهي ٿي ليڪن جيون مٿيا نه آهي. جيون جو هڪ هڪ پل، — پل، جو پل بعد پل لٿو رهي — پل جو ستيه آهي؛ انجو نه رهڻ به ستيه آهي، انجي نه رهڻ جو اثر به ستيه آهي. هڪ پل جو ٻئي پل تي اثر پوي ٿو؛ پوءِ به پل پل وچ ڪڙي هوندي آهي — انتر رهندو آهي. انتر، جو اسين پنهنجي جيون ۾ ڪنهن طرح شايد نه به محسوس ڪريون؛ جو ته موت بعد جا آهي، اسين اهو ڄاڻون ٿا. پوءِ سامهون وارو ماڻهو، جو هڪ پل ۾ هوندو آهي، اهو ٻئي پل ۾ نه به هوندو آهي. مرليوَ ٿي هنجي نه هٿڻ جو سنگ- نشان هوندو آهي. مرليو جو اهو سنگ- نشان پل پل ۾ سنبند ڏيکاريندي به هڪ پل کي ٻئي پل کان الڳ ڪيو ڇڏي. اسين پل پل پيا نهون ۽ بگڙجون. ڪهڙي

پل ۾ ڇا ھوندو، اھو اسين صرف ان ڪري ئي نٿا ڄاڻي سگھون، ڇو جو گذريل ھڪ ھڪ پل جي اثر کي اسان صحيح معنيٰ ۾ نه ڄاڻو آھي. ۽ ان ”نه ڄاڻڻ“ مان متيا کي جيون ملي ٿو. ان متيا جي جيون مان ئي پاپ جو نرماڻ ٿئي ٿو. تڏھن ئي اسين پل پل جي بڻايل راھ تان ڀٽڪي ويندا آھيون ۽ جيستائين پل پل جي اثر کي سمجھون نٿا، تيستائين پاپ ڪندا رھون ٿا. پاپ نه ڪرڻ سان به مرنيو ايندو آھي، ليڪن پاپ نه ڪرڻ سبب اھو محض پل پل جي سمجھ ۽ انتر جو سنگم - نشان نٿو بڻجي، اھو ته خود جيون جو ھڪ اُمت يادگار ٿيو وڃي......

تڏھن ته والميڪ اڄ به زنده آھي. ويد وياس به زنده آھي. ڪاليداس به زنده آھي ته ٽئگور به زنده آھي. شيڪسپيئر به زنده آھي، ورڊس ورٿ به، ٽالسٽاءِ ۽ مئڪسم گورڪي به ته شاھ عبدل لطيف به......بدّ به زنده آھي، مارڪس به زنده آھي ته گانڌي به......

منھنجي ھردي ۾ باريڪ پاوناٿن جو پرواھ چڙھي پيو ھئو......

منھنجو منھن ھاڻ شاردا جي ھٿن ۾ ھئو.

......ته ڇا مان به جيون جي متيا جو شڪار ٿي ويو آھيان. ڪھڙي پاپ مونکي متيا جو شڪار بڻايو

آهي ؟ ليڪن هڪ متر جو تالو زبان تي اچي، اهو ڇا پاپ آهي ؟

وقت جلد ئي سان ڪنو هلندو آهي. پل جو وچ، وقت جو هڪ پل اچتي وڏو آهي. ليڪن اُنجي ڏکر ۾ هڪ چال آهي، سک ۾ بي. ڪتي پل يگ آهي، ڪتي يگ پل. جو سنسار جو الهاس جاڻي ٿو، اهو آد ڪال کان ڪيل منش جي وڪاس جو درشن هڪ پل ۾ پائي سگهي ٿو. جو نتو جاڻي، اُنکي انيڪ يگ لڳي سگهن ٿا اُنجو درشن پائيندي. اهو ئيو پل جو پرياڻ!...... ۽ اهو پل سک سمي پنهنجو پرواه تيز ڪيو ڇڏي ۽ ڏکر ۾ جڻ جڙ پٿر بڻجي پاڻ کي بهارِ يو ڇڏي ......

۽ مون ائين محسوس ڪيو، وقت ٻهجي ويو آهي...

شاردا جي هٿ جي هلڪي ڇهاءُ، منهنجي سيني ۾ اُنندڙ آنديءَ کي هڪ پل ۾ شانت ڪرائي، پٽي پل ۾ مونکي شونيه جي سنسار ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو؛ تڏهن مونکي سوچڻو پيو هئو ته ڪال جي ٻهجي وڃڻ پٺيان ڪهڙو ستيه هو...... پر مان وڌيڪ ڪجهه به سوچي نه سگهيس ۽ مونکي اها به خبر نه پيئي ته شاردا جي سپرش ڪيڏي مهل مون ۾ ننڊ جو خمار پيري ڇڏيو ۽ مان اُن آرام ڪرسيءَ تي ئي ڍرڪي ويس.

جڏهن اک کلي تڏهن ڏٺم هوءِ چانهه ناهي رهي هئي. سامهون واري گهڙيال ۾ ٻه ٿيا هئا - يعني ٽي ڪلاڪ لي سڌ پيو هئس. انهيءَ مان ڪنهن به ڪجهه نه ڳالهايو. چانهه ڪان اڳ به نه ۽ پوءِ به نه...... ڪمري مان نڪرڻ مهل به نه......

گهر اچي مون شيلا کي پيو خط لکيو. ڪيس ياد ڏيار يم اهو ڏينهن، جنهن ڏينهن هن جو هٿ منهنجي ڪلهي تي هئو؛ منهنجون نظرون هن جي چهري تي.... اکين ۾ نير ڪنيو هوءَ چئي رهي هئي: تو ۾ منهنجو وشواس آهي شيکر!؛ ۽ اڳ لکيم شاردا جي هلڪي ڇهاءُ تي - لکيم، ڏسانئو، آخر اچي وئي آهي هڪ سرل وشواس منهنجي جيون ۾....

هڪ رات گوتم چيو، ”سامهون جو شخص ڇيٽو، انکي ڪون ڄاڻين تو شيکر؟“
چيم، ”نه تو ڄاڻان - ڄاڻڻ جي اڇا به نه آهي.“

”تو ان ڏينهن شاردا جي جيون جو پڇيو هئو نہ؟ —
اڄ ڪجهہ ٻڌ ندين؟ ڇو، تنهنجي پيشانيءَ ۾ ريکائون
ڇو؟ شاردا ڪانهي، انڪري تو ٻڌايان؟ — نہ نہ نہ....
ان ڏينهن تون شاردا وٽ ويو هئين نہ، وچي شو نہ
۾ گرفتار ٿيو هئين نہ، تڏهن خيال آيم تہ...... “

تہ ڇا شاردا ڪيس سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو هئو؟....

”ٻڌ،“ هن چوڻ شروع ڪيو، ”اهو شخص شاردا
جو ڀڳت اٿئي. “

هو چوندو رهيو ۽ مان ٻڌندو رهيس.

شاردا جي جيون ۾ ٻہ شخص آيا هئا. ٻئي گوتم
جا دوست.

هڪ پيار ڪيو، جو شادي ڪيل هئو ۽ ٻئي پيار ڪيو،
جو مڱيل هئو. پيار جو واسطو صرف زبان تائين ئي
رهيو هئو. ليڪن هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين مان
شاردا گوتم وٽان سڀ ڄاڻي ويئي، تڏهن اهو ناٽڪ
بہ ختم ٿي ويو ۽ جيتوڻيڪ ناٽڪ ۾ ناٽڪا هڪ ئي
وقت ٻن سان پريم ۾ ڪڏهن بہ نہ آئي......

ٻئي جي بہ شادي ٿي ويئي، ليڪن بدنصيب
هنجي پتني هڪ ٻہ جيو بار کي جنم ڏيڻ جي ڪن
گهڙين بعد پاڻ بہ ٻہ جيو ٿي ويئي ۽ هن، پتنيءَ جي
حق ۾ نہ رهي، هڪ دفعو وري بہ شاردا ڏانهن لاڙو
رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ليڪن گوتم معرفت....
پنهنجي آزادي ۽ شاردا پڳتيءَ جا گيت ڳائي......

ليڪن گوتم اهو نه ٻڌايو ته شاردا جي هن ۾ ڪا دلچسپي نه هئي.

پهرين شخص جو نالو هو راجن، ٻئي جو سرگم. شاردا جي جيون جي پرڇي پائي مان جليو ته هئس، ليڪن شاردا جي محڪمتا منهنجي ان جلن کي گهٽائي ڇڏيو.

۽ ان رات گوتم جي ماني ۽ پيڻ جو پروگرام هئو سرگم جي گهر. ٻه چار ٻيا ٻه دوست گڏ ٿيا هئا. گوتم مونکي دعوت ڏني جا مون مرڪي نا قبول ڪئي.

ان ڏسي رات نهايت پريشان مزاج ۾ شاردا وٽ وئس. ننڊ ڪونه ڪيم، صرف دروازي تي هلڪو زور ڏنم. دروازو کليو ته نه ليڪن پهرين ڪمري جي بتي ٻارڻ سان گڏوگڏ هڪ سوال ضرور ڪيو ويو....

”پروگرام ڇا ڪئنسل ٿي ويو ياڻو؟“

”نه، مان ياڻو نه آهيان.“

”تون!“

يڪدم دروازو کليو. شاردا جي نظر پهرين مون ڏانهن، پوءِ چانڊني رات جي ماحول ڏانهن ۽ پوءِ ڪمري اندر رکيل گهڙيال ڏانهن وئي.

ڏهه ٿيا هئا.

چيم، ”ها، ماں.“

”اچ“

ماں چپ.

”ڇا ٿيو؟“

ساڳيو ئي سوال: ڇا ٿيو؟ - ليڪن ماں ڇا ساڳيو جواب ڏيئي سگهيس ٿي؟ ڪجهه ڪونهي، مون چنچل آهي نه، خواه مخواه .... شيلا هجي ته ڪاپ ڳالهه دل ۾ رهندي ئي نه هئي. ليڪن شاردا کي ڇا ماں چئي سگهان ٿو: ڪجهه ڪونهي شاردا، من ذرا چنچل آهي نه، خواه مخواه پريشان ٿيو وڃي! دل ۾ اٿيل هن طوفان کي لڇ ڏ پاڻٺو ٿي پوندو......

”معاف ڪج شاردا، مونکان غلطي ٿي ويئي آهي. مون کي هڪ پل جي هزارين ڀتيءَ جيتري عرصي لاءِ به اهو خيال نه آيو هئو ته تنهنجي نظر گهڙ پال ڏانهن به....“

هاڻ هوءَ به منجهي بيٺي رهي.

”شاردا...... تون مونسان ... ..“

هن اندر اچڻ لاءِ اشارو ڪندي، ڪرسيءَ جي پنيان بيهندي چيو، ”توسان...... ليڪن ڇا؟“

مون اندر ٿيندي چيو، ”تون مونسان شادي ڪنديںءَ؟“

”شادي! ...... وري ٿوڪي ڇا ٿي ويو؟“

”بڌاءِ ڪنديںءَ؟“

”پر ٿوکي ٿي ڇا ويو آهي؟“

”اهوئي ته مون پاڻ کي پاوناڻن جي پرواه ۾ ڇڏي ڏنو آهي.“

هن هڪ لڪي نظر سان نهاري ٽهڪ ڏنو.

يعني ايمان! .... مون ديوار کي ٽيڪ ڏئي، دل مان اٿندڙ درد جي ڪراه کي، دل جي اندر ئي ختم ڪرڻ لاءِ، پنيءَ سان ديوار کي زور ڏنو؛ ائين ڪندي پنهنجو پاڻ کي دل سان چيم: ڪر ايا به. پوءِ، رک پنهنجي من کي چنچل ۽ پوڄ هيءَ انتظ ـ ڪرڻ جي لوچ ....

”ته تون ٻڌيءَ ڪان ڪم نٿو وٺين.“

زور روڪي، درد ڀري لهجي ۾ چيم، ڪيئن شاردا!“

”تو پاڻ کي پاوناڻن جي پرواه ۾ ڇڏي جو ڏنو آهي.“

ساڳئي لهجي ۾ چيم، ”جيڪڏهن ڪنهن جي طبيعت ۾ سچائي آهي ته انکي پاوناڻن جو پرواه ڪڏهن به غلط منزل ڏانهن نه وٺي ويندو.“

هن ڪو به جواب نه ڏنو.

”ٻڌاءِ، شادي ڪندينءَ؟“

”نه!“

نه! هڪ گهري چوٽ!

”نه، ليڪن ڇو؟“

”ان ليڪن کي رهڻ ڏي.“

”ليڪن اهو به ڇو؟ تون منهنجي هيترو قراب

جو آهين.“

”مونکي قريب پائي ني شادي جي آڇ ڪري رهيو آهين نه؟“

”شايد.“

”۽ اهو نٿو سوچين ته جا ايترو جلد ڪنهن جي ايترو قريب اچي سگهندي آهي، اها ڪمزور به ٿي سگهندي آهي.“

استري ۽ ڪمزور؟ ٿي سگهي ٿي، ليڪن مان نٿو مڃان - مونکي زندگيءَ ائين سيکاريو ئي ڪونهي.... چيم، ”ائين نٿو سوچيان.“

”توکي سوچڻ گهرجي.“

”ليڪن ڇو شاردا؟“ هاڻ ديوار جو سهارو ورتو هئم.

”اهو به ممڪن آهي ته قريب وڃڻ منهنجو سڀاءُ هجي. مان شايد اڳ به ڪنهن جي قريب ويئي هجان ۽ اڳيان هلي به........“

”پوءِ به هن وقت صرف منهنجي قريب آهين.“

”ڇو ته هن وقت منهنجي سامهون صرف تون آهين.“

هڪ ٻي گهري چوٽ!........

”شاردا!“

”سچ ڪڙو ٿو لڳيئي نه.......“

”اڄ مان تنهنجو کهڙو روپ ڏسي رهيو آهيان.“

”شايد مان ئي ياونا ڄي جي پرواهه ڄ آهيان.“

” تون ايترو سخت ٿي سگهين ٿي ، ان ٿي مون کڏهن به نہ سوچيو آهي .“

” جنهن ٿي تو نہ سوچيو آهي اهو تنهنجي ” ٿي سوچڻ “ تائين محدود نہ آهي .“

” شاردا !“

” جي شيکر .“

” تون ڇا مذاق ڪري رهي آهين ؟“

” نہ شيکر .“

” پوءِ ٻڌاءِ ، مون سان شادي ڪندين ؟“

” ڇگوهڪ سوال پڇانءِ ،“ هن مشڪي چيو ” پوءِ شايد چاهيان .“

” پڇ .“

” تون مونکي ڪارائيندين ڇا ؟“

” جو مان کائيندس .“

” رهائيندين ڪٿي ؟“

” دل ۾ .“

” ليڪن مان تہ پورا پنج فوٽ ۽ ع انچ آهيان ، تنهنجي دل تہ ......“

” تہ تنهنجو مطلب آهي تہ بيڪار هٿڻ جي ڳالهہ مونکي شادي ڪرڻ جو انڪار نہ آهي .“

” شايد هجي بہ .“

” ڇا هجي ؟...... ” هجي “ لفظ مطلب سان تو وجهي يا انڪار سان ؟“

”نه هاڻ نقاد ڳالهائي رهيو آهي.“
”نه تون جواب ڏيڻ نٿي چاهين.“
”جواب نه ڏيندي پيئي اچان.“
”ليڪن صاف جواب.“
”صاف جواب به ڏنو اٿم.“
”يعني نه...... يعني جيون جي بي ناڪامي.“
”بيناڪاميءَ جي پرواهه سبب.“ هن وري به ٽهڪ ڏنو.
”شايد تنهنجو مطلب شايد اهو آهي ته جي خون ڪري سگهندو اهيان.“
”تنهنجو مطلب شايد اهو آهي ته جي خون ڪري سگهندا آهن، صرف اهي ئي نقاد ٿي سگهندا آهن، ڪريٽڪ ۽ هنسا جو ميل نه ڪڏهن ٿيو نه آهي.“
ڪجهه عجيب غصي وچان مان شاردا کان دور ٿي دروازي ڏانهن وڌيس.
...... نه ايندو هاڻ شيکر شاردا وٽ. اچي به چو؟...... اچڻ لاءِ رهيو ئي ڇا آهي؟ اوهه هي منحوس چنڊ! ڪوئي هنکي ٽوڙي ڇو نه ٿو؟ اڄ مان پرهماتما کي ٽوڙڻ جو سوچي به نٿو سگهان. زندگيءَ مونکي اهڙو ته ٽوڙيو آهي جو استرا ٻڌجي بهي به نٿو سگهان- اڙي پاڳل، ڇو لڳائي ٿو دل؟- ڪيڏانهن ويئي شيلا، منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي، مون پر وشواس جو پاڻ رکڻ واري شيلا...... اڄ اچي...... ڪوئي به اچي منهنجي رهبر جيون پر. صرف ڪلهي تي هٿ رکي چوي: هل هلئي. ڪڏهن مان هليو ويندس. پڇندس به

ڪرڻ: ليڪن ڪرڻ ڪير؟- منهنجو هاڻ ڪنهن سان مطلب ڪونهي - بس ڪوئي ته اچي، اچي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي ... چوي: هل ساٿي ... هل.

”شيکر.“

مان دلي طور ڏڏي ويس.

شاردا اڳيان وڌي اچي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو هئو، ”هل شيکر.“

”ڪيڏانهن؟“

”اندر.“

مون پرپان ڦري شاردا کي پنهنجين پانهن ۾ .... ڏالسناءِ چوي ٿو: جيڪي آبلا ئي بتلا ٿي جاچي ڏسو، تڏهن ئي توهان کي انهي اصلي روپ جي پوري خبر پوندي؛ پوءِ به منهنجي من ڇو چاهيو ته بس وڌ پڪ نه آهي سوچڻو. نه جيون - ڪويتا کي پڙهي انجو رس وٺو آهي، انهي ست ست کي پچي نوڙي انهي آتما کي نه آهي مارڻو........

ڪيترو نه سک ٿو ملي ڪنهن کي پيار ڪرڻ ۾...

چيم، ”مان به سڀ ڄاڻان ٿو شاردا - تنهنجي ماضي ڄاڻان ٿو. ليڪن مونکي تنهنجي ماضيءَ سان ڪوئي مطلب ڪونهي. مان مستقبل ۾ به توکي ڪو پنڌ نٿو رکڻ چاهيان. تون مون سان شادي ڪرڻ ان لاءِ به مان توکي هاڻ ڪجهه نه چوندس. اڄ ليڪن جڏهن مان تنهنجي اکين ۾ آنسن جي هلڪي ڌارا

ڏسان ٿو ته ڌڻ سيني جي اندر اها تمنا ضرور ٿي
ٿڙپي ته ڪاش! اسانجي سواسن جو سنبند ڪڏهن به
نه ٽٽي ...... ته اهي زلفن جون گهٽائون، شوخين جون
ٻجليون، سواسن جو سنگيت شل سدا قائم رهي."

ڏيري ڏيري هوءَ سلجهي دور ٿي ويٺي.

"منهنجي ماضي چاهين ٿو؟"

"چاهيان ٿو."

"پوءِ ٻه اٿرو ٻڌ ٻڌ؟"

"ٻڌ ٻاپ ته نه آهي."

"ليڪن منهنجي جيون ۾ پاپ هجي ته؟"

"ڪمل جو گل هميشه پاڻيءَ کان مٿي رهندو آهي."

"ته پاپ آهي مڃين ٿو؟"

"ڪمل جو گل صرف گندي پاڻيءَ ۾ نه رهندو آهي."

هوءَ اُوڪ ٻڌي منهنجو منهن تڪيندي رهي.
مون مرڪيو ته هن چيو، "ته تون ڪوئي جيان ڳالهائيندو آهين ۽ تنادن جيان بحث به ڪندو آهين."

"جيان چا، مان ته ٻئي آهيان."

"۽ اُنجي اندر ٿي ٿوڪي اچي منهنجي سامهون ڪڙ و ڪيو آهي."

"انجو مونکي دک آهي."

"۽ دک، سکن جي سونهن ...."

مون هنجي ٻنهي ٻانهن کي پڪڙي چيو، "دک

جي ڳالهه نه ڪر شاردا! ...... سک جي هن انمول گهڙين ۾ دک جو نالو ئي نه وٺ ...... زندگيءَ مونکي ايترو نه پوڄارو آهي جو دک جو نالو ٻڌڻ سان ئي اندر مان ڪجهه ڇڄڻ ڏڏي لڳو وڃي. اڄ آهي ته راحت، ليڪن مون لاءِ اصل ۾ سکي جيون جي ٻه پاسا آهي- هاڻ ڏسج هن شيکر جي محبت."

"رهڻ ڏي" هن چيو، "ڇا انجام تو ڪرين؟"

"جيون جو ٻيو پڻ انجام: توکي نه ڇڏيندس."

"ڏس شيکر، مونکي انجام اقرار پسند نه پوندا آهن."

"ڇو شاردا، تو ڇا مونکي راڄن جا سرگرم جهڙو سمجهو آهي؟"

"جي انهن جهڙو نه آهين ته انهن جهڙيون ڳالهيون به نه ڪر."

"شاردا" مون تيز ٿي چيو، "شيکر کي اوشواسي سمجهڻ جو ساهس ڪير به نٿو ڪري سگهي." روڪجي، "خير رهڻ ڏي- تون مون ۾ وشواس رکين، اها ڳالهه مان تو تي مڙهڻ نٿو چاهيان؛ ليڪن ايترو ضرور چوندس ته ڪنهن وقت ڪنهن مونتي ڪيترو وشواس ڪيو هئو، اهو ٻڌي تون شايد عمر ڀر پنهنجي ان اوشواس جي زيادتيءَ سبب پاڻکي معاف ڪري نه سگهين."

هن ٻانهن کان پڪڙي، اڳ ۾ ئي پڇيو، "ڪيهن
ڪيترو وشواس ڪيو هئو، ٻڌاءِ، مان ڄاڻڻ چاهيان ٿي."
"ڇڏ،" مون چيو، "اڄ نه ٻڌائيندس. اڄ ٻڌائي
مان زوريءَ هن ناتي کي بهتر ڪرڻ نٿو چاهيان.
ڇو جو مون زندگيءَ ۾ زوريءَ ناتي جوڙڻ کي ڪڏهن
به سداچار نه سمجهو آهي."
هن ٻانهن ڇڏي، مشڪي چيو، "۽ تنهنجي آڇ؟"
"اها آڇ هئي ۽ اُن ۾ سداچار خلاف ڪجهه به
نه هئو."
هوءَ کلڻ لڳي. چيائين، "پلا منهنجي اوشواس
جي ڳالهه ڪئي؟"
مون به کلي چيو، "پلا ئي نه سگهندس."

۽ مان پلا ئي نٿو سگهان نه پوءِ جو داستان بلڪل
مختصر آهي. شيلا لکيو هئو نه هوءَ ڏياريءَ جي
موڪلن ۾ ڪرشن سان گڏ چيمبر اچي رهي هئي ۽
هنکي مون سان گڏجڻ جو اينترو اُساهه نه هئو، جيترو
شاردا سان. ليڪن اهو نه شيلا به نٿي ڄاڻو نه شيلا ۽
منهنجي معرفتا جي ڪهاڻي ٻڌي، جنهن پوئي هلي
شيلا سان گلي ملي گڏجڻ جي خواهش ڏيکاري هئي،
اها شاردا ئي هئي.

شاردا !......

اُن ڏيهن آرام ڪرسيءَ تي ليٽي، پاڻهين ٻولڻ وراڻي، نظر سامهون ڪرسيءَ تي ويٺل شاردا جي چهري تي کپائي مون چيو، ”تون منهنجي آهين ... سچي سموري!“

هن سوڪيمر مسڪرايو.

”۽ مان ......“

”۽ تون منهنجو ...... هڪ شاندار بزنيس!“

”بزنيس؟“

”هڪ اُتم سود يبازي.“

”اهو ڪيئن؟... سود يبازيءَ ۾ ٻنيان لاءِ ڪيترو رهندو آهي.“

”ها رهندو آهي. صرف ٽڏهن چيم: هڪ اُتم سود يبازي.“

”تون ڇا منهنجي نه آهين؟“

”مان نه وشو جي آهيان.“

”وشو جي! ليڪن تون وشو سان شادي نه ٿي ڪري سگهين.“

”ها، ٿي ڪري سگهان، ليڪن سنساري معني ۾.“

”سمجهيم – ان تي نه مان ذرو به ارهو نٿو ٿيان.“

”ليڪن مان سچي سموري تنهنجي ڪئي ٿيس؟“

”تون شايد آتمڪ لاڙي جي ڳالهه ڪري رهي آهين.“

”ها! ۽ مان صرف جسم نه آهيان.“

”ليڪن وشو جي هئڻ جو مطلب ؟- اُنهُر ساڏن کهڙو؟“

”توّن ڪلاڪار آهين نه ...... ڪلا کي جيون ۾ سڪ پرڻ جو ساڌن سمجهندو آهين نه ...... ليڪن جنهن جيون ۾ تون سک پرڻ چاهين ٿو، اها صرف تو ڏانئين محدود هجي نه پوءِ ڪلا جو نرماڻ ٿئي ٿو ڇو- پوءِ ڪو ڪوي ڪويتا لکي ٿو ڇو— لکي اُنکي ڇاپي جي پستڪ ۾ ڇپائي ٿو ڇو؟ ڪويتا جو نرماڻ ڪندي، تو ڇا ڪڏهن ائين محسوس نه ڪيو آهي ته ڪو آهي جو توکي ڏسي ورتو، ڪو آهي جو توکي ٻڌي ويٺو؟ اُهو ڪير آهي ؟ اُهو جيڪڏهن پرم آهي ته اُهو بصورت پرم آهي، ڇو جو، ڪلا جو نرماڻ ڪندي جيڪڏهن ڪير ائين محسوس نه ڪري ته شايد نرماڻ ڪرڻ ئي ڇڏي ڏي! اڪيلائي ڪويتا جو موضوع ٿي سگهي ٿي، ليڪن اڪيلائي ۾ سمورو جيون پري نٿو سگهجي. مانوتا، وشو روپ انسان جي جيون جي آتما آهي ۽ مان مانوتا جي سهاري، سموري وشو جي سيوا ڪرڻ چاهيان ٿي. تنهن ڪان وشال جو ارٿ ٿو محض ان ۾ سمايل آهي.“

مان چپ.

”ھاڻ د يس آزاد ٿي ويو آهي. ملڪ جي اڏاوتي ڪارڻ جي مان ڇا ڀوڳيم نه آهيان - مان ڪاليج نه پڙهي آهيان، ليڪن سڪول جا سڀ درجا سٺ سال اڳ پاس ڪري چڪي آهيان - تڏهن ڇا ان تعليم جو فائدو نٿي وٺي سگهان؟...... اڄ ٿي نه ماستري جي آڇ آئي آهي، مان ڇا ان آڇ کي ڇڏي ڏيندس.... ڇي آئينده جا مالڪ ٻيٽا آهن، تنکي ناهڻ ۾ ڇا مونکي پنهنجو من نه ڏيڻو پوندو؟ - پوءِ مان سڄي سموري تنهنجي ٽيس ۾ ڪيئن؟“

تڏهن مان مرڪي رهيو هئس.

تڪر ۾ ڪنور ۽ شانتيءَ ۾ ڪيتري نه ستيه مٽي آئي هوءَ.

جتي سڏائنت جي ڳالهه آهي، اُتي هوءَ ڇڻ جهڪڻ جي ئي نه آهي.

اُن ٿي رات هن چيو، ”ڏس شيکر، پاڻو نتو چاهي نه ٿون هتي اچين.“

مان ساڳي آرام ڪرسيءَ تي هئس ۽ هوءَ منهنجي پٺيان بيٺي هئي. گوتم، سرگم سان گڏ هڪ پڪچر تي ويو هئو.

مون ڪنڌ مٿي ڪري چيو، ”ڇو؟“

”ڇوي تو نه مون اڳم ۾ ٻه دفعا دوکو کاڌو آهي.“

”دوکو کاڌو نه کائڻ کان بچي ويئي آهين. پرئم

ڪ هئو، لاڏ هن ڪ اهو سبب ڪ ڏو،ڪو ٿيو نه. ليڪن اڻ پر هو ڪامياب ٿي نه سگهي!"

هاڻ هوءِ سامهون واري ڪرسيءَ تي اچي ويٺي.
مون وري به هنجي چهري تي نظر ڄمائي ڇيو،
" اڄ مان گولر کي صاف صاف چوندس ڪ مان تو سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو."
" پر هو قبول ڪندو؟"
" ڇو؟"
" تون بيڪار جو آهين."
" بيڪار آهيان، ليڪن هميشه بيڪار رهندس اهو ضروري نه آهي."
" درحقيقت هنجي من ۾ هڪ ٻي ڳالهه آهي."
" ڪهڙي؟"
" هاڻ مان توکي ڇا ٻڌايان."
" پلا نه ٻڌاءِ، مان خود ئي هن کان پڇندس."
" ڇگو ٻڌ...... هو سرگرم آهي نه......"
تڏهن اُن وقت ٻاهران آواز آيو، " شاردا"
آواز گولر جو هئو. هنجي اچڻ ۾ اڃا ڪلاڪ ڪن پيو هئو. هنجي اچڻ کان اڳ مان هليو وڃڻ ٿي چاهيو، انهن ڪ برابر نه هئو، پوءِ به اُن وقت ڪيس ايندو؟ پهنجي ئي گهر جي ٻاهران ٻهي پيئڻ ڪي سڏ ڪندو ڏسي مان ڪجهه سراسيمي ويس.

شاردا اُٿي، اڳيان وڌي عجب وچان چيو، ”اهو ڇا پانو، پنهنجي گهر جي ٻاهران ......“

”گهر؟“ هن اندر اهڙي چيو، ”هاڻ اهو صرف منهنجو گهر ڪٿي رهيو آهي!“

هن مون ڏانهن نهاريو به ڪو نه.

”مان اڄ تنهنجو ڪهڙو روپ ڏسي رهي آهيان پانو!“

”روپ جي ڳالهه تي ڪر اِن!... تو پنهنجو روپ ڏٺو آهي؟“

”پانو!“ شاردا گويا چيخ ڪئي، ”مان - ايمان نٿي چاهيان، ته هن به اهو سڀ مان برداشت نه ڪري سگهندي بس.“

”چوڌاري ٻاهر وڃڻ جون راهون کلي ويئون آهن.“

”راهون ڪڏهن به بند نه ٿينديون آهن.“

”ها چاهيان ٿو، تو ڪڏهن به پاڻ ڪي حالتن جو داس نه سمجهو آهي. تون حالتون ٺاهي سگهندي آهين. ٻين جي حالتن سان لڙي سگهندي آهين. حالتن سان ٺاهه ڪمزوري سمجهندي آهين. مان سڀ چاهيان ٿو... تنهنجو لڙڻ به ... نه جهڪڻ به.“

شارد کلي ڏنو.

”تون نه منهنجي فائدي ۾ ڳالهائي وئين پانو، پوءِ نه تنهنجو پاسو ڪمزور ٿي ويندو. پانو هوندي به ليڪ آهين نه ... تنهنجي نس نس ۾ سچائي ...“

گوتم جڻ بيهاد ڪان اکڙجي ويو.

آهستي چيائين، "اڇڙو ڪو نه هئس، پوءِ به آيو آهيان. اڄ پڪيري تان اُتي آيو آهيان... اڄ منهنجي من ۾ هڪ گمان جاڳيو هئو...... تون به نه ستيه جي اُپاسڪ آهين نه...... پوءِ تون سرگم جي پوڄير جو قدر......"

"چئه...... ڪجهه وڌيڪ چئه."

"هو نه تنهنجي پوڄا ڪرڻ ٿو چاهي."

اهڙيءَ ڳاٽيل فضا ۾ شاردا کان هڪ ٽهڪ نڪري ويو.

"جئيس مان اڃا زنده آهيان. پوڄا جي ڪڙي ضرورت نه آهي. جيڪڏهن پوءِ به هو پوڄا ڪرڻ لاءِ آتو آهي ته جئجس سنسار ۾ اڃا به ڪيترا سنگتراش موجود آهن، ڪنهن به هڪ کان منهنجي مورتي ٺهرائي منهنجي پوڄا ڪري سگهي ٿو."

ڪن گهڙين لاءِ خوفناڪ سناٽو......

"پر تون نه ساتي ڳولهڻ ۾ هميشه غلطي ڪئي آهي."

تڏهن مون هڪ تکي نظر سان گوتم ڏانهن نهاريو.

گوتم جي نظر شاردا ۾ هئي.

"۽ ان غلطيءَ جي واقفيت به تو مان ئي ملي آهي."

"تڏهن به منهنجي معنيٰ؟"

"جڏهن مان ڏسان ٿي ته تون منهنجي جيون جو

فيصلو پورو پورو نٿو ڪري سگهين، تڏهن ئي مان توکان ڪٽجي دور ٿي ويٺي آهيان."

وري به ساڳيو سناٽو......

„چڱو مان هلان ٿو." هو اٿي وڃڻ لڳو. سندس اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو هئو. دروازي وٽ روڪجي پويان منهن ڪري چيائين، „اڄ مان ڪيس سڀ ڪجهه صاف صاف چئي ڇڏيندس."

هو ويو ته شاردا جون اکيون ڀرجي آيون.

مان اٿيس ته يڪدم اڳيان وڌي آئي. منهنجي ٻنهي هٿن کي ڪرائن کان پڪڙي چيائين، „ٻڌاءِ شيکر، تون مونکي ڇڏي ته نه ڏيندين؟"

هيءَ اهائي شاردا هئي، جنهن چيو هئو: ڏس شيکر، مونکي انجام اقرار پسند نه ٿيندا آهن......
جنهن کي ان ڳالهه جي چنتا ئي نه هئي ته شيکر ۾ اوشواس اچڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا زيادتي ٿي نٿي سگهي......
اڄ اهائي شاردا ٿي پڇي: شيکر، تون مونکي ڇڏي ته نه ڏيندين! هن جا هٿ اڃا به منهنجي ڪرائن ۾ هئا.
مون پنهنجا ٻئي هٿ اڳيان وڌائي، هنجي منهن ۾ قابو ڪري چيو، „ڪجهه پڇ نه شاردا. انهي جواب توکي شيلائي ڏيندي. شيکر لاءِ سنسار ۾ وشواس جهڙي ٻي چيز ئي ڪانهي!"

سنڌ جي ليکڪن لاءِ

سنڌ جي مشهور ترقي پسند ليکڪن کي، سنڌي ثقافت گهر طرفان گذارش ڪئي ٿي وڃي ته هو پنهنجا مڪمل ڪتاب اسان جي اداري حوالي ڪن. اسان جو ادارو انهن کي مناسب معاوضو ڏيڻ سان گڏ انهن ڪتابن کي شاندار نموني سان شايع ڪرائيندو.

خط و ڪتابت لاءِ

پوسٽ باڪس نمبر ١٩،
جنرل پوسٽ آفيس حيدرآباد سنڌ

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنىٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِه ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ ڪي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني ڪي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻپڙهيلٽائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻپڙهيلن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوِ، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)